

# ممتاز ۽ دمساز

(تصويرن سان نئين سر سڌاريل)

مترجم

گل محمد آزاد صوفي

شاهه لطيف ڪتاب گهر

# ممتاز ۽ دمساز

(تصويرن سان نئين سر سڌاريل)

مترجم

گل محمد آزاد صوفي

شاھ لطيف ڪتاب گھر

گاڏي کاتو، حيدرآباد

2010ع

52

ڪتاب جو نالو: ممتازءِ دمساز
مترجم: مشتاق ”مسرور“ باريچو
ڇاپو پهريون: شاهه لطيف ڪتاب گهر 2010ع
ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: نائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر

قيمت: -/70 رپيا

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد
ٻتائي ڪتاب گهر- گاڏي کاتو حيدرآباد، رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو، نيشنل بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو، اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو، جنيد بوڪ ڊيپو، دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو، بدين، عزيز ڪتاب گهر، ٻراج روڊ، سکر،
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر، گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس، تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو، خيرپور
علي گل ڪوسو ميلي وارو، اعجاز مهيسر ميلي وارو
احمد علي مهيسر ميلي وارو

# ٻه اکر

اسان جي ليکڪن قوم ۾ اصلاح آڻڻ جي مد ـ نظر، ڪيترائي طريقا اختيار ڪري، قوم کي هر حيلي بهتر ۽ بالاتر بڻائڻ لاءِ، هر ممڪن ڪوشش پئي ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ مقصد برصواب ثيڻ لاءِ، سوين نه بلڪ هزارين تدبيرون عمل ۾ آنديون ويون آهن. اصلاحي آکاڻين يا قصن جو رواج آڳاتي دؤر کان هلندو پيو اچي. لکت کان اڳ واري دؤر کان پراڻو نسل نئين نسل کي پنهنجو تجربو مشاهدو ۽ وڏڙن کان ٻڌل ڳالهيون سندن اصلاح خاطر ٻڌائي سندن جاڻ ۾ واڌارو ڪندو آيو آهي.

ممتاز ۽ دمساز جو دلڪش داستان ڪنهن نه ٻڌو هوندو؟ ننڍيو وڏو ٻار ٻار ٻڍو سڀ هن کي دل سان چاهين ٿا. ڪتاب هٿ ۾ ڪڻڻ ڪانپوءِ، پڙهي پوري ڪرڻ کانسواءِ اڌ ۾ ڇڏي ڏيڻ، ڏاڍو مشڪل ۽ ڏکيو لڳندو!

هن بي بها قصي جي پروانن جي سهوليت ۽ بهتريءَ لاءِ، ڪتاب مان اجائي ديگهه ختم ڪئي وئي آهي ۽ ان جي سلسلي کي سهڻي ترتيب ڏئي، باتصوير بنائي، اصلوڪي ڪتاب جي طويل مضمون کي مختصر ڪري، حقيقت جي دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڇاپي جي نفاست ۽ نزاڪت، عمده پني جو استعمال جهڙين خوبين سان سينگاريو ويو آهي. اميد ته پڙهندڙن کي هي ڇاپو پسند ايندو.



# قصو شهزادي ممتاز ۽ وزيرزادي دمساز جو



**داستان پهريون**

## زرافشان جي بادشاهہ ۽ شهزادي ممتاز بابت

جهانن جو بادشاهہ تہ پروردگار پاڻ آهي، باقي زماني سارو زرافشان نالي ولايت جو آڳاتي زماني ۾ هڪڙو وڏو نالي وارو ۽ مشهور بادشاهہ ٿي گذريو آهي، جنهن جي ايڏي تہ وڏي حڪومت هئي، جنهن تي ڪڏهين بہ سج ڪين لهندو هو. هن بادشاهہ جو نالو بيدار بخت هو. هن جي حڪومت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. جهڙو هو عاقل ۽ دانشمند. تهڙو وري سوريهہ ۽ بهادر هو. عدل ۽ انصاف جي تہ هنڌين ماڳين اهڙي هاڪ هيس، جو شينهن ۽ ٻڪري ان جي راڄ ۾ گڏ پيا چرندا ڪائيندا هئا. تہ ڪنهن ڪي بہ ٻئي مان ڪو خوف خطرو ڪو نہ هو. دل جو سخي وري اهڙو هو جو حاتم جهڙي سخيءَ جو نالو بہ ان جي ناموس ۾ ماڻهن جي دل تان ڇڻ فراموش ٿي ويو. هن جي بادشاهيءَ ۾ هر طرح خوشي ئي خوشي هئي. بيداديءَ ۽ بربادي‍ءَ جو نالو بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو هو. بادشاهي شان موجب گهوڙا ٻيڙا، لاو لشڪر، سوار پيادا مطلب تہ لشڪر جو وٽس بي شمار تعداد هو جو هر وقت هٿيارن پنهوارن سان موجود رهندو هو. جيڪڏهن ڪو اندروني ان جو دشمن هو تہ اهو بہ دل جو دل ۾ رڳو پيو پاڻ کي پچائيندو ۽ پچرندو هو. مگر ظاهر ڪنهن بہ قسم جي همت ۽ جرئت ڪا نہ ٿيندي هيس. سندس رعيت تہ هر وقت مٿانس قربان پئي ٿيندي هئي.

هن وڏن مشهور بادشاهن سان مائٽيون ڳنڍيون هيون، جن پنهنجون نياڻيون کيس شادي ڪري پرڻائي ڏنيون هيون. ڪل ست شاديون ڪيون هئائين، جن ستن ئي راڻين منجهان هن کي ڏڻيءَ تعاليٰ مهرباني ڪري ست پٽ امداد ڪيا هئا. جن ۾ ڇہ پٽ جيڪي وڏا هئا، سي بہ ڏاڍا ڏاها ۽ بهادر. پر ستون پٽ جو سڀني کان ننڍو هو جنهن جو نالو ممتاز هو سو جهڙو سندس نالو عزت وارو هو تهڙو ئي سڀني گڻن ۽ خصلتن ۾ بيشڪ ممتاز هو.

هن جي سونهن ۽ حسن جو ڪهڙو بيان ڪجي، جو جيڪو هن جي شڪل هڪ دفعو ڏسندو هو سو هڪ دفعو تہ بيهي هن ڏي نهاري، قدرت کي ساراهي، پوءِ پنهنجي واٽ وٺيو هليو ويندو هو.

وري جهڙي هيس سهڻي صورت تهڙي هيس موچاري سيرت. انهن لڇڻن ۽ عادتن جي ڪري ٻه سيڪو رعيتي ماڻهو هن کي چاهيندو هو مگر رب تعاليٰ جي قدرت جي ريت نرالي. جو اهڙو سهڻو ۽ پسنديءَ جهڙو ٻار سو پنهنجي پيءُ يعني بادشاهه سلامت کي بلڪل ڪين وڻندو هو. هو پنهنجن ڀين ڀائرن ڇهن پٽن کي جيتري قدر گهرندو هو ۽ انهن سان جيڪا محبت هوندي هيس. تنهنجو ڪو تر جيترو حصو به هن شهزادي کي ڪين پائيندو هو. ان جو سبب هي هو ته شهزادي ممتاز جي ماءُ جا هڪڙي وڏي بادشاهه جي ڌي هئي ۽ ان بادشاهه به ڏاڍين منٿن معذرتن بعد ان راڻيءَ جو هن بادشاهه کي سڱ ڏنو هو پر قسمت جا ڍارا ٻنهي جا ڪي هڪ ٻئي کان مخالفت ۾ ابتا هئا. تنهنڪري شاديءَ کان پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ڪو ٻنهي جي دلين ۾ هڪ ٻئي ڏانهن وهم ۽ گمان داخل ٿي ويو سندن دليون هڪ ٻئي کان ناخوش ٿي پيون ۽ بادشاهه پنهنجي 6 راڻين ڏانهن اچڻ وڃڻ ۽ قرب محبت جو رستو جيترو وڌائيندو ويو اوترو هن راڻي ڏانهن گهٽائيندو ويو. مگر راڻيءَ جي قسمت به ڪا زور هئي، جو اميد واري ٿي پيس ۽ هڙو چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو املهه مالڪ پٽ خدا ڪٽي ڏنس. تنهنڪري خدا جا شڪرانا ڪري هلندڙ حلت تي راضي ۽ خاموش رهي. راڻي سياڻي ۽ عقل واري هئي، سمجهائين ته هي مڙيوئي ڪو ڏڻيءَ جو راز آهي. جنهن لاءِ صبر کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. ڏڻي ڪريم آهي، آخر ڏکن پٺيان سک به ملندا. جو قدرت جو دستور آهي.

شهزادو ممتاز اڄ ننڍو سيان وڏو آخر سمجهه لائق ٿيو. سموري ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته بادشاهه سلامت جو منهنجي ماءُ ڏانهن قرب جو ڪاڍو ڪونهي. انهيءَ ڪري هو مون ڏانهن به ڪو لاڙو نٿو رکي. پر حرڪت ڪانهي آخر به پيءُ قبلو ڪعبو آهي. نيٺ دل ۾ ٻاجهه اچي ويندس. وري خداوند ڪريم اهڙو ڪار ساز ۽ سببن جو پيدا ڪندڙ آهي. جو بادشاهه جو جيڪو وزير هو تنهنجي به ممتاز ۽ ماڻس سان ڏاڍي دل هوندي هئي. تنهن ڪري اهڙ ٻر وقت ممتاز ۽ ماڻس کي اهڙيءَ طرح سنڀاليندو هو جو ان سک ۽ آسائش جي ڪري بادشاهه جي نامهربانيءَ جو ڏک به ڪجهه قدر انهن جي دل مان جهڪو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح قصو هلندو رهيو ۽ سيڪو پنهنجو وقت گذاري وقت پاس ڪندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه جا ڇهئي پٽ پيءُ جي سلام تي ڪچهري ۾ اچي ويٺا. جن کي ڏسي پيءُ جي دل ٺري پيئي. دل ۾ خيال آيس ته شهزادا هاڻي لائق ٿيا آهن. ڇو نه انهن کي پرڻائي. پنهنجي جيئري ئي انهن جي آس اکين سان ڏسي ڇڏيان. سياڻي تي ڀروسو ڪونهي. الاجي ڪيترا ڏينهن جيئرو رهبو سو وزير کي سڏي اها ڳالهه ٻڌايائين. جنهن پاڻ پنهنجي راءِ ڏني ته قبلا اها ڳالهه اوهان جي برابر آهي. پوءِ ته يڪدم شهزادن جون تصويرون تيار ڪرائي، آس پاس جي بادشاهن ڏانهن موڪليون ويون. جن وٽ نياڻيون هيون. انهن کي ٻيلا ناڪار ڪرڻ جو سبب ڪهڙو؟ گيهه وجهندي ڪنهن جو مٿو تپندو؟ انهن ڏنو ته هيڏو نالي وارو بادشاهه اسان سان سڱ ڳنڍڻ ٿو گهري. تن خوشيءَ سان رشتو قبول ڪري هر هڪ پنهنجي نياڻيءَ جي تصوير تيار ڪري بادشاهه کي ڏياري موڪلي، جو پاڻ به خوش ٿيو ۽ محلات ۾ وڃي هر هڪ شهزادي جي ماءُ کي به اهي تصويرون

ڏيڪاريائين، جيڪي پڻ خوش ٿيون. آخر شاديءَ جو ڏينهن مقرر ٿيو. هتان وڏي ڄڃ بادشاهي لشڪر ۽ خزاني جي مدد سان تيار ٿي، گهوٽن کي سينگاري تيار ڪري وني، انهن ملڪن ۾ ويا ۽ ڏاڍيءَ ڌوم ڌام سان هرهڪ جي شادي ٿي. شاديءَ ۾ جيڪي راڳ روپ ۽ ٻيا تماشا ٿيا ۽ طرحين طرحين قسمن جا طعام تيار ٿيا انهن جو جي هتي ڪولي ذڪر ڪبو تہ رات وهامي ويندي، تہ بہ قصو پورو نہ ٿيندو ۽ مفت اوهان جو بہ وات ڳاٽي تي پوندو ۽ جنهن کي شاديءَ جي سڌ نہ هوندي، سو بہ يڪدم شاديءَ لاءِ تيار ٿي، مفت پنهنجي مائرن کي آزار ۾ وجهندو تنهنڪري آخر قصو مختصر تہ اهي ڇهئي شهزاده پرڻجي، پنهنجيون ڪنواريون وني، خير جواچي پنهنجي وطن پهتا. ان وقت کان وني هرهڪ لاءِ جدا جدا عاليشان بنگلو نوڪر چاڪر ٻانهان، ٻيلي، خدمتگار ۽ خرچ پکي لاءِ وڏا وڏا جاگيرن جا ٽڪر خاص انهن جي حوالي ڪيا ويا. سندن ڪم اهو هو تہ آرام سان کايو پيو پلنگن تي سمهيا پيا هوندا هئا. رڳو رات جي وقت ٿورو پورهيو ڪرڻو پوندو هون، باقي ٻي ڪا بہ ڏيتي ليتي يا ڳڻتي يا اون ڪانہ هوندي هين.

ويچاري ممتاز جو ڪوبہ اوهي واهي ڪونہ هو جو نڪو ٻانهون نڪو ٻيلي، ماءُ پٽ پاڻ ۾ وندريا وينا هوندا هئا. هڪڙو نمڪ حلال وزير جو سر هو جنهن کي انهيءَ ڳالهہ جو دل ۾ ڏاڍو ارمان هو. هڪڙي ڏينهن اهو ڏک جهلي نہ سگهيو اڪيلائي ۾ بادشاهہ کي عرض ڪيائين تہ ممتاز بہ اوهان جوئي ٻچو ۽ اوهان جي گهر جي پيدائش آهي، هو بہ هاڻي جوان اچي ٿيو آهي. بادشاهہ سلامت جيئن ٻين شهزادن تي هٿ رکيو تيئن ممتاز بہ حقدار آهي، پر بادشاهہ ان مهل ٻهانو ڏيئي ٽارائي ڇڏيو تہ ممتاز اڃا ننڍو آهي، پلي تہ وڏو ٿئي ۽ دنيا جي بہ خبر پويس، تہ پوءِ ان جو ويچار ڪبو اجان ڳالهہ وجي ڪانہ ٿي.

وزير ويچارو بادشاهہ جو رخ ڏسي، پنهنجي عزت جي ڊپ کان هائو ۾ هائو ملائي خاموش رهيو مگر تڏهين بہ جيڪو بہ وجهہ ڏسندو هو تہ بادشاهہ کي اها ڳالهہ ڦهڪائي ڏيندو هو. جڏهن بادشاهہ ڏٺو تہ هن مان جندي ڇٽندي ڪين، هاڻي ڪٿي نہ ڪٿي ممتاز کي بہ اٽڪائي ڇڏجي، تہ هن وزير مان جند ڇٽي پوي، نہ تہ مفت لوڪ ۾ بدنامي ٿيندي، سو خيال ڪري پنهنجي ياءُ جي ڌيءَ ان جي نالي ڪري ڇڏيائين ۽ وزير کي چيائين تہ هاڻي اميد تہ تون خوش ٿيو هوندين. حقيقت ڪري ممتاز جي اها [illegible]ت سونهن ۾ يا ٻين لڇڻن ۾ اگر بادشاهي ٻار هئي، تہ بہ ممتاز جهڙي ڪين هئي، تنهن ڪري وزير اها ڳالهہ ٻڌي ظاهر تہ ڪڇيو ڪين، پر دل ۾ ڏاڍو ارمان ٿيس.

هڪڙي ڏينهن ڳالهين ۾ ڳالهيون اچي نڪتيون ۽ هن کي بہ وجهہ ملي ويو تڏهن بادشاهہ کي ادب سان چيائين: جان جي معافي ملي تہ عرض ڪريان. بادشاهہ چيس: وزير بيشڪ خوشيءَ سان چئو توکي ڪنهن ڳالهہ چوڻ جي روڪ نہ آهي. وزير عرض ڪيو: بادشاهہ سلامت، شهزادو ممتاز بہ اوهان جو اولاد آهي، جئن ٻين شهزادن جون شاديون لاڏ ڪوڏ سان ٿيون آهن، تيئن سندس شادي ٿيڻ گهرجي.

تنهن کان سواءِ ان جي لاءِ جيڪا ٻانهن ڳولي وئي آهي، سابہ ان جي پيٽ جي نہ چئبي، هو

اڳيئي غمگين ۽ ملول گذاري ٿو آقي باقي هن شاديءَ هيڪاري ان کي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ ان جو جيئرو رهڻ بہ هاڻي ڏکيو پيو معلوم ٿئي، وڏيڪ سائينءَ جن وس وارا آهن.

بادشاھ کي اها ڳالھ ٻڌي غصو وٺي ويو. چيائينس: وزير تون منھنجو قديم نوڪر آهين، تنھن ڪري بيو ڪي وڏيڪ توکي نٿو چوان. اسان کان جيڪي پڇڻ سگهيو سو ان لاءِ پنھنجي نظر موجب چڱو سمجهي ڪيو اٿئون. پر جي ان کي پسند نٿو اچي يا توکي ان جو تاءُ ٿو اچي تہ تون پلي وڃي ملڪ بي نظير سان شادي ڪرائينس، آئون ناراض ڪونہ ٿيندس.

وزير اهو نٺوليءَ جهڙو جواب ٻڌي بلڪل چپ ٿي ويو جو سمجهيائين تہ شڪر جو عزت بچي ويئي، نہ تہ بادشاھ تہ پنھنجي پٽ لاءِ ڪو اصل ليڪو لنگهيو بيٺو آهي. رفتہ رفتہ اها ڳالھ ممتاز کي بہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ بابو هيئن ٿو چوي. اگر ان جي چوڻ ۾ هڪڙي قسم جي مسخري ۽ تعني جي بوءِ اچي ٿي، پر هاڻي ڪيئن بہ اها ڳالھ سچي ڪري ڏيکارڻي آهي. ملڪ بي نظير بہ اسان جهڙو انسان آهي، ڪا بهشت جي حور تہ ڪانهي جا هٿ اچي ڪين سگهندي. الله جي مقبول بندن کي پورهئي ۽ ڪمائيءَ سان بهشت جون حورون بہ آسانيءَ سان ملي سگهن ٿيون، سو اها ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي، نہ رڳو ان کي دل جي همت ٿي، پر هو ملڪ بي نظير تي اڻ ڏٺو ۽ پرپٺ عاشق بہ ٿي پيو سو يڪدم خاصا ڪپڙا ڍڪي، گهوڙي تي سوار ٿي وزير وٽ آيو جنھن ان جي اچڻ جو ٻڌي ٻاهر نڪري وڃي سندس استقبال جي رسم بجاءِ آڻي، عزت سان وٺي اچي ڪيس اندر وهاريو. ممتاز وزير کي چيو: آئون اوهان جي مهربانين جو ڏاڍو شڪر گذار آهيان. اوهان منھنجي لاءِ وقت بروقت جڙ تہ پنھنجو سر پئي سٽ ۾ ڏنو آهي. بابي جي بہ آئون پاڻ تي مهرباني ڄاڻان ٿو هو جو جيڪي بہ منھنجي لاءِ ڪري ٿو سو منھنجي ئي ڀلائيءَ لاءِ ٿو ڪري.

پرين سندي پار جي مڙئي منائي، ڪانهي ڪڙائي چکين جي چت ڪري

ڏس تہ بابي جا منھنجي شادي چاچي جي ڌيءَ سان ڪرائي ۽ منھنجي ڀائرن کي اتان سڱ نہ وٺي ڏنو سو بہ انهيءَ لاءِ تہ چاچي جي ملڪيت جو بہ آئون مالڪ ٿيان. اهو بہ ان بيشڪ منھنجي ڀلائيءَ ۽ فائدي لاءِ دور انديشيءَ جو خيال رکي ڪيو آهي. بيو تہ منھنجي ڀائرن کي هينئر ئي جدا جدا ملڪ حوالي ڏيئي ڇڏيا اٿس، جنھن مان هن جو مطلب آهي تہ مون کي ئي پنھنجو حقي وارث ۽ سندس تخت جو مالڪ ٺهرائيندو. ۽ هي منھنجي لاءِ جيڪو ملڪ بي نظير جو اشارو ڏنو اٿس، سو بہ منھنجي ڀلائيءَ جو سبب آهي، جو هو سمجهي ٿو تہ آئون ئي همت ۽ جرئت وارو آهيان ۽ اهو ڪم ڪري سگهندس، تنھن ڪري هاڻي آئون ان ڪم لاءِ تيار ٿي رهيو آهيان، پر هڪڙو تہ بابي کان اوهين موڪل وٺي ڏيو بيو تہ امڙ کان بہ موڪل وٺائي ڏيو ٿيون تہ اوهين بہ مون کي دعا ڪريو ۽ موڪل ڏيو. جيئن اوهان مون تي اڳ مهربانيون پئي ڪيون آهن، تيئن هاڻي دعا ڪندا تہ انشاءَ الله تعاليٰ ملڪ بي نظير وٺي اچي آرام سان حڪومت ڪندس.

وزير شهزادي جون اهڙيون دانشمنديءَ جون ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيو پر ڪنبي ٻه ويو ۽ چيائينس: ميان ڏٺيءَ جو نالو مڃ اهڙا ڪچا خيال دل مان ڪڍي ڇڏ.

اڻ ڏٺل ڳالهين تي وچي مغز جو ڪاپارو ڪرڻ اهو عقل وارن جو ڪم نه آهي. ڀلا قضا سان جيڪڏهن تون انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب نه ٿي سگهين ته پوءِ بادشاهه ته ڪٽي ماٿ ڪندو پر پيا ماٺهو ٺوڪون ڪندا. تنهنجا پائر ته اڳيئي توتي پيا سڙن، سو مفت انهن جا مهڻا چو ٿو سهين. مون کي خبر آهي ته بي نظير تائين هڪڙو ته پهچڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. هوءَ ڪوهه ڪاف جو ملڪ، جتي ديوَ ۽ پريون رهن ٿا، انهن جي حد تي آهي، جتي انسان جو وڃڻ ئي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ۽ پوءِ ٻه جي ڪو اُتي وڃي پهچندو ته وري ان جا ڪي سوال آهن، جي ڏاڍا مشڪل آهن. هزارها بادشاهه ۽ شاهزادا اُتي ويا ۽ سوالن جي پوري نه ڪرڻ ڪري، هن اُنهن جي سسي ڪپائي، ڪوٽ جي ڪُنگرن ۾ لٽڪارائي ڇڏي. سو سائين! اوهين اهو سوداءُ پنهنجي مغز مان ڪڍي ڇڏيو. تنهن کان سواءِ اوهان جي ماءُ ويچاري جنهن سان بادشاهه جي پوئي ڪانه، سا ته رڳو تنهنجي آسري تي وندريو حياتي پيئي تڳائي، تنهن جو تنهنجي جدائيءَ ۾ ڪهڙو حال ٿيندو. ڀلائي ڪر منهنجي خدمت جي صدقي ۾ منهنجي ٻه ايتري ڳالهه مڃ ۽ آرام سان ويهي رهه. ڏٺي سڳورو مهربان آهي، سو ورهن جا ڏاڪڙا رب هڪ لحظي ۾ لاهي ڇڏيندو! ويهي ڏس ته ڇا ٿو رنگ ٿئي!

مطلب ته وزير کي جيڪي چوڻو هو سو هن نرميءَ سان، گرميءَ سان چئي شهزادي کي ڏاڍو سمجهايو پر شهزادي چيس: اي عقل جا وير وزير، اوهان جيڪي ٻه چيو سو سڀ سچ آهي، اُن ۾ ذرو ٻه فرق نه آهي، پر مونکي ٻه اهو هڪ طعنو مليو آهي، اُنهيءَ طعني تي ماٺ ڪري ويهي رهان ته منهنجي غيرت ۽ همت تي ڪهڙو پروسو ۽ باور رهندو. جي آئون مري وپس ته ٻه بهادرن ۽ سچن عاشقن ۾ منهنجو نالو ڳڻبو. اهڙيءَ بي همتي جي جيئڻ کان هن نموني سر ڏيڻ سو پيرا چڱو آهي، جو ذلت جي جيئڻ کان عزت جو موت وڏيڪ ماناٽتو ليکجي ٿو. ملڪ بي نظير جا سوال پورا ڪرڻ جي منهنجي وس ۾ نه هوندا ته الله جي وس کان ته ٻاهر ڪين هوندا! ۽ اهو الله جنهن اسان سان وعدو ڪيو آهي ته، ٻانهان! منهنجي مهربانيءَ مان اميد نه لاهه! تنهن مان ڪيئن نااميد ٿيان. هاٺي آئون سپاٺي تيار آهيان، توهين هيو ڪو ويچار نه ڪريو. الله سائين ساٺي آهي ته بي نظير کي وٺي، هتي اوهان وٽ آڻي حاضر ڪندس.

وزير ڏٺو ته هي ته پنهنجي اِرادي تي پختو ۽ اٽل آهي، تنهن لاچار ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ چيائينس: شهزادا! توکي جيئن ڪپي، تيئن ڪر.

شهزادو اُتان اٿي محلات ۾ پنهنجي ماءُ وٽ ويو پر وزير انهيءَ مهل سڌو بادشاه وٽ ويو ۽ ان کي وڃي ٻڌايائين ته ممتاز ملڪ بينظير لاءِ بلڪل بيقرار ۽ اوڏانهين وڃڻ لاءِ تيار آهي. مون اُن کي جيڪي ٻه سمجهايو سو سڀ اجايو ويو هاٺي جيڪا سائينءَ جن جي مرضي. بادشاه چيو: اي وزيرا ممتاز اڃان ڇوڪرو آهي، هن کي اڃا دنيا جو ڪوسو ٿڌو واءُ نه لڳو آهي، نڪي ٻاهر آيو ويو آهي، جو ڪا خبر هجيس ته ٻاهر ڪهڙيون تڪليفون آهن. مفت وڃي هلاڪيءَ ۾ پوندو ۽

پنهنجي جان وڃائيندو باقي ڳالهه مان ڪجهه به ڪونه ورندس. اسان جي ته مرضي آهي ته ڪيس ڪو جاگير يا ملڪ جو ڀاڱو چني ڏجي ته جيئن ٻئي ماءُ پٽ انهيءَ مان پنهنجو گذران ڪندا رهن، پر جي تنهن هوندي به هو اسان جو يا تنهنجو چوڻ نه مڃيندو ۽ هٺ کان هيٺ نه لهندو ۽ پنهنجي ئي ڳالهه پوري ڪندو ته پوءِ ڇڏي ڏيوس ته پلي جيڏانهن وڻيس تيڏانهن وڃي. اسان تي پوءِ ڪا ميار ڪانه رهي.

اها ڳالهه وري اچي ممتاز کي وزير سڄي سربستي سڻائي. پوءِ شهزادو ماءُ وٽ ويو ۽ ان کي پيرن تي ڪري عرض ڪيائين: اي جيجل! ملڪ بينظير جي سڪ منهنجي دل ۾ جاءِ ڪري ويهي رهي آهي، ان کان سواءِ منهنجو هاڻي دنيا ۾ جيئڻ ڪونهي. تون منهنجي امڙ آهين! مون کي خوشيءَ ۽ دل جان سان موڪل ڏي ۽ دعا ڪر ته وري خير سلامتيءَ سان پنهنجو مطلب ماڻي اچي تنهنجي قدمن ۾ حاضر ٿيان، نه ته هتي رهڻ ڪري حياتي زهر ٿي ويندي.

ماءُ شوڪارا ڀريندي ڳوڙها ڳاڙيندي چيس: اي پيارا پٽڙا! اي منهنجي اکين جا نورا! هڪڙو ته قسمت سان تنهنجي پيءُ به مون سان ڪونه رهائي، جو سڄو حال تون اکين سان ڏسي چڪو آهين، پر تڏهين به تنهنجو ئي آسرو هوم، جنهنڪري ڏاڍيءَ جي رضا تي راضي رهي وقت پئي گذاريم. هاڻي باقي تون به جي رڻ جو راهي ٿين، مون کي ڇڏي ويندين ته پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو. چڱو آهي ته آرام سان هتي ويهي ڏاڍيءَ کي ياد ڪر. هيئنر ته بادشاه توکي ملڪ به ڏئي، تو اهو ويهي سنڀال. تون ۽ آئون ٻئي گڏجي خوش گذاريندا سون ۽ زماني سان به ڀيا منهن ڏيندا سون.

ممتاز چيو: اي منهنجي پياري امڙ! تون ڏس ته بادشاه جي پاڻ سان ڪا به محبت نه آهي، ان کان پوءِ هو راڄ ڀاڳ ته سمورو انهن پنهنجن ٻين پٽن کي ڏيئي ويندو ۽ ان وقت ۾ اهي مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا، سو تون ڄاڻين ٿي، تنهنڪري مونکي جهل نه. ڇڏ ته الله جي آسري تي وڃي پنهنجي قسمت آزمايان. جي ڀاڳ همراهي ڪئي ۽ ڏاڍيءَ جو لطف شامل ٿيو ته هي سڀ ڏک ڏور ٿي ويندا، پر جي حياتي ختم ٿي ويئي ته اها راه رباني به هر ڪنهن کي وڻي آهي، پوءِ جو هتي ويهي ڏک ڏسي مري وڃان، تنهن کان هن طرح جو موت وڌيڪ سهڻو آهي. جنهن ۾ عزت آبرو ۽ نانءُ ناموس آهي.

ماءُ ويچاريءَ ڏٺو ته هيءُ رهندو ڪنهن به طرح ڪين ۽ جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو تن مان ڪيتريون صحيح به آهن، سو الله تي توڪل ڪري موڪل ڏجيس ته پلي وڃي پنهنجي قسمت آزمائي، جيئن ڀاڳ ۾ لکيل هوندو سو ته ڏسڻو پوندو. تنهن ڪري وڌيڪ چوڻ مناسب نه ڄاڻي مجبورن خاموشي اختيار ڪيائين.

شهزادو انهيءَ خاموشيءَ کي نيم رضا سمجهي، اتان اٿي پيءُ وٽ آيو ۽ پيرين پئي ادب سان عرض ڪيائين: بابا سائين! اميد رکي اجازت گهرڻ آيو آهيان ته مون کي ملڪ بي نظير جي هٿ ڪرڻ لاءِ موڪل ڏيندا ۽ دعا ڪندا، ۽ جيڪا زمين گذران لاءِ مون کي ڏيو ٿا، سا مهرباني ڪري منهنجي ماءُ کي ڏيندا، جي خدا گهريو جيئرو هوندس ته وري به قدمبوسي اچي ڪندس.

بادشاه به آخر پيءُ هو. ڏک جي ڪري اکين مان لڙڪ ڪري پيس ۽ گهڻو ئي سمجهيائين ته

ڪاوڙ مان بي نظير جو نالو تنهنجي اڳيان مون ئي عيان ڪيو ۽ مون ئي انهيءَ ڳالهہ جو بنياد پيدا ڪيو پر قسمت جو لکيو بہ ائين هو جنهن ۾ هن ڪي سفر ڪرڻو ۽ تڪليفون سهڻيون پيون پون ۽ چيائينس: پٽ! هرويرو تنهنجي اها مرضي آهي تہ الله جي آسري بيشڪ وڃ.

پوءِ ممتاز هلڻ لاءِ تيار ٿيو.

نمڪ حلال وزير کي هڪڙو پٽ هو جنهن جو دمساز هو. اهو ممتاز جو هڪ جيڏو هو ۽ ٻئي ساڳئي ڏينهن جاوا هئا ۽ ٻئي گڏجي اٿندا وهندا هئا، تنهن ڪري پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هين.

ممتاز جي وڃڻ وقت دمساز پنهنجي پيءُ کي چيو: مون ۽ شهزادي پاڻ ۾ عاشق معشوق جو ناتو نباهيو آهي، سو ان جي وڃڻ کان پوءِ هتي اڪيلو منهنجي دل اباٽڪيل رهندي ۽ منهنجو وقت ان جي جدائيءَ ۾ گذري نہ سگهندو. تنهنڪري مهرباني ڪري مون کي موڪل ڏيو تہ آئون بہ شهزادي سان گڏ وڃان.

وزير جي جيتوڻيڪ پٽ سان گهڻي دل هئي، جو اهوئي هڪڙو پٽ هوس، پر شهزادي سان بہ ايتري ئي دل هيس ۽ ٻنهين جي محبت جي بہ خبر هيس، تنهن ڪري ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ پٽ کي بہ شهزادي سان گڏ وڃڻ جي موڪل ڏيڻ منظور ڪيائين.

## داستان ٻيو

# شهزادي ممتاز جو پنهنجي دوست دمساز سان سفر تي وڃڻ ۽ هڪڙي سوداگر جهان گرد سان ملڻ ۽ آخر دمساز سان وڇوڙو پوڻ

شهزادي ممتاز جيئن تيئن ڪري وري ٻه پنهنجي ماءُ کي ڏاڍي تڪليف سان راضي ڪري، اُن کان مس مس موڪل ورتي ۽ پوءِ وزير کان موڪلايو جنهن هيترو وقت پنهنجن ٻچن وانگر نپايو هوس ۽ سار سنڀال لهندو هوس. پوءِ پنهنجي سيني دل گهرئن دوستن کان موڪلائي الله توهار ڪري گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا. ممتاز رات ڏينهن سڄڻ جي سڪ ۽ اڻ ڏٺي عشق ۾ ڦاٿل، ته دمساز وري سندس دوستي جي دام ۾ اڙيل ائين ٻئي منزلن پٺيان منزلون ڪندا همت سان اڳتي هلندا ٿي هليا.

گهڻن ڏينهن جي مسافريءَ ڪرڻ کان پوءِ هڪڙو آباد شهر هنن کي نظر آيو، جنهنجو نظارو ۽ ٻاهريون ڏيک ڏسي دل ٺين ته سڄو وقت سفر ۾ رهيا آهيون ۽ اسين ته ٿڪا آهيون، پر گهوڙا ويچارا جي بي زبان جانور آهن، تن کي ٻه اسان جهڙو ساهه آهي، سي ٻه ٿڪا هوندا. تنهنڪري واجب آهي ته هتي رهي ڪجهه آرام ونجي، ساهه پٽجي، ممڪن آهي ته ڪنهن کان محبوب جي ملڪ جو ٻه پار پتو يا ڪو نالو نشان ملي وڃي، ڇو ته کين معلوم ٿيو ته اهو شهر ٻه وڏو تخت گاهه ۽ ٻاهرين ملڪن سان ڳنڍيل آهي، جتي چوطرف کان ڪئين مسافر پيا اچن وڃن. سو انهيءَ خيال سان گهوڙا ڪاهي شهر ۾ آيا.

ممتاز جو حسن ۽ سونهن ڏسي رستي ۾ سڀني واٽ ويندڙ ماڻهن کي حيرت وٺي ٿي ويئي. انهن ائين سمجهيو ته هيءُ ڪو پرستان جو شهزادو قسمت سان هتي آيو آهي.

پڇا ڪرڻ تي ڪنهن ماڻهوءَ ڏس ڏنن ته شهر جي اُڀرندي پاسي چونڪ ۾ هڪڙو شاهي مسافر خانو آهي، جنهن ۾ سڀ ٻاهران ايندڙ ويندڙ مسافر اچي رهندا ۽ آرام ڪندا آهن. ان مسافر خاني ۾ بادشاهه سلامت جي حڪم سان سڀ ڪنهن قسم جو راحت ۽ آرام وارو بندوبست رکيل آهي، جا ڳالهه ٻڌي ٻئي سنگتي خوش ٿيا ۽ سڌا انهيءَ مسافر خاني جي ڏس تي اچي پهتا. چوڪيدار جو ان سراءِ جي سنڀال لاءِ مقرر ٿيل هو ۽ سڀني آيلن جي خدمت ڪندو هو تنهن شهزادي کي ههڙو حسين ۽ وڻندڙ طبيعت وارو ڏسي، دل سان ان کي رهڻ جي آڇ ڪئي. گهوڙن جي ٻڌڻ جو بندوبست ۽ رهڻ جي لاءِ مناسب مڪان ۽ گهربل سامان موجود ڪري ڏيڻ، اها سموري خدمت ان چوڪيدار خوشيءَ سان قبول ڪئي، جو ڏٺائين ته آيل مهمان يا ته ڪو شهزادو آهي يا ڪو امير آهي، تنهن ڪري اها ٻه

لالچ هيس تہ ان جي خدمت منجهان چڱو چوکو انعام ملندم. ٻئي جوان رهڻ جو سمورو بندوبست پورو ڪري آرام سان وينا ۽ پنهنجي گهمڻ ڦرڻ جو ويچار ڪري رهيا هئا.

انهيءَ مسافر خاني ۾ جهان گرد نالي سوداگر بہ اڳيئي لٿو پيو هو جنهن ممتاز کي ايندي مهل ڏٺو هو جو هن جي سونهن تي عاشق ٿي پيو هو پر ويچار ڪيائين تہ پلي اها منزل ناهي آرام سان وهن تہ پوءِ ڪو ساڻن ملاقات جو رستو ڳولجي. جڏهن اُن ڏٺو تہ هينئر ٻئي ڇٽا فرصت سان وينا آهن، تڏهين پنهنجو نوڪر موڪليائين تہ وڃي ممتاز کي وٺي اچي. نوڪر پنهنجي مالڪ جو پيغام اچي شهزادي متاز کي ڏنو پر شاهزادي ممتاز کي اهو خراب لڳو ۽ ان کي جواب ڏنائين: اهو سوداگر اسان بيشڪ وڏي مال مڏيءَ وارو هوندو جو پاڻ وٽ گهرائڻ جو ارادو ظاهر ٿو ڪري، پر ڪم تہ سندس جو آهي تہ پوءِ پاڻ کي هتي اسان وٽ هلي اچڻ جاڳائين، اسان جو ان وٽ وڃڻ جو مناسب نہ آهي.

نوڪر کان اهو جواب سوداگر کي ٻڌي گهڻي شرمساري ٿي، سمجهيائين تہ بيشڪ اهي شهزادا آهن، جي اعليٰ هجڻ جو حق رکن ٿا. واجب آهي تہ مون کي ئي انهن وٽ هلي ملاقات لاءِ وڃڻ گهرجي، پوءِ پنهنجا بہ ٽي نوڪر پاڻ سان وٺي ڪي عمديون سوکڙيون شيون کڻائي، ممتاز وٽ آيو. شهزادي ان کي شان آهر مناسب عزت ڏيئي چڱي جاءِ تي وهڻ جي آڇ ڪئي. سوداگر معافي گهري پوءِ تہ اچي هڪ ٻئي سان حال احوال ڏيڻ ۾ شروع ٿيا. اهڙيءَ طرح ڪجھ وقت رهاڻ ڪيائون ۽ پاڻ ۾ گهرا سنگتي ٿي ويا. ان بعد ڪڏهين ممتاز ان جي دعوت ڪندو هو تہ ڪڏهن وري هو ممتاز جي مهماني ڪندو هو. ائين پاڻ ۾ ڏاڍا گهاٽا ۽ هڪ ٻئي جا راز محرم ٿي ويا. هڪڙي ڏينهن سوداگر پڇيس: شهزادا تو پنهنجو ملڪ ڇڏي مسافري اختيار ڪئي آهي، ان جو مطلب ڪهڙو آهي. اهو تہ راز مون سان ڪونہ سليو اٿئي.

ممتاز سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ راڻي بي نظير جي اڻ ڏٺي عشق ۾ مبتلا ٿي، گهر بار ڇڏي نڪتو آهيان. توهين بہ سوداگر ماڻهو آهيو ملڪ پيا گهمو ڦرو اوهان کي بہ ڪو ان جو ڏس پتو معلوم هجي تہ ٻڌايو. سوداگر ٻڌي وائڙو ٿي ويو. چيائينس: اهو ذڪر اوهان جي ڪنهن دشمن اوهان سان ڪيو آهي. ملڪ بي نظير بيشڪ حسين ۽ نهايت ملڪن ۾ مشهور آهي، مگر تمام سخت بيرحم ۽ سنگدل آهي. هن جا ڪي مقرر سوال آهن، جي سڀ ڪنهن کي ٻڌائي ٿي، جيڪو ان جو سوال پورو نٿو ڪري، ان جي سسي لهرايو ڪوٽ جي ڪنگرن ۾ ٽنگائي ٿي. ڪئين جوان انهيءَ شوق سان آيا، پر سندن سر ٽنگيل ڏسڻ ڏاران ٻيو ڪجھ بہ نتيجو ڪونہ نڪتو تنهن ڪري انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ. توکي جيڪڏهين ڳوٺ موٽي وڃڻ ۾ ڪو عار هجي تہ باقي وقت هن مسڪين جي جهوپڙيءَ ۾ هلي رهہ، جيڪا بہ ملڪيت منهنجي آهي سا تنهنجي حوالي ڪري، آئون خدا جي بندگي ۾ رهندس.

شهزادي چيس: تنهنجي انهيءَ آڇ جي مهرباني، پر دوست منهنجا! آئون عشق جي ميدان ۾ گهڙي پوءِ توهان کان اهڙيون خوفائتيون ڳالهيون ٻڌي، وڃي ماٺ ڪري ويهي رهان، انهيءَ مان منهنجي ڪهڙي ناموس ٿيندي، پر جي اتي پهچي محبوب جي ئي قدمن ۾ وڃي سر ڏيان تہ ان ۾

منهنجو نالو هميشھ لاءِ زماني ۾ ياد رهندو تنهن ڪري هن باري ۾ مون کي منع ڪرڻ بدران ڀي ڪا ڪنهن قسم جي مدد ڪري سگهين تہ اها ڪر. باقي هتڻ ۽ پٽ تي موتڻ اهو ڪائرن جو ڪم آهي. هاڻي يا تہ اهو درياءَ تري وڃي پار پئبو يا تہ ان ۾ ٻڏي پنهنجي حياتي قربان ڪبي.

سوداگر ڏٺو تہ هي ڪو پنهنجي قول تي نهايت پختو ۽ گهر کان ٻنهہ لاڳاپا لاهي پوءِ نڪتو آهي، سو مڙندو ڪين. پنهنجي نوڪر کي چيائين تہ فلاڻي پيٽيءَ ۾ جا ننڍڙي صندوق بند ٿيل آهي سا ڪڍي اچ. نوڪر اها آندي، سا کولي ان مان هڪڙي تصوير ڪڍي ممتاز کي ڏنائين تہ هي ئي اهو معشوق ملڪ بي نظير آهي. بيشڪ جهڙي ٻڌي ويئي هئي اهڙي ئي ان جي تصوير هئي. شاهزادو اها شڪل ڏسي هڪدم بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهين ساداگر کي چيائين: يلا تون ئي ڪٽي امانت سان چئُہ تہ هھڙي محبوب جي هٿ ڪرڻ کان سواءِ آئون ڪيئن پنهنجي جان بچائي پٽ تي موٽي وڃي پاڻ کي دنيا ۽ يارن دوستن جي مهٽي هاب ڪريان. سيڪو چوندو تہ اجهو ملڪ بي نظير جو عاشق آيو آهي، ڪٿي چٽتي خير سان هٿين خالي وري اچي وطن ۾ پهتو. پوءِ سوداگر اها تصوير شهزادي جي حوالي ڪئي ۽ ٻڌايائينس تہ شهزادا هتان 12 مهينن جي پنڌ تي ڪوه ڪاف جي سرحد تي، ارغون نالي ولايت آهي، جنهن جي بادشاه جي حسين نياڻي اها ملڪ بي نظير آهي. جيڪڏهن خشڪيءَ جي رستي وڃبو تہ 12 مهينا ڪن رستي ۾ لڳندا. پر جي پاڻيءَ جي رستي وڃبو تہ گهٽ وقت لڳندو. شاهزادي سوداگر کان سمورا پار پتا ۽ ٻيو جيڪو احوال پڇڻو هوس سو پڇي، پاڻ وٽ نوٽ ڪيو. ٻئي ڏينهن تي انهيءَ سوداگر کان موڪلائي، ٻئي سنگتي سراءِ مان روانا ٿي، اچي درياءَ جي ڪناري تي پهتا. اتفاق سان ڪي غوراب وڃڻ وارا هئا، جي پڻ ان ملڪ ڏي ٿي ويا. تنهن ڪري بسم الله ڪري انهيءَ ۾ چڙهي وينا ۽ گهوڙا پنهنجا انهيءَ سوداگر کي ڏياري موڪليائون.

ڪيترائي ڏينهن دريا جي سفر ۾ گذري وين. هڪڙي ڏينهن مهاڻي ٻڌاين تہ هاڻي ملڪ جو ملڪ ٻہ اچي ويجهو پوندو. اجا مهيني ڪن جو پنڌ باقي آهي، جنهن ڪري شهزادي کي خوشي ٿي. دل ۾ چيائين تہ جي حياتي آهي تہ هڪڙي ڏينهن پهچي وڃبو. پر قدرت جا رنگ نرالا آهن. بندي جي من ۾ هڪڙي تہ صاحب جي من ۾ ٻي. اتفاق سان اوچتو ئي اوچتو طوفان ڪڙو ٿي ويو جنهن جو ڪنهن کي گمان ٻہ ڪونہ هو. طوفان انهيءَ جهاز کي لوڏيندي لوڏيندي هڪڙي اهڙي ٽڪر سان وڃي ڦهڪايو جو جهازُ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. تختو نہ مڙيو تختي کي، جنهن کي جيڪي هٿ لڳو سو ان سان پاڻ کي سوگهو جهلي درياءَ ۾ لڙهندو ويو. شهزادي ۽ سندس سنگتيءَ کي ٻہ ٻہ تختا هٿ آيا، جن کي چهٽي پيا ۽ وهڪري ۾ وهندا ڪجهہ وقت تہ گڏ پئي لڙهيا. پر آخري هڪڙي وڏي ڇولي آئي، جنهن ٻنهي کي جدا ڪري الاءِ جي ڪٿان جو ڪٿان وڃي ڪڍيو. اهڙيءَ طرح ٻئي سنگتي رئندا رڙندا هڪ ٻئي کان جدا ٿيا ۽ پڇاڙيءَ جو هڪ ٻئي کان روئي موڪلايائون. تہ حياتي آهي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن هڪ ٻئي کي ضرور ملنداسون، پر جي ڪنهن واڳونءَ وات پياسون تہ بس موڪلاڻي آهي.

# شاهزادي ممتاز جو لڙهندي آدم خورن جي ملڪ ۾ نڪرڻ ۽ هڪڙي خدا واري سان ملاقات ۽ انجي مدد سان ملڪ بي نظير جو ملڪ ڏسڻ

لڙهندي نيٺ هڪڙي ڏينهن لهرين شاهزادو آڻي ڪناري تي اڇلايو جو زمين تي پهچي دريا مان بند خلاص ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جو شڪرانو ڪيائين. پر اهڙي ملڪ ۾ آيو هو جو سڄو ويران ۽ سڄو هو منجهس ڪٿي ڪٿي وڻ ٽڻ هئا. باقي آبادي جو نالو به ڪونه هو. شهزادو به هڪڙي پاسي منهن ڪري اُٿي هليو. ڏينهن جو پنڌ ڪندو هو ۽ رات جو جانورن ۽ بين خوفن ڪري وڻ تي چڙهي اتي ننڊ جهٽڪو ڪري گذاريندو هو.



آخر هلندي هلندي گهڻن ڏينهن کانپوءِ ڪا آبادي نظر آيس. هڪڙو شهر عجب جهڙو هو جنهن جي ٻاهران هڪڙو سهڻو باغ هو جنهن ۾ لنگهي ويو بک ۽ اڃ به هيس سو ميوا کائي پاڻي پي، هٿ منهن ڌوئي تازو ٿيو. پوءِ باغ ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو ته پريان هڪڙو درويش

ڏسڻ ۾ آيس. جيڪو رات ڏينهن انهيءَ باغ ۾ رهي الله سائينءَ جي بندگي ڪندو هو ۽ انهي باغ جو مالڪ بہ اهو ئي فقير هو. شهزادي جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ ماڻهوءَ جي شڪل ڏٺي هئي، سو خوش ٿي فقير کي وڃي پيرن تي ڪري پيو جنهن خوش ڪيڪار ڪري پڇيس: ابا ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين. هن ملڪ ۾ توکي ڪنهن آندو آهي؟ ڇو تہ هي آدم خورن جو ملڪ آهي، تنهن ڪري هتي ڪوبہ اچي نٿو سگهي. ممتاز جواب ڏنو: بزرگ نالو ممتاز اٿم. بيدار بخت بادشاه زر افشان جي واليءَ جو پٽ آهيان. شهزادي بي نظير جي حسن جي هاڪ ٻڌي، ان تي پرپٽ عاشق ٿي، ان جي ڳولا لاءِ نڪتو آهيان. سو هلندي هلندي قسمت سان اڄ اوهان سان ڏٺيءَ ملايو اٿم. اها بہ منهنجي سڻائي ڀاڳ جي نشاني آهي، جو اوهان جهڙو ڪامل قسمت سان ملي ويو اڳتي بہ ڏٺي ڪٺي سولي ڪندو ان تي ئي ننگ آهي. فقير چيس ابا پلي آئين جي آئين. پر جيڪي ڳالهہ توڪئيءِ اها وس جي ڳالهہ ڪانهي، جي ايڏانهن وڃڻ جو ارادو دل تان لاهين تہ چڱو آهي، ڇو تہ اها عورت ڪم بخت ۽ سخت دل آهي، جنهن جا ڪي سوال آهن، جي نهايت مشڪل ۽ انسان ذات جي طاقت کان ٻاهر آهن ۽ انهن جو پوري ڪرڻ لاءِ نڪرڻ موت قبولڻ آهي. اهڙي ڪم ۾ هٿ وجهڻ ۾ ڪا سياڻپ نہ آهي. تون هتي مون وٽ ويهي رهہ يا جي ڳوٺ وڃين تہ تنهنجي مرضي، فقير توکي ايتري دولت ڏياريندو جنهن مان تنهنجي سڄي عمر سکي گذرندي، پر ممتاز چيو: سائين اوهان جهڙو ڪامل فقير بہ مونکي روڪي جا نهايت عجيب ڳالهہ آهي. انهيءَ ڪم جو عيوض آهي سر سو اُهو ڏيڻ قبول ڪري آئون پنهنجي گهران نڪتو آهيان، باقي وڌيڪ ڪهڙي ڏکيائي ٿيندي. فقير ڏنو تہ هي ڪو سچو عاشق جيوڙو آهي، جو ڪنهن بهاني پوئتي موٽڻ وارو نہ آهي ۽ سر جو سانگو ڪرڻ وارو بہ نہ آهي، تنهنڪري چيائينس: ڀلا ابا رک الله تي، ويهي ماني کاءُ آرام ڪر، ٿڪ ڀڃ تہ پوءِ جيئن خدا کي منظور هوندو تيئن ٿيندو. پوءِ شهزادي ماني کاڌي آرام ڪيو. رات گذري سج اُڀريو تہ هنڌ تان اٿي هٿ منهن ڌوئي، فقير وٽ اچي حاضر ٿيو.

فقير چيس: ٻچا هتي آدم خورن جون جماعتون منهنجي سلام ۽ حاضريءَ تي اينديون، جي انسان ذات جا سخت ويري آهن. توکي جي هتي مون وٽ ڏسندا تہ نقصان پهچائڻ جي ضرور شرارت ڪندا. تنهنڪري هن پاسي واريءَ ڪوٺي ۾ وڃي آرام سان ويهي رهہ. جيسين اهي موٽي وڃن. ممتاز حڪم موجب ائين ڪيو ڪوٺيءَ ۾ اهڙيءَ طرح ويٺو جو پاڻ سيني کي ڏسي سگهيو ٿي، پر هن کي ٻئي ڪنهن بہ ڪونہ ٿي ڏٺو. ڪجهہ وقت کان پوءِ گهٽي انداز ۾ آدم خور فقير جي سلام لاءِ آيا ۽ پيرين پئي فقير کان باغ ۾ گهمڻ جي موڪل ورتائون. پر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪن ۾ سس پس پئي ڪيائون، تہ اڄ سائين وٽ ڪو آدم آيل ٿو ڀائنجي، مگر فقير جي ڊپ کان ڪڇڻ جي ڪنهن کي بہ طاقت ڪانہ هجي، ٿوري وقت کان پوءِ وري انهن جو بادشاه بہ فقير جي حاضريءَ تي آيو جو ڪجهہ وقت هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪرڻ بعد دل رهي نہ سگهيس تہ فقير کي عرض ڪيائين: مرشد سائين، جي بي ادبيءَ جي معافي ملي تہ

هڪڙو عرض ڪريان. فقير اجازت ڏنيس تہ ڀلي چئو تنهن تي هن آدم خورن جي وڏي چيو: اج هن جاءِ مان آدميءَ جي بانس پئي اچي، ڀائنجي ٿو تہ ڪنهن مرادوند سوکڙي ڪري موڪلي آهي تہ سائين جن بہ ڪاڏي جي ڇهر ۾ لذت ونن ۾ اميد آهي تہ اسان جهڙن نيازمند کي بہ ان خوشيءَ جي موقعي تي وساريو نہ ويندو. ڇو تہ اها شيءِ بہ ڏاڍي لذت واري آهي، جا قسمت سان هٿ اچي ٿي.

شهزادي جا اها ڳالهہ ٻڌي سو ڏڪي ويو ۽ شڪ پيس تہ شايد هي فقير بہ ڪو آدم خور آهي، جهڙو گرو هوندو تهڙائي چيلا هوندا. پر ڦاٽي بعد ڦتڪڻ کهڙو وري بہ ڏٺي تي ننگ آهي اهو بچائيندو. اهو خيال پئي دل ۾ پچاياڻين. فقير جڏهن هن بادشاه کان اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن ڪاوڙجي ان کي چيائين: اجائي بڪ ڪرڻ مان کهڙو فائدو ماڳهين منهنجي اڳيان ٽري وڃ ۽ وري ڪڏهين بہ هتي نہ اچج. بادشاه ڏٺو تہ فقير ڪاوڙجي پيو آهي، سو انهيءَ ڪري جو مون بہ پنهنجي لالچ رکي هئي، تڏهين چيائين: قبلا منهنجو ڏوه معاف ڪريو. ڀلا مون کي ڪٽي نہ ڏجو ۽ پاڻ مال نوش جان ڪجو. مون کي بہ جي اهڙي سوکڙي هٿ آئي تہ آئون بہ سموري اوهان جي خدمت ۾ موڪلي ڏيندس.

فقير انهيءَ تي وڌيڪ غصي ۾ اچي چيس: نالائق تون مون کي بہ آدم خور ٿو سمجهين ڇا؟ اهڙي بڪ نہ ڪر هي ماڻهو منهنجو پاڻيو آهي، جو خاص منهنجي ملڻ لاءِ ۽ ٻئي ڪنهن ڪم سان هت آيو آهي، هاڻي تو جو اهو مون تي بهتان رکيو آهي، تنهن لاءِ توتي ڏنڊ بہ رکندس ۽ معافي بہ وٺندين جي نہ تہ بددعا سان تنهنجا حال تمام خراب ٿيندا. تنهن تي بادشاه ڏڪي ويو ۽ سجدو ڪري چيائين تہ مرشد مون بيشڪ خطا جهڙو ڪم ڪيو اٿم. هاڻي مون کان جيڪو بہ بدلو وٺندؤ سو آئون خوشيءَ سان پري ڏيندس ۽ مون کي معافي بہ ڏيندا ۽ دعا بہ ڪندا.

فقير چيس: معافي توکي اهو صاحبزادو ڏيندو ۽ بدلو بہ توکان اهو وٺندو.

تڏهين بادشاهہ عرض ڪيو: مهرباني ڪري جلد آڻيوس تہ آئون ان جي زيارت بہ ڪريان ۽ ان کان پنهنجو ڏوه بہ بخشايان. فقير چيس: اوهان تي اعتبار ڪونهي، تنهن لاءِ تون قسم کڻ. پوءِ ان قسم کڻي انجام ڪيو. شهزادي کي فقير سڏ ڪري اچڻ لاءِ چيو. شهزادو ظاهر ٿي اڳيان آيو ۽ سوچيائين تہ بادشاه کي خوشامد ڪرڻ لاءِ سلام ڪريان، پر فقير اشاري ۾ سمجهايس تہ هٿ ٻڌي ويهي رهہ. تنهن تي بادشاهہ يڪدم اچي ممتاز کي پيرين پيو. هڪ ٻي کي ڀيڪاريائون. خبرون چارون پڇيائون. بادشاه چيس: اي مرشد زادا مون کان هڪڙو ڏوه ٿيو آهي، سو اميد ٿو ڪريان تہ مون کي دل سان معاف ڪندا. ممتاز بہ فقير جي اشاري موجب سمجهيو تہ ڪم ڪڍڻ جو وقت هي آهي، سو آڪڙ سان چوڻ لڳس: اوهان ڏوه تمام وڏو ڪيو آهي، جنهن جي جيڪر معافي ڪنهن سيڪت ڪانسواءِ ڪين ڏجي، پر نهيو تنهنجي سِڪ اسان جي گهراڻي ڏانهن آهي، تنهنڪري هڪڙو ڪم ڪر تہ ملڪ بينظير جو ملڪ اسان کي ڏيکار تہ اسين تنهنجو گناه خوشيءَ سان معاف ڪنداسون.

بادشاهہ خوشيءَ مان چيو: ڳالهہ بہ ايتري! انهيءَ جو ملڪ مون سان دنگئي آهي، سو انهيءَ ۾ ڪابہ ويرم ڪانہ لڳندي، اوهان بلڪل خاطري سمجهندا.

پوءِ بادشاهہ فقير کي چيو تہ سائين پير زادي کي اجازت ڏيندا تہ هڪ هفتو منهنجي ملڪ ۾ مهمان ٿي، مون کي بہ هلي دعا ڪري ۽ پنهنجا پير گهمائي. ان ڪانپوءِ آئون کيس ملڪ جي ملڪ ۾ پهچائي ڇڏيندس. فقير قبول ڪيو پوءِ ممتاز ان سان گڏجي سندس ملڪ ۾ ويو جنهن ڏاڍيون خدمتون ڪيس ۽ سجو ملڪ گهمائي ڏيکاريائينس. هڪ هفتي ڪان پوءِ وري فقير وٽ گڏجي آيا ۽ ملڪ بينظير جي ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. فقير شهزادي کي هڪڙو گل ڏنو ان تي اسم اعظم ڦوڪي چيائينس: هي گل پنهنجي ڪنهن بہ دوست کي ڏج، جو تنهنجي مسافريءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ ان ۾ پيو ڏسندو. جيسين اهو گل تازو هوندو، تيسين سمجهڻ گهرجي تہ تون بہ صحيح سلامت آهين، جي اهو گل سڪي پيو تہ تنهنجي حياتي بہ ختم ٿي ويئي. اهو گل ڏيئي پوءِ وات جا خطرا ۽ مشڪلاتون سمجهايائين ۽ ملڪ بينظير وٽ پهچڻ کان پوءِ ڪيئن هلڻ گهرجي، سي ڳالهيون پاڙهي پڪو ڪيائينس ۽ اهو بہ سيکاريائينس تہ ان جا سوال بڌي هڪ بہ راتيون اتي رهي، ويچار ڪج، جي تو کا ن پورا نہ ٿي سگهن تہ ماٺ ڪري ڳوٺ جو رستو ونج. هاڻي خدا کي پرتين! آئون توکي دعا ٿو ڪريان تہ خدا ڪري مشڪل فتح ڪري ۽ مرادون پوريون ڪري موٽين.

اهڙيءَ طرح فقير کان موڪلائي آدم خورن جي بادشاه سان گڏ روانو ٿيو. ان جو ملڪ پنهنجو هو تنهنڪري ڪابہ ڏکيائي نہ ٿي ۽ سگهو ئي اچي ملڪ جي ولايت ۾ پهتا.

بادشاه چيس تہ اهو ملڪ ملڪ بينظير جو اٿيئي، هت اسان جي حد پوري ٿي، اڳيان هلڻ جو اسان کي دستور نہ آهي. پوءِ موڪلائي اٺ گهوڙا ۽ بہ ٽي نوڪر وٺي حشمت سان ملڪ جي شهر ۾ اچي پهتو. شهر جو نظارو بازاريون مڪان ۽ باغيچا ڏسي خوش ٿيو. واه جو مزي جهڙو شهر هو. ممتاز بازار مان اچي لنگهيو تہ ماڻهو ان جي سونهن ڏسي حيران ٿي ويا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا: هي جوان بہ ڪو ملڪ جو طلبگار ٿو ڀانئجي، پر خدا ڪري تہ ههڙو ڀهڳڻ ۽ ناهوڪو نوجوان شل سلامتيءَ سان جيئرو جاڳندو بچي وڃي، باقي ملڪ جو گهوٽ ٿيڻ جو بيشڪ لائق آهي. خبر نہ آهي تہ ويچارو مطلب ماڻي ويندو يا جان ڏيئي اتي ئي ختم ٿي ويندو.

شهزادو بہ گهمندو گهمندو ماڻهن جا خيال جاچيندو اچي محلات جي در تائين پهتو. خوشي تہ ٿيس، پر اها خبر ڪانہ هيس تہ بينظير سان منهنجو ملڻ ڪيئن ٿيندو. انهيءَ خيال ۾ منجهي بيهي رهيو پر دربانن جو وڏو جمعدار جو وينو هو تنهن جا هن جي سونهن ۽ خلق ڏنو تہ تنهنجي دل نہ رهي، سو اچي شهزادي کي ڪيڪاري حال احوال پڇيائينس. شهزادي ڳالهہ ڪري ٻڌايس، تڏهين جمعدار چيس: هتان ويجهو هڪڙو محلات جو بيو بہ دروازو آهي، اتي ويندؤ تہ هڪڙو سونو نغارو ۽ ان جي پرسان ڏونڪو رکيل ڏسڻ ۾ ايندو اهو ڏونڪو کڻي رڳو هڪڙو آواز ڪندا تہ راڻي پاڻهي اوهان کي گهرائي، پنهنجا سوال ٻڌائيندي، جي اوهان ناڪار ڪئي تہ اوهان کي مارائي ڇڏيندي، پر نغاري تي آواز هڪڙو ڪجو وڌيڪ ڪندا تہ نقصان ڏسندا. شهزادو ڳالهيون ٻڌي، لشڪر کي

اتي ئي بيهاري، پاڻ مليل ڏس تـه ويو جتي نغارو رکيل هو. هو اتي وڃي ڏونڪو ڪٽي مگٽهارن وانگر دستور جي برخلاف خوب واجا ڪرائڻ لڳو. راڻي اهو دستور جي خلاف نمونو ڏسي عجب ۾ پئجي، ٻانهيءَ کي حڪم ڏنو تـه ٻاهر وڃي ڏس تـه اڄ وري ڪنهن کي موت هيڏانهن گهلي آيو آهي، جو هن طرح واڄا پيو ڪري.

ان کي اسان جي دستور جون ڳالهيون سمجهائي تارڻ جي ڪوشش ڪج، جيئن پر ٻاهرو هليو وڃي، پر جي نـه مُڙي تـه هيڏانهن وٺي اچج تـه اسين پاڻهي تا ان سان نبرون. ٻانهيءَ اچي ڏنو تـه واه جو ناهوڪو جوان آهي، تڏهين چيائينس: اڙي جوان چو ٿو پنهنجي جوانيءَ کي هنيئن سهانگو برباد ڪرين. موٽي وڃ الله الله ڪر. سامهون ديوار تي ڏس تـه ڪيترا سر ڌڙ کان ڌار ٽنگيا پيا آهن. مون کي تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي، اميد تـه منهنجي صلاح مڃيندين.

ممتاز چيس: اي مائي! آئون تنهنجي سائڻ جي عشق ۾ پنهنجا راڄ ڀاڳ ڇڏي، هلاڪتون ڏسي هتي اچي پهتو آهيان، سو موٽڻ پري پيو آهي. اهي موت جا دڙڪا انهن کي ڏي جيڪي مرڻ کان ڊڄندا هجن. آئون مرڻ قبول ڪري پوءِ هيڏانهن آيو آهيان.

عشق جي منهنجي اندر ۾ وڻ وڏي پختو ٿيو

مـوت جـو خطـرو مون کـي پو ڇـا ڪنـدو

اي مائي، ان جي سوالن جو وچ ۾ اٽڪاءُ نـه هجي ها تـه جيڪر تلوار جي زور سان بـه ان کي هٿ ڪري سگهجي ٿو.

هاڻي تون منهنجو جواب وڃي پهچاءِ ۽ ڪم شروع ڪرڻ جو رستو اڪلاءِ. دائيءَ وڃي راڻيءَ کي سموري خبر ٻڌائي ۽ ان جي جوانيءَ ۽ سونهن ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڍنگ جي بـه وڏي واکاڻ ڪيائين ۽ راڻي يڪدم هار سينگار ڪري عام دربار ڪئي. پردي جي پٺيان ويهي شهزادي کي گهرائي، ان سان حال احوال ڏيڻ وٺڻ شروع ڪيائين.

راڻي چيس: اي شهزادا! تون هرويرو چو پنهنجي جان پنيان هٿ ڌوئي لڳو آهين. منهنجا سوال ڪي اهڙا تهڙا نـه آهن، اِهي سيڪو آسانيءَ سان حل ڪري ڪين سگهندو. ممتاز چيس: اهي ڳالهيون اڳ ئي ويچار ۾ آڻي پوءِ آئون نڪتو آهيان. هاڻي انهن تي بحث اجايو آهي، توهين پنهنجا سوال ٻڌايو. شهزادي جي اِلغرضائيءَ کان راڻي حيرت ۾ پئجي ويئي ۽ دائيءَ جو ٻڌايو هوس سو دل ٿيس تـه ڪنهن طرح ڏسان تـه ڪهڙو سهڻو آهي. سو ڪنهن نموني شهزادي کي ڏسي ورتائين. ڏسڻ سان هوش هواس کان نڪري ويئي، عشق پنهنجو داستان اندر ۾ اوتي ڇڏيس. يڪدم پردي جي لهرائڻ جو حڪم ڪيائين. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي سامهون ٿيا. راڻيءَ چيس: توهين وڏي سفر تان آيا آهيو اڄوڪي رات اسان جي مهماني قبول ڪريو صبوح جو سڀ سولي ٿي پوندي. ممتاز جي اتي رهائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. رات جو محفل گرم ٿي، جنهن ۾ راڳ رباب، طعام تماشا سڀ موجود هئا. راڻيءَ چيس: شهزادا منهنجي صلاح آهي تـه اهو خيال ٿي دل

مان لاهي ڇڏ. ڇو تہ جي توکي منهنجي لاءِ عشق ۽ محبت آهي تہ مون کي بہ تنهنجو عشق اندر ۾ جاءِ ڪري ويٺو آهي. جي اوهان ڪان سوال پورا نہ ٿيندا تہ مارائڻ بہ ڏکيو ۽ وري نہ ڪرڻ بہ منهنجي لاءِ مشڪل ٿي پوندو.

شهزادي چيس: اهي ڳالهيون سڀ اجايون آهن ۽ آئون توسان سوالن پورن ڪرڻ ڪانسواءِ بہ شادي ڪين ڪندس. ملڪ ڏنو تہ هي جوان پنهنجي ڳالهہ کان پوئتي پوڻ وارو نہ آهي، تنهن ڪٽي خاموشي اختيار ڪئي. رات گذري صبوح ٿيو راڻيءَ عام دربار جو حڪم ڏنو جنهن ۾ سڄي شهر جا عام توڙي خاص اچي ڪٺا ٿيا تہ شهزادو بہ حاضر ٿيو راڻيءَ شهزادي کي پنهنجا سوال ٻڌائڻ لاءِ پري دبار ۾ چيو: منهنجا سوال هي آهن ۽ جيڪو اهي پورا ڪندو آءٌ ان سان لائون لهنديس.

(1) تہ بادشاه شهپال جي ڌيءَ مهاسندر پري منهنجي شاديءَ جي رات، منهنجي تخت تي اچي نچي ڳائي.

(2) مهاراجا جي ڌيءَ راج راڻيءَ جي ڏولي، جا هوا ۾ اڏامي ٿي، اها منهنجي سواريءَ لاءِ موجود هئڻ گهرجي.

(3) ارنائيس ديوَ هڪ موتين جي ڇپر کٽ زرين ڪلاه بادشاه جي ڌيءَ جان بانو لاءِ ناهي آهي، اها منهنجي آرام لاءِ موجود ڪجي.

(4) رنگ محل طلسماتي، جيڪو ڪيوان شاه سندس ڌيءَ خورشيد طلعت لاءِ نهرايو آهي، اهو منهنجي لاءِ آڻ.

(5) راڻي چندر بدن منهنجي ماسات آهي، جا بوتامرن جي جادوءَ ۾ ڦاٿل آهي، سا منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿئي.

شهزادي اهي سوال ٻڌي چيو: بس اهي ڳالهيون سڀ خدا جي فضل سان آهن. جي خدا گهريو تہ اهي سمورا سوال پورا ڪري، پنهنجي مراد ماڻيندس. جي وچ ۾ ئي شهيد ٿي ويس تہ بہ پنهنجو نالو تنهنجي عاشقن جي دفتر ۾ يادگار ڇڏي ويندس ۽ روز محشر ۾ هڪ ٻئي سان ملاقات ڪنداسون. پر منهنجو هڪڙو هي عرض آهي تہ هن کان پوءِ ٻئي ڪنهن سان اهڙو انجام نہ ڪج ۽ هي گل پنهنجي حياتيءَ جي شمع جي توکي نشاني طور ڏيان ٿو ان کي روزمره ڏسج. جيڪڏهين هن کي تازو تازو ۽ سائو ڏسين تہ يقين ڄاڻج تہ آئون بہ اهڙو ئي تازو ۽ سائو آهيان. پر جي اهو سڪي يا ڪومائجي وڃي تہ منهنجو حال بہ ان وانگر ڄاڻج ۽ پوءِ توتي منهنجي طرفان ڪا بہ ميار ڪانهي.

بي نظير جواب ڏنو: اي شهزادا! تنهنجي درد مون کي بہ حيران ڪري وڌو آهي. آئون پنهنجا انجام ڪري ويٺي آهيان، ان کي توڙڻ ٻنتي گهران. باقي ٻين سان انجام اڪرام ڪرڻ جو هاٽي دفتر ئي ختم ٿي ويو. آئون بہ روز مره تنهنجي حياتي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ڏٽيءَ ڪان دعا گهرندي رهنديس ۽ هن گل کي مراد پوري ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ هوندي ۽ هي گل سڪي ويو تہ اوهان جي حياتيءَ جو آسرو لاهي پوءِ هميشہ تنهنجي سڪ ۾ حياتي پوري ڪري ويندس ۽ پنهنجي شادي وري روز محشر ۾ ٿيندي. پوءِ شهزادو هڪ بہ رات اجا بہ اتي رهيو تنهن ڪان موڪلائي روانو ٿيو.

# شهزادي جو بينظير جي پهرئين سوال جي پوري ڪرڻ لاءِ وڃڻ جنهن ۾ مهاسندر پريءَ کي بينظير جي شاديءَ ۾ ناچ لاءِ آڻڻو هو

ڳالهيون ڪندڙ استاد لکن ٿا تہ پوءِ شهزادو ممتاز ملڪ بينظير کان موڪلائي، پهرئين سوال جي پورائيءَ لاءِ روانو ٿيو. مها سندر هڪ پرين جي راجا جي ڌيءَ هئي، جنهن جي ملڪ جو نڪو پتو نڪو پار هو. تنهن ڪري ممتاز بہ هڪڙو منهن ونئي هليو ويو. رات ڏينهن پنڌ ڪندو هو جڏهين ٿڪجندو هو تہ اتي وڻ جي هيٺان سمهي آرام ڪندو هو ۽ وري اڳتي هلندو هو بک لڳندي هيس تہ وڻن جا ميوا کائي پاڻي پي، خدا جا شڪرانا ڪندو هو. واٽ تي جنهن ڪنهن کان ڪو ڏس پتو پڇيائين ٿي تہ سيئي ديوانو ڄاڻي ان تي کليا ٿي، تنهن ڪري اها پڇا بہ ڇڏي ڏنائين ۽ خدا تي ڀروسو رکي هلندو ئي رهيو ٿي.



ڪيترن مهينن جي پنڌ ڪري، ڏونگرن ڏورڻ ۽ جبلن جهاڳڻ کان پوءِ ڪنهن اتاهين پهاڙ جي ماٿريءَ ۾ ڪا بستي ڏسڻ ۾ آيس، جنهن جو نظارو ڏسي خوش ٿيو. ان بستيءَ جي ٻاهران هڪڙو باغ هو، جنهن ۾ لنگهي ويو. باغ ڇا هو خدا جي قدرت جي تعريف جو ماڳ هو. ڄڻ تہ بهشت جي باغن مان هڪڙو ڪوري اُتي آڻي رکايو ويو هو. منجهس سڀ ڪنهن قسم جا ميويدار وڻ ۽ وٽندڙ ٻوٽا ۽ گلن جا چمن، سيئي پنهنجي پنهنجي نموني ۽ قريني سان رکيل هئا. ڦوهارا ۽ حوض ۽ طرحين طرحين پکين جون مٺيون ٻوليون ۽ خوشبوءِ جي هٻڪار جنهن کان شهزادي جو هيڪر تہ مغزئي چڪرائجي ويو. سمجهيائين تہ قسمت سان الاجي ڪهڙي هنڌان اچي

نڪتو آهيان، جو ڪوبہ انسان يا آدم زاد ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جنهن ڪان ڪٽي پڇان تہ هي ڪنهنجو باغ آهي، تنهن ڪري بي خطري ان ۾ گهمندو رهيو. گهمندي پريان وڃي هڪڙيءَ ٻُنگيءَ تي نظر پيس. سمجهيائين تہ ان ۾ مڙيوئي ڪو انسان يا جن ڀوت رهندڙ آهي، تنهن ڪري اتي هلي معلوم ڪجي.



شهزادي ممتاز جو رڻن ۾ رلڻ

اهو خيال ڪري انهي چبوتري وٽ اچي پهتو ڇا ڏسي تہ هڪڙو جهور پريو مڙس جوڳي، دنيا ڪان تارڪ ۽ بي پرواه دونهي دکايو پاسي ۾ چيتي جي کل وڇايل آهي، تنهن تي چڙهيو پاٿولي ماريو ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ مست ۽ بي خبر ويٺو آهي. هٿ ۾ مالها اٿس جنهن جا داڻا هٿن سان چرن پيا. هن ويجهو وڃي ادب سان سلام ڪيو. آواز تي ۽ پيرن جي ڪڙڪي تي جوڳي اکيون پٽي خبردار ٿيو. شهزادي کي محبت سان پنهنجي پاسي ۾ وهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ ڪائونس عجب ۾ پئي خبر ورتائين: اي ٻچا! هي ملڪ ديون ۽ پرين جو ديس آهي، جتي انسان ذات جو اچڻ خطري ڪان خالي نہ

آهي، تون ٻڌاءِ تي ڪير آهين ۽ هتي ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ جيڪو سچو پچو احوال هجئي سو ٻڌاءِ! جي فقير جي ڪي وس ۾ هوندو تہ تو سان پير پرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪندو.

شهزادي ڏٺو تہ جوڳي عامل ڪامل ۽ وڏيءَ پهچ وارو تو پائنجي ۽ ڏٺي ان جي دل ڪي منهنجي لاءِ نرم ۽ مهربان ڪيو آهي، تنهنڪري ان سان دل جو سچو راز کولبو تہ بيشڪ هو واهر ڪندو. تنهنڪري هٿ ٻڌي چيائينس: مهراج منهنجو نالو ممتاز آهي، آئون هڪڙي ملڪ هو وڏو بادشاه آهيان.

ملڪ بي نظير جي حسن جي هاڪ ٻڌي، ان تي حيران ٿي، پنهنجو راڄ پاڳ ڇڏي، ان جي ڳولا ۾ نڪتس، ان کي ڳولي لڌم. هن جيڪي پنج سوال پورا ڪرڻ لاءِ چيا آهن، هڪ سوال هي بہ آهي تہ مهاسندر پري منهنجي شاديءَ جي رات ناچ ڪري ڳائي. هاڻي اُن جي ڳولا ۾ نڪتو آهيان، ان جي پتو ڪتان بہ ڪونہ مليو. اڄ تو وٽ اچي نڪتو آهيان، منهنجو احوال اهو آهي. تنهن تي جوڳيءَ بہ دل کولي پنهنجو حال ٻڌايس تہ منهنجو نالو پرڪ آهي. هي ملڪ سارو پرستان ۽ هي باغيچو پرين جي وندر لاءِ آهي. راجا اندر جي ڪچهريءَ ۾ جيڪي ان جون منظور نظر ۽ ڳائڻ واريون پريون آهن، تن کي ناچ ڳاني ۽ راڳ جي تعليم ڏيندو آهيان. اهي پنهنجي پنهنجي مقرر وقتن تي هتي اچن ٿيون ۽ هو مون وٽان اچي سبق وٺي ۽ دل وندرائي هليون وڃن. انهن سيني ۾ نالي واري ۽ سيني جي اڳواڻ مهاسندر پري آهي، جا راجا اندر جي خاص طرح پياري آهي. انهيءَ جو وارو سڀ ڪنهن جمع رات جو هتي اچڻ جو آهي، سا بہ پين وانگر ايندي ويندي آهي.

اهائي ساڳي پري آهي، جنهن جي واسطي تو هيڏو ڪشالو ڪيو آهي. مون کي تنهنجي حال سان همدردي آهي. هاڻي تون هتي ڪجهہ وقت رهہ انهيءَ وچ ۾ آئون ڪا اٽڪل ڪندس، جي تنهنجو پاڳ زور هوندو تہ مراد پوري ٿي ويندئي، نہ تہ بہ جيئن تنهنجي قسمت هوندي ائين ٿيندو. پر انسان کي ڪوشش ڪرڻ فرض آهي، پر تون جي هتي رهندين تہ ڏينهن جو پلي هيڏانهن هوڏانهن پيو گهمج ڦرج، مگر رات ٿئي تہ پوءِ ٻاهر نہ رهج، ڇو تہ ديون جو ملڪ آهي، جي انسان ذات جا ويري آهن.

شهزادو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. ڏٺيءَ کي دل ۾ ياد پيو ڪندو هو تہ اهو مهرباني ڪري، جنهن ڪري ڪم ۾ سوپارو ٿيان، سو ڏينهن جو آسپاس دل وندرايو رات جو وري اچي فقير وٽ حاضر ٿيندو هو.

جوڳيءَ چيس تہ هاڻي پرين جي اچڻ جو وقت اچي ويو، تون هتي انساني شڪل ۾ هوندين تہ توکي ڏسنديون تہ انهن سان جي پيون نوڪرياڻيون بہ ايندڀون آهن، سي توکي ڏسي راجا وٽ وڃي، جيڪڏهن اهو راز ظاهر ڪنديون تہ پاڻ ٻنهي لاءِ چڱو نہ ٿيندو. تنهن ڪري منهن جي صلاح آهي تہ توکي گل جي صورت ۾ آڻي، اهو پنهنجي مٿي جي وارن ۾ ٽنبي ڇڏيان، تہ تون انهن کي ڏسي بہ سگهين ۽ هن راز جي ڪنهن کي خبر بہ نہ رهي.

شاهزادي خوشيءَ سان قبول ڪيو. جوڳيءَ هڪڙو اهڙو منتر چپن ۾ پڙهي پڙهي ڪري شوڪاريو جو ممتاز گل جي صورت ۾ ٿي پيو ۽ فقير اهو گل پنهنجي وارن ۾ ٽنبي ڇڏيو جيئن اسان جي ملڪ جا شوقين ڏيک لاءِ گل هڻندا آهن.

ٿوري دير کان پوءِ پرين جو ميڙ آيو ۽ مهاسندر پري بہ آئي. جي سڀئي هيڪر تلاءَ تي ويون، اتان صفا ٿي نوان وڳا ڍڪي، استاد کي سلام ڪري، ان جي سامهون اچي ادب سان هٿ ٻڌي بيٺيون ۽ استادن کي سبق ٻڌايائون.

ممتاز اهو راڳ ٻڌي، پرين جي سونهن ۽ حسن ڏسي حيران ٿي ويو. آڻي باقي مهاسندري پريءَ جي ناچ ڳائي توڙي محبوباڻي شبيهہ ڏسڻ سان تہ حوصلا خطا ٿي ويس ڳل جي صورت ۾ بہ گهوماٽيون کائڻ لڳو. جڏهين استاد کان سبق وٺي سڀئي واڻديون ٿيون، تڏهين سڀ ڪا پنهنجي مرضيءَ سان ٽڙي پکڙي باغ جو سير ڪرڻ ويئي، باقي مهاسندر پريءَ کي جوڳيءَ پيار سان پنهنجي ويجهو وهاري، خوشامد جي نموني ۾ ان سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو. آخر ڳالهين ۾ ڳالهيون ڪندي پري کي جڏهن پاڻ ڏي پورو راغب ڏٺائين تہ تڏهين چيائينس: اي مهاسندر! جمع جي رات کان سواءِ ڪنهن بہ رات جيڪڏهين آئون توکي دنيا جي پردي تي وٺي هلان تہ تون جيڪر منهنجو چوڻ مڃين يا نہ. پريءَ چيو: پيارا استاد! اوهان کي خبر آهي تہ راجا اندر جو مون تي ڪيترو خيال آهي، ايتري قدر جو اها جمعي جي رات بہ هو لاچار مون کي هتي اوهان وٽ پنهنجي ڪم لاءِ ڇڏي ٿو مگر تڏهين بہ جلد موٽڻ لاءِ جيڪو هر هر تاڪيد ٿو ڪري، ان جو ايترو مون تي اثر آهي، جو وس پڄندي جيڪر آئون دير ڪين ڪريان ۽ هو رڳو اوهان وٽ ئي مون کي اچڻ ڇڏي ٿو نہ تہ مون کي پنهنجي ڳوٺ ماءُ پيءُ ۽ جيڏين سرتين کي ڏٺي بہ ڪي ڏينهن لنگهيو وڃن، سو اهڙيءَ طرح آئون ڪيئن توهان سان گڏ دنيا جي پردي تي هلي سگهندس ۽ خبر نہ آهي تہ هيترو وقت اوهان ڪڏهين بہ اهڙي خواهش ڪانہ ڏيکاري، اڄ الاءِ جي ڪيئن مون کي اهڙي ڳالهہ چئي رهيا آهيو.

جوڳيءَ چيس: منهنجو ڪو انهيءَ ڳالهہ ۾ خاص مقصد رکيل ڪونہ آهي، جنهنجي لاءِ ڪو شڪ شبهہ ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون جي سڄي حياتي اوهان جي خدمت ڪرڻ ۾ گذاري آهي، سو دنيا جي پردي تي منهنجا ويجها عزيز جن رڳو پرين جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، سي هميشہ مون کي چوندا آهن تہ تون جو اچي ڀاڙون ٿو هٽين تہ آءُ پرستان جي پرين جو استاد آهيان۔ ۽ انهن کي نچڻ ڳائڻ سيکاريندو آهيان، اسان کي بہ هڪڙي ڀيري تہ پريون ۽ انهن جو ناچ ڏيکار! سو انهن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ منهنجي مرضي هئي، تنهنڪري مون توکي چيو. ان ۾ منهنجو نالو ۽ ناموس ٿيندو تہ آئون بہ ڪو وڏيءَ پهچ وارو آهيان. مهاسندر جواب ڏنو تہ استاد سائين واه جو ڪم مون کان ٿا وٺو. اسين باه جي پيدائش ۽ آدمي مٽيءَ مان نهيل، اسان جو ۽ انهن جو پاڻ ۾ ناهہ ئي ڪونهي، پوءِ ڪيئن دشمن جي اڳيان آئون هلي تماشو ڪريان؟ ائين هن کان اڳي تہ ڪڏهين بہ مون ڪٿي ان جو ٻڌو نڪو ڏٺو. اڄ اوهان کي الاءِ جي ڪيئن اها ڳالهہ اچي مغز ۾ ويٺي آهي، جيڪڏهن راجا کي اهڙي خبر پوي ۽ ضرور پئجي بہ ويندي، جو اهڙي خبر لڪڻ واري نہ آهي، تہ پوءِ پانيو ٿا تہ ان جي بددعا سان منهنجو ڪهڙو برو حال ٿيندو سو مونکي معاف ڪندا اهو ڪم مون کان ڪين پهچندو.

جوڳيءَ کي اهو جواب ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ نرڙ ۾ گهنج وجهي چيائين: مون تنهنجي تعليم لاءِ ڪيتري قدر پاڻ پتوڙي، توکي هن منزل تي پهچايو آهي، جنهن ڪري راجا وٽ منهنجي تعليم جي ئي ڪري تنهنجو ايڏو مان ٿيو نہ تہ اڳي راجا توکي پڇندو بہ ڪونہ هو. مونکي هميشہ تو ۾ اهائي اميد هئي تہ تون وفادار ۽ لائق آهين، تنهنڪري آئون جيڪو بہ قدم تنهنجي لاءِ کڻندس، سو منهنجو سجايو ٿيندو. پر هاڻي معلوم ٿيو تہ تون لائق شاگرد ڪانہ آهين. آئون هاڻي ڏس تہ ڪنهن اشراف ۽ لائق پري کي سيکاري، ڪيئن ٿو راجا وٽ مقبول ۽ عزت وارو ڪرايان ۽ تنهنجو ڏسج تہ ان وقت ڪهڙو مان ۽ مرتبو ٿو وڃي باقي رهي، جنهن تي تون هينئر ايڏي آڪڙ تي ڪرين. بس اج کان پوءِ تنهنجو منهن ڏسڻ بہ مون کي ڪين وڻندو.

مهاسندر پري جوڳيءَ جي ڪاوڙ ۽ ڏمر جو تاب جهلي نہ سگهي ۽ دل ۾ سمجهيائين تہ سچ ٿو چوي، تڏهين يڪدم هيسجي ويئي ۽ آزي نيازي ڪري معافي وٺي چوڻ لڳي: سائين آئون اوهان جي حڪم جي ٻانهي ۽ جو چيو مڃڻ لاءِ ٻڌل آهيان. پر اوهان کي خبر آهي تہ راجا مونکان ٻول ورتو آهي تہ ان ڪانسواءِ ٻئي هنڌ ڪٿي بہ ناچ نہ ڪنديس. هاڻي آئون ٻن ٻاهين ۾ اچي ڦاٿي آهيان. هڪڙي پاسي راجا جو خوف ٻئي پاسي اوهان جو ڏمر. باقي جو منهنجو اهو عرض قبول ڪريو تہ ٻيون راتيون ڇڏي رڳو جمعي جي رات قبول ڪريو تہ ان ۾ جتي حڪم ڏيندا اتي هلي آئون اوهان جي چوڻ جو پورائو ڪندس. باقي ٻين راتين لاءِ مهاراجا سان جو مون اقرار ڪيو آهي، تنهن ۾ مونکي ڪوڙو نہ ڪريو.

جوڳي اها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو ۽ آخر استاد ۽ ٻالڪي پاڻ ۾ راضي ٿي ويا. پوءِ تہ مهاسندر اتي ناچ جي ڏنل سکيا جو استاد اڳيان ورجاءُ ڪيو. جوڳيءَ کي بہ اهو ڏاڍو وڻيو ۽ مست هاٿيءَ وانگي پٿي جهوليو ۽ گل جو مٿي ۾ هوس سو بہ پٿي پريءَ جي فراق ۾ پٿي چريو ڦريو. پريءَ جي اتفاق سان ان جوڳيءَ جي مٿي واري گل تي نظر پئي ۽ حيران ٿي ويئي تہ اهو گل الاجي هئن چري ڦري چو ٿو. وري فقير جو اڄ دنيا جي پردي تي ناچ ڪرڻ لاءِ ايڏو بحث ڪيو هو تنهن ڪري آڇي باقي گمان پيس تہ استاد جو ايترو مون تي هميشہ راز ۽ مهرباني پئي رهي آهي، جو ڪڏهين بہ مون سان هئن گهرو ڪونہ ٿيو آهي، اڄ هي رستو الاجي ڇو ورتائين. اهي ڳٽيون پڇائيندي نيٺ گمان پيس تہ اهو گل درحقيقت ڪا ساه واري شيءِ آهي ۽ دال ۾ ڪارو ضرور آهي، پر انهيءَ جو پتو ڪيئن وٺجي، پوءِ تہ وري دل لائي تماشو ڪرڻ لڳي، اهڙو راجا جي جي دربار ۾ بہ ڪڏهين ان جو مجرو ڪونہ لڳو هو. جوڳي بہ اهڙو موج ۾ اچي ويو جو پريءَ کي چيائين: اڄ تنهنجي تماشي مونکي ڏاڍو راضي ڪيو آهي، جيڪي توکي گهرڻو آهي، سو جي هينئر گهرنديئ تہ ملندءِ. پري هڪڙو ناز پري ڦيري ڏيئي، سندس ويجهو اچي ويئي ۽ مجرو ڪندي چيائينس: استاد جي مٿي مبارڪ تي اهو گل آهي، سو مونکي عنايت ٿئي. جوڳيءَ چيو: اهو ڪنهن دوست جي امانت آهي، ان ۾ خيانت ڪرڻ ۾ منهنجي اشرافت ڪانہ ليکبي، اهو ڇڏي باقي جيڪي بہ گهرجيئي سو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مهاسندر ڏاڍي ناز سان چيو استاد اوهان ڪڏهين بہ چوڻ ڪونہ موٽايو آهي، اڄ هڪڙي خسيس گل لاءِ منهن موڙيو ٿا. پنهنجو واعدو ٽوڙيو ٿا. پري وري بہ بار بار ان گل جي ئي

گهر ڪندي ٿي رهي، جوڳي بہ انڪار جي وائي وارينڊو ٿي آيو. پريءَ ڏنو تہ هاڻي ڪا اٽڪل ڪجي لٽر کي چڪر، سو منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائين: استاد اوهين گل مون کي ڏيڻ جي نٿا ڪريو پر نتيجو چڱو ڪونہ نڪرندو. ڇو تہ ڳالهہ جو مطلب هاڻي آئون سمورو سمجهي ويئي آهيان، باقي آئون دربار ۾ اها ڳالهہ ضرور ظاهر ڪنديس، تہ اوهان اڄ زبردستي سان مون کان انجام ورتو آهي تہ آئون اوهان سان دنيا جي پردي ۾ هلي خاڪي انسان جي اڳيان ناچ ڪريان. هيڪر انهيءَ ناڪار جو ڪونہ ڪو نتيجو ضرور ظاهر ڪري ڏيکاريندس، نہ تہ چڱو آهي تہ اهو گل مون کي ڏيو پر جي مرضي نہ اٿوَ تہ بہ انهيءَ جي سچي حقيقت مون کان نہ لڪايو. جوڳيءَ ڏٺو تہ هن مان ڪونہ ڪو اگرو نتيجو نڪرندو. تنهنڪري اول تہ مهاراجا جي سر جي قسم کڻائڻ سان انجام ورتائينس تہ اهو راز ٻئي ڪنهن سان بہ پڌرو نہ ڪنديءَ، جي قسم نہ کڻنديءَ تہ پوءِ منهنجو انڪار آهي، ڀلي توکي جيڪو بہ گهوڙو ڊوڙائڻو هجي سو وڃي ڊوڙاءِ. پريءَ کي تہ ڪو انهيءَ گل جو ازغيبي عشق لڳي ويو هو سو يڪدم قسم کڻي انجام ڪيائين ۽ جوڳي جي دل وٺڻ لاءِ چيائينس: استاد واه واه هرويرو اهڙو ٿا سمجهو ڇا، تہ آئون اوهان جو راز وڃي ٻاهر ظاهر ڪنديس. پوءِ فقير شهزادي ممتاز جو بيان اول کان آخر تائين ڪري ڪيس ٻڌايو تہ هن طرح ملڪ بي نظير جي عشق ۾ نڪتو جنهن وري تنهنجي ناچ جو سوال وڌو منهنجو ڌرم جو پٽ هو تنهنڪري مون کان مدد وٺڻ آيو ۽ تنهنڪري مون توکي لاچار ايترو تنگ ڪيو. تون بہ منهنجي شاگرديائي جڻ اولاد آهين، هو بہ منهنجو ٻچو آهي، هاڻي مونکي اميد آهي تہ ان جي دل جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ تون پنهنجو انجام پاريندينءَ ۽ منهنجي ڳالهہ مٿي ڪندينءَ.

مها سندر چيو: سائين آئون پنهنجو انجام واه جو پارينديس. هاڻي انهيءَ انسان جي اصل صورت بہ مهرباني ڪري ڏيکاريو تہ آئون بہ ڏسان ڪهڙو سهڻو انسان آهي، جو اهڙين سهڻين ٻانهن جو شائق آهي. پوءِ گياني پرک جوڳي ڪي لفظ پڙهي گل تي ڦوڪاريا تہ شهزادو اصلوڪي صورت انسان جي ۾ اچي ويو. ممتاز جي سهڻي صورت ڏسي مهاسندر جا هوش ڦري ويا ۽ دانهن نڪري ويس تہ ڏٺيءَ سڳوري انسان کي بہ اهڙي سونهن ڏني آهي، جا اسان پرين کي شرمسار ڪري رهي آهي ۽ بره جو تير نڪاءُ ڪري آرپار لنگهي ويس. فقير کي چيائين: شهزادو منهنجي دل جو مالڪ بڻجي ويو هاڻي ڏيو تہ پاڻ سان وٺي وڃي ڪا گهڙي سک جي گذاريون ۽ غمن کي دور ڪريون. جڏهين حڪم ڏيندا تڏهين وري بہ آڻي ڪيس اوهان وٽ پهچائينديس، باقي هن وقت ان کان جدا گهارڻ هڪ گهڙي بہ مشڪل آهي. جوڳيءَ چيس: مون کي اعتراض ڪونهي، پر جيئن هن جي جان کي ڪو جوکو نہ پهچي. پريءَ ورندي ڏني: سائين هي تہ منهنجو سائين آهي ۽ آئون ان جي ٻانهي، پوءِ هن جي جان جي جوکي جو ڪهڙو سوال آهي.

آخر فقير موڪل ڏني ۽ شاهزادي جي ڪيس تمام گهڻي پارت ڪئي. پريءَ پاڻ سان گڏ تخت تي وهاريس ۽ اڏام کٽوليءَ تي اکڇنڀ ۾ اچي پنهنجي باغ ۾ پهتي. ممتاز ان باغ جو نمونو ۽ ناه نوه، وڻن ميون ۽ گلن جا رنگ روپ ۽ نئين نموني جا نقش نگار ڏسي حيران ٿي ويو. سون، ربو هيرا جواهر بہ اتي ياد ڪين هئا، جڻ بيڪار پٿرن جا انبار هئا، جي ڪنڊن پاسن ۾ پيا هئا.

مطلب تہ باغ جي شڪل ۾ جوڙجڪ ڏسي جيڪر سڀ ڪو اهائي راءِ ڏئي، تہ هي باغ بہ ڪو بهشت جي باغن مان پٽي ڪٽي هتي آندو ويو آهي.

پري ۽ ممتاز هٿ هٿ ۾ ڏيئي گھمندا، دل جا حال احوال اوريندا، اچي محلات ۾ پهتا. جتي نوڪر چاڪر، شراب ڪباب، مطلب تہ ناچ ۽ راڳ جي سازن سميت محفل جو سڄو اسباب موجود هو. هڪدم شراب جو دور هلي ويو ۽ سهڻين معشوقڙين جو ڳانو ۽ ناچ شروع ٿي ويو. جڏهين پيالن جي پالوٽ پنهنجو پورو رعب ڄمايو تڏهن طعام جو حڪم ٿيو. سڀني مجلسين خوب پيٽ ڀري کاڌو. آخر سمهڻ جو وقت آيو. سڀڪو پنهنجي پاٿاريءَ ڏي ويو هي ٻئي عاشق معشوق سيج تي سمهيا. سڄي رات عيش عشرت ۾ گذري، جنهن جو بيان ڪرڻ مان ڪي ورندو ڪين.

صبح جو مهاسندر وهنجي سهنجي راجا جي دربار ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي. شهزادي کي چيائين تہ مون کي راجا جي دربار ۾ نوڪري ڏيڻي پوي ٿي، اگرچہ توکان جدا گهارڻ ڏکيو ٿو لڳي، پر مجبور آهيان. ڇا ڪريان مهرباني ڪري ڪجھ ڏينهن موڪل ڏي، تيسين پنيان منهنجا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون دل سان تنهنجي خدمت ڪندا، پر انهيءَ وچ ۾ ٻاهر نہ نڪر، ڇو تہ هتي جا ديوَ خراب آهن، متان توهان کي ڪو نقصان پهچائين، باقي باغ جي اندر ڪنهن کي پير پائڻ جي بہ مجال نہ آهي.

پوءِ ياڪر پائي، شهزادي کان حسرت مان موڪلايائين. ان جي وڃڻ کان پوءِ شهزادو بہ ان جي فراق ۾ بي تاب گذاريندو هو سو بيماريءَ جو بهانو ڪري اندر ٽي اندر پيو هوندو هو. نوڪر دلداري ڏئي ٻاهر گهمڻ ڦرڻ لاءِ چوندا هئس، پر دل ئي نہ ٿيندي هيس. آخر خدا خدا ڪري مقرر ڏينهن پورا ٿيا ۽ مهاسندر اچي ويئي. هي خوشيءَ کان هڪ ٻئي کي ياڪر پائي مليا. راجا وٽان جيڪي سوڪڙيون پاڪڙيون مهاسندر کي مليون هيون، سي سموريون ممتاز اڳيان رکيائين.

اهڙيءَ طرح مهاسندر رات جي واسطي ايندي هئي، پنج ڇھ ڏينهن غير حاضر رهندي هئي، هڪڙي ڏينهن ممتاز چيس: اي محبوب! آئون تنهنجي لاءِ ڪيڏا ڪشالا ڪاٽي جهنگل جهاڳي هتي آيس، تون پنهنجي ناچ تماشن ۾ پوري آهين، الاجي منهنجي نصيب ۾ ڇا لکيل آهي. مهاسندر پري اها ڳالھ ٻڌي روئي پيرن تي ڪري چيس: اي پيارا! جيءَ جا جيارا تون ڀانئين ٿو تہ منهنجي دل ۾ ڇا پيو وهي واپري مگر لاچار آهيان، راجا اندر تمام سخت آهي. هن جي بددعا تمام خراب آهي، شال ڪنهن کي پاراتو نہ ڏي، پر هاڻي ڏٺيءَ تي رک ڪانہ ڪا ڇوٽڪاري جي وات ملي ويندي. خدا ڪريم ڪارساز آهي، اهو پاڻ کي هميشہ ائين ڏکن ۾ ڪين ڇڏيندو.

پوءِ جيئن تيئن ڪري ٻئي عاشق معشوق هڪ ٻئي کان جدا ٿيا. هڪڙي ڏينهن شهزادو بہ گهڻو وقت ويهي ٿڪجي پيو سو ارادو ٿيس تہ شڪار سان دل وندرائجي. جهنگل ۾ وڃي هڪڙو هرڻ شڪار ڪري اهو ڪٽي پئي آيو ان وقت افروز پري، جا ٻئي پاسي مان اڏامندي ٿي ويئي، تنهنجي نظر وڃي شهزادي تي پئي، ان جو حسن ڏسي حيرت ۾ اچي ويئي، تہ ههڙو ملائڪ جهڙو سهڻو جوان ڪيئن ڏرتيءَ تي لهي آيو آهي، پر ظاهر ۾ تہ انسان ٿو ڏسجي ۽ انسان کي ڪهڙي طاقت جو هتي اسان جي ملڪ ۾ اچي ۽ هئن بي ڊپو جهنگلن ۾ گهمندو وتي، شايد ڪا پري ههڙو سهڻو جوان ڏسي،

دنيا جي پردي تان ان کي وٺي آئي آهي ۽ هتي جهنگ ۾ لڪائي ان سان رات ڏينهن پنهنجو روح راضي پئي ڪري. هاڻي آئون بہ ويجهي وڃي ان کان حال احوال وٺان ۽ پنهنجي اندر جو احوال ان کي ٻڌائي ڪنهن طرح ريجهائي راضي ڪري گهر ۾ وٺي وڃانس پوءِ پاڻيهي بيا ڪم پيا ٿيندا.



سو پاڻ کي سينگاري سنواري ممتاز وٽ اچي قرب واري ڪلام سان سڪ پريل سلام ڪيائين. شهزادو بہ ڪيڏاري هو تنهن انهيءَ ڀار ۽ ڍنگ تي سلام جو جواب ڏنس، پوءِ پڇڻ لڳس: اي انسان زادا! ڪيئن اسان جي پرستان ۾ پير گهمايا اٿوَ.

شهزادي چيس: چري تہ ڪينَ ٿي آهين، جو انسانن جي آبادي کي پرين جو ملڪ پئي چوين.

پريءَ چيس: سائين پلا پانيو تا تہ ڪهڙي ملڪ ۾ آهيو؟

ممتاز جواب ڏنو: آئون ممتاز بادشاهہ آهيان۽ هيءَ ولايت منهنجي آهي. اڄ شڪار جو خيال ٿيو سو هرڻ ماريو اٿم، جو سامهون ڏسين ٿي. لشڪر منهنجو فلاڻي جاءِ تي لٿل آهي، آئون هرڻ جي پنيان پيس سو رستو منجهي پيس، مٿان طوفان بہ اچي ڪڙڪو ڪيو. هاڻي طوفان ختم ٿيو آهي، آئون پنهنجي منزل تي پيو وڃان، تون وري ابتا خواب پئي لهين.

پري بہ ڪا وڏي هرتالڻ هئي، تنهن چيس: ميان انهن اٽڪلن مان ڪي ڪين ورندءِ، ڪنهن معشوق پريءَ سان دل لڳائي هتي پيو موجون ڪرين. هاڻي مون سان سچي ڳالهہ ڪر. مون کي پنهنجو خير خواه دوست ڄاڻ ۽ مون ۾ بدخواهيءَ جو گمان نہ رک.

شاهزادي پڇيس: ڀلا تون پنهنجو حال ٻڌاءِ تہ ڪير آهين ۽ نالو ڇا اٿئي؟

جواب ۾ چيائين: منهنجو نالو افروز پري آهي. هتي ديوَ ڏاڍا خراب آهن. توکي ڏسندا تہ هلاڪ ڪندءِ. هلي منهنجي گهر آرام ڪر. توکي آئون ڏاڍو آرام سان ۽ سکيؤ سهنجو رکندس.

ممتاز چيس: اڙي اي ڏوتڙ! واٽ ويندڙن سان وتين هٿين پوندين. تنهنجي سنگت مان مون کي کهڙو فائدو پهچندو. پنهنجو رستو وٺ. تنهنجي سنگت کان ديون جو نقصان منهنجي لاءِ بهتر آهي.

پري اهڙو جواب ٻڌي اندر ۾ ڪامي وئي ۽ پڪو پرڻ ڪيائين تہ انهيءَ جو بدلو هن کان وٺنديس. مگر ان مهل خاموش رهي. سور سمورو سهي هلي وئي.

ممتاز بہ ڏٺو تہ مهاسندر جو چوڻ برابر هو. ٻاهر نڪرڻ ۾ سلامتي نہ آهي. تنهنڪري ماٺ ڪري وڃي اندر ويهي رهيو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ وري ٻاهر ڪونہ نڪتو.

افروز کي ڏاڍو فڪر اچي لڳو تہ اهو انسان ضرور ڪنهن پريءَ جي گهر ۾ لڪل آهي. تنهن ڪري ڇا ڪيائين. جو هر هڪ پريءَ سان ساهيڙپ رکي انهيءَ بهاني سان ان جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ ۽ پوري طرح جاسوسي ڪرڻ لڳي. اهڙيءَ طرح سڄو پرستان ڳوليائين. پر ممتاز جو ڪٿان بہ پتو نشان ڪونہ مليس. تڏهين سمجهيائين تہ باقي مهاسندر پريءَ جو گهر وڃي بچيو آهي. جيڪڏهين اهو آدم زاد آهي تہ يقينن ان کي جي گهر ۾ آهي. پر جي اتي بہ نہ آهي تہ ڪنهن ديو جي ور چڙهي ويو جنهن ان ختم ڪري ڇڏيو.

هاڻي هن کي اچي مهاسندر جي گهر جي لوري لڳي. سا اول تہ راجا اندر جي دربار ۾ اچڻ وڃڻ لڳي. جتي مهاسندر سان اُن جي سڃاڻپ جو رستو ٿيو ۽ انهيءَ بهاني جي ڪري باغ ۾ اچ وڃ جو وجهہ مليس ۽ جنهن ڏينهن مهاسندر راجا کان هڪ ڏينهن موڪل وٺي باغ ۾ گهمي ايندي هئي، ان ڏينهن هيءَ بہ اڳيئي حاضر وينتي هوندي هئي. جنهن ڪري ممتاز ۽ مها سندر جو پاڻ ۾ ملڻ ٿيندو ئي ڪونہ هو. مهاسندر بہ بلڪل عاجز ٿي پيئي تہ هن سان رستو رکي مورڳو آفت پرايم. سو گهڻائي عذر ۽ بهانا ڪندي هئي. بيمار ٿيندي هئي ۽ ٻيا بہ ڪيترا گسائڻ جا بهانا ڪندي هئي. پر هن جند اصل ئي نہ ڇڏيس. تنهنڪري هاڻي ان سان مهاسندر بلڪل بي پرواهيءَ جو برتاءَ ڪرڻ لڳي ۽ منهن ڏيئي نہ ڳالهائڻ ۽ اهڙا ٻيا اڻنگا نمونا وٺڻ لڳيس. انهيءَ مراد سان تہ ڪاوڙجي هلي وڃي ۽ وري هتي نہ اچي. پر هوءَ تہ ڳالهہ کي صحيح ڪري ويئي هئي. سو دل ۾ ڪو پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين تہ جيڪڏهن مون سان کهڙي بہ خراب هلت هلندي. تہ بہ آئون راز معلوم ڪرڻ ڏاران هتان نہ وينديس.. بس هاڻي مهاسندر بلڪل بيزار ٿي پيئي. هڪڙي ڀيري افروز پري وجهہ وٺي مهاسندر کي چيو: ڀيڻ آئون ڏسان ٿي تہ توکي ڏاڍو ڪو فڪر رهي ٿو. راجا جو بہ توتي ڪيڏو راز ۽ هٿ آهي. مگر انهيءَ هوندي بہ تون نٿي رهين.

مهاسندر چيس: مونکي مهيني ڏيڍ کان وٺي ڪا اندروني بيماري ٿي پيئي آهي. جنهنڪري من منهنجو ان جي فڪر کان خوش نٿو رهي. اتي افروز بہ پاڻ جهلي ڪين سگهي. چوڻ لڳيس: ڀيڻ آئون تڏهين بہ توکان چار ڏينهن وڏي آهيان. مون کي عقل نہ سيکار. مون بہ هيتري سڄي عمر زمانو

جانچي ڏٺو آهي، توکي مڙيوئي ڪنهن آدم زادي جي عشق جي چوٽ آهي، پر مون کان سيپئي لڪائين ٿي ۽ مون کي ڏارين پيئي ڄاڻين. اڄ تہ ملڪ ۾ اهو عام وهنوار ٿي پيو آهي. مون کان ڪنهنجو بہ احوال لڪي نہ سگهندو سڄي پرستان جو حال توکي بہ ساريل هوندو جي نہ تہ وٺ تہ آئون توکي ٻڌايان. فلاڻيءَ پريءَ جو فلاڻو آدم زادو دل گهرئو آهي ۽ هن راڻي پريءَ جو فلاڻو آدم زادو دوست آهي. ائين دنيا ۾ وهنوار پيو هلي. اڄ ستي جتي رڳو زمين آهي، باقي بيو ڪهڙو بہ مخلوق اهڙو دم هڻي نٿو سگهي. توکي واجب هو تہ پنهنجو هيتري وقت کان گهرو رستو هو مون کي پنهنجو راز محرم سمجهي، ازخود مون کي واقف ڪرين ها. اهڙيءَ طرح ونئي هيٺ مٿي جا ان کي لاڙها چاڙها ڏيکاريائين. مهاسندر ويچاري عشق جي منل هئي ۽ هينئر آتي باقي هن ڏوتڻ جي ڪپ ڪوڙي ويهي رهڻ سبب ڪيترا پيرا شهزادي سان هن افروز جي ڪري ملڻ جو وجهہ ڪين مليس، سا عاجز ٿي پيئي ۽ سمجهيائين تہ هيءَ جا ايتري سچائي ٿي ڏيکاري، تنهن مان هاڻي ڪو خوف خطرو نہ هئڻ گهرجي. پوءِ تہ دل کولي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس تہ هن طرح دنيا جي پردي ۾ هڪڙي سهڻي جوان تي عاشق ٿي پيس ۽ ان کي هتي ونئي آئي آهيان. افروز چيس: واه واه مفت هيترا ڏينهن مون کان لڪائي پاڻ کي بہ ان جي جدائي ۾ هلاڪ ڪيو اٿئي. مون کي بيگانو ۽ ڏاريون نہ ڄاڻ، آئون هر حال ۾ توسان رازدار ٿي رهنديس، هاڻ ان کي گهراءِ تہ ڪي خوشيءَ جون محفلون ڪريون. آئون بہ ڪو ناچ ۽ راڳ جو مجرو ڏيکاري، ان کي خوش ڪريان. تنهن تي مهاسندر شهزادي کي اتي ماٺهو موڪلي گهرايو جو اتي جڏهين آيو تڏهين پنهنجي محبوب کي ڏسي مهاسندر هڪدم بيهوش ٿي ويئي، تنهن تي افروز اٿي ان جي منهن تي گلاب ڇنڪاريو تہ هوش ۾ آئي. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي خوش ٿيا ۽ پوءِ شراب آيو ۽ محفل جو دور شروع ٿيو. راڳ ۽ ناچ کان پوءِ کاڌو آيو جو سيني کاڌو ۽ سيڪو وڃي پنهنجي جاءِ آرامي ٿيو. مهاسندر سڄي رات پنهنجي محبوب سان موجون ماڻيون ۽ افروز سڄي رات پاسا ورائيندي ڳوڙها ڳاڙيندي گذاري ۽ دل ۾ پهہ پئي پچايائين تہ هاڻي چور تہ ڳولي هٿ ڪيم، پر ڪيئن هيءَ بازي ڦٽائجي.

آخر صبوح ٿيو مهاسندر کي راجا جي دربار ۾ وڃڻو هو افروز کي تاڪيد ڪيائين تہ تيار ٿي تہ هلون جو وقت اچي پريو آهي، هن کي جا دل ۾ دغا هئي، تنهن ظاهر ۾ تہ هائو هائو پئي ڪئي، پر ڳجهيءَ طرح پنهنجي نوڪرن کي سمجهائي ڇڏيائين تہ منهنجي سواريءَ آڻڻ ۾ اوهين تنائجو ۽ ڄاڻي واڻي پيا دير وجهجو. آئون اوهان تي ڏاڍي ڪاوڙ ڪريان يا گهٽ وڌ ڳالهايان تہ ان جي پرواه نہ ڪجو ائين ڪرڻ مان ان جي مراد هئي تہ مهاسندر ترسي ڪين سگهندي ۽ ضرور هلي ويندي. پوءِ مون کي وجهہ لڳندو.

مهاسندر تہ افروز کي ڏاڍو تاڪيد پئي ڪيو ۽ ان جي دل ۾ بہ چور اچي پيو تہ هن جو مون کان پوءِ رهڻ هتي چڱو نہ آهي. جيترو ٿي سگهي اوترو هن کي پاڻ سان ونئي وڃان، پر وقت تمام پرجي آيو ۽ اڃا افروز جي سواري ڪانہ آئي، تڏهين لاچار چيائينس: يلا آئون هلان ٿي، تون جلد اچي فلاڻي هنڌ رسج. ائين چئي پاڻ تہ ممتاز کان موڪلائي هلي ويئي ۽ افروز آخر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي اتي رهجي ويئي.

# افروز پريءَ جي دغا ڪرڻ ۽ شاهزادي ڪي رستي ۾ ڪيرائي ڇڏڻ

مهاسندر جي موڪلائي وڃڻ کان پوءِ افروز پري شهزادي کي ڇيو هڪڙي هنڌ وهڻ مان دل کٽي ٿي پوندي، هلو ته هلي باغ ۾ گهمون ڦرون. ممتاز جو پنهنجي محبوب جي جدائيءَ ۾ غمگين ويٺو هو تنهن به مناسب سمجهيو ته وڃي دل وندرائجي. هن ڏوتڙ کي شهزادي بلڪل ڪونه سڃاتو هو ته اها ئي ساڳي آهي، جيڪا اڳ شڪار واري ميدان ۾ ساٿس ملي هئي ۽ پاڻ ۾ ڳالهايو ٻولهايو هئائون، پر هن سمجهيو ته هي مهاسندر سان گهايل مايل ۽ ان جي رازدان آهي، تنهنڪري ڪوبه شڪ گمان دل ۾ نه آٽي، اُتي ان سان گڏ باغ ۾ ويو.

گهمندي گهمندي گهڻو اڳتي ويا. جتي افروز نوڪرن کي سمجهائي ڇڏيو هو جي تخت سان حاضر هئا. افروز جي اُتي پهچڻ تي سيني گڏجي زوريءَ شهزادي کي تخت تي ويهاري ونيءَ آسمان ڏي اُڏاڻا.

اُتي افروز چيس: ياد ڪر، جنهن ڏينهن اسين پاڻ ۾ مليا هئاسون ۽ تو ڪيتريءَ بي مروتيءَ سان مون سان ڳالهايو ٿي. اڄ منهنجي هٿ ۾ آهين، اجا به جي مون سان دل ٻڌڻ چاهين ته هلي مون سان آرام ۾ گذار جي نه ته تنهنجي جان جو خير ڪونه رهندو.

ممتاز چيس: اي ڏوتڙ! تون مون کي جيڪي به تڪليف ڏيندينءَ اها تڪليف تنهنجي سنگت کان مون لاءِ بهتر آهي. جڏهين هن ڏنو ته هيءَ ڪنهن به ريت مڙڻ وارو نه آهي، جي آئون هن کي پاڻ وٽ وني وڃي وهاريندس ته مهاسندر کان ته ڳالهه ڳجهي نه رهندي، هوءَ زوريءَ به مون کان کسي ويندي ۽ آئيندي لاءِ دشمني به پئجي ويندي ۽ جي جيئرو ڪٽي ڇڏيانس ته هيءَ وڃي مزا ماڻي ۽ آئون پيئي ڏکن ۾ سڙان ۽ ٻران، تنهن کان شهزادي کي وارن کان جهلي مٿان ڪٽي زور سان ڦٽو ڪيائينس. ويچارو عاشق ڪوهه ڪاف جي چوٽيءَ تي اهڙي طرح وڃي ڪريو جو هڏ هڏ چور ٿي پيس، پر انسان حياتي ڇڏي ڪين ٿو مري، سو اجا لُڪيءَ ۾ ٿورو ساهه هوس. افروز به شهزادي هيٺ ڪيرائي موت حوالي ڪري روئيندي پٽيندي، ڏوڙ وسائيندي گهر ويئي، ان ڏک ۾ وڃي ڪتولي داخل ٿي.

جنهن وقت ممتاز جو هي حال ٿيو ان وقت بي نظير کي جيڪو گل شهزادي ڏنو هو جنهن جو نالو ان غيبي گل رکيو هو تنهن ۾ ڪٽي ڏسي ته گل بنهه ڪومائجي ويو آهي. چاتائين ته شهزادي ڏي هينئر خير ڪونهي، سا هوش حواس کان نڪري ويئي. سرتين سمجهايس ته ايترو بي حال نه ٿي. اجا گل پوريءَ طرح سڪو ڪين آهي. خدا کان دعا گهر ۽ صبر ڪر. اهو ڪريم ڪار ساز آهي.

توکي چاليهہ ڏينهن تائين هن گل کي ڏسڻ گهرجي، سا ويچاري پنهنجي منهن خدا کان سوال گهرڻ لڳي تہ ڏٺي منهنجا منهنجي محبوب کي تون سلامتيءَ سان رکج.

هوڏانهن مهاسندر جي نوڪرن ڏنو تہ شهزادو افروز پريءَ سان گهمڻ ويو سو موٽيو ئي ڪونہ. سي ان جي ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙيا ڊڪيا، پر پتو ڪونہ پيِن. لاچار وڃي مهاسندر کي ٻڌايائون، جا اها ڳالهہ ٻڌي ويتر هوش مان نڪري ويئي ۽ صدمي ۾ بي هوش ٿي وئي. جڏهين هوش ۾ آئي، تڏهين پيو ڪو چارو نہ ڏسي راجا کي عرض ڪيائين تہ آئون ڪنهن ڳجهي بيماريءَ کان سخت بيمار ٿي پئي آهيان، ﭜہ ٽي هفتا مهرباني ڪري موڪل ڏيو تہ علاج ڪرائي تندرست ٿي سگهان. راجا چيس تہ، آئون سيني حڪمين کي حڪم ٿو ڏيان تنهنجي درد جي دوا ڪن. پريءَ وري عرض ڪيس تہ، هيءَ زناني بيماري آهي، منهنجا پيءُ ماءُ رازدار آهن، انهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ منهنجي خدمت ڪونہ ڪري سگهندو. تڏهين راجا بہ جانچي ڏنو تہ بيشڪ اهڙي بيمار آهي، جو عقل بہ بجاءِ نہ اٿس. اهڙيءَ حالت ۾ لاچار موڪل ڏنائينس، جا سڌي اتان باغ ۾ آئي. پڇاڳاڇا سان تہ ڪابہ خبر ڪانہ پيس، مگر دل ۾ پڪو گمان هوس تہ اها حرڪت افروز پريءَ جي آهي، تنهنڪري هڪڙي هوشيار پري جاسوسيءَ لاءِ افروز پريءَ جي گهر موڪليائين. جنهن اچي ان کي مهاسندر جا سلام ۽ ٻيا تحفا جي راجا کان مليا هئس، سي آڻي ڏنائينس ۽ نياپو ڏنائينس تہ تنهنجي خير عافيت جي خبر ڪانہ ٿي پوي، تنهنڪري دل کي انتظار آهي.

افروز دل ۾ سمجهيو تہ اڃا هن کي شهزادي جي خبر ڪانہ پيئي آهي. خير! ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. پوءِ ان پريءَ کي پاڻ وٽ رهائي، هڪ ڏينهن کان پوءِ ان کي واپس وڃڻ جي موڪل ڏنائين. اهو عرصو ان پريءَ گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳوليو مگر پتو ڪونہ پيس تہ شهزادو ڪٿي آهي.

آخر باغ ۾ گهمندي گهمندي هڪڙي نوڪر کي ڳالهين ٻولهين ۾ ٻڌي، پوءِ ان کي چيائين: يلا راجا اندر هڪڙو آدم جو ٻچو مهاسندر کي ڪاڏي لاءِ موڪليو هو جو ان وري پنهنجي ساهيڙيءَ افروز کي ڏنو هو سو هت اوهان وٽ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي؟ جي آهي سلامت تہ لقمو مون کي بہ چکائجو جي ڪائي ڇڏيو اٿوَ تہ ٿيو خير! ان نوڪر کي بہ ڪي اندر جا ڏاڍا خار ۽ ساڙ هئا، تنهن چيو: مائي! ڪهڙيون ڳالهيون ٿي پڇين! هي اهڙي ڪم بخت آهي، جو اها لذيذ نعمت نہ پاڻ ڪم آندائين، نہ ٻئي ڪنهن کي ڏنائين. هن کي تخت تي ڪٺي هيڏانهن ٿي آئي، واٽ تي هن جي سونهن تي چري ٿي پيئي ۽ ان سان ميلاپ ڪرڻ ٿي گهريائين، پر ان بلڪل قبول نہ ڪيس، تڏهين خارن مان وٺي ان کي ڪوه ڪاف جي چوٽيءَ تي اڇلايائين، جو مري ويو هوندو يا مرڻ ۾ هوندو. هاڻي اُن جي ارمان ۾ سڄو ڏينهن پيئي ڳوڙها ڳاڙي.

انهيءَ پريءَ اها خبر ٻڌي، سو يڪدم اُتان اُڏاڻي ۽ اچي مهاسندر وٽ پهتي ۽ مهاسندر کي اها ڳالهہ سموري تفصيل سان ڪري ٻڌايائين. تنهن سيني ديون کي گهرائي چيو تہ جيڪو بہ هن آدم زاد جو لاش آڻي ڏيندو ان کي اڻ ميو خزانو انعام ڏينديس.

هزارين ديوَ انعام جي لالچ تي ڪوه ڪاف ۾ ڪاهي پيا، پر ڪنهن کي بہ پتو ڪونہ پيو. انهن

مان هڪڙو هيڊو ديو به هو سو ڳوليندي ڳوليندي تڪ ڪان هڪڙي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ويهي رهيو. اوچتو هڪڙي بلا پيدا ٿي، جنهن ان هيڊي کي ڪائڻ جو ارادو ٿي ڪيو ته هو پاڻ کي بچائڻ لاءِ جيئن ڊوڙيو تين پير ترڪي پيس ۽ ڏو وجي هڪڙي غار ۾ ڪيائين. انهيءَ غار ۾ ممتاز شهزادو به پيل هو جو هن هيڊي کي اونده ۾ ڏسڻ ۾ ڪين آيو مگر شهزادي کي اڃا ساهه هو ۽ سور کان ڪنجهيو ۽ دانهون پئي ڪيائين، جي هن ديو جي ڪن تي پيون ۽ هٿوراڙيون ڏيئي وڃي هٿ ڪري حال احوال ورتائينس ۽ خبر پيس ته اهوئي ماڻهو آهي، جنهن جي ڳولا ۾ مهاسندر هيڏي ڪوشش ڪئي آهي. پوءِ غار کان ٻاهر نڪري آيو ۽ منجهس طاقت ڪانه هئي، جو شهزادي کي کڻي سگهي، سو انهيءَ غار جو نشان ڪري پاڻ سڌو مهاسندر وٽ آيو. ان کي اچي احوال ٻڌايائين. جا اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ هڪدم ڪيترن هوشيار ديون سان هڪڙو تخت تيار ڪرائي، پاڻ به انهن سان گڏ هلي، جڏهين انهيءَ غار وٽ پهتا تڏهين هيڊي ديوَ ٻڌايو ته شهزادو هن غار ۾ اندر آهي.

پوءِ مهاسندر پاڻ ان ۾ گهڙي ويئي، اندر وڃي شهزادي کي ڏٺائين. ان کي ڀاڪر پائي چميون ڏنائين، پر ڏٺائين ته ان جو بدن سڄو چُور ٿيو پيو آهي، پوءِ ته آهستي ڪري تخت تي آٽي سمهاريائينس ۽ تخت کڻائي اچي باغ ۾ پهتي. چوطرف جيڪي نالي وارا حڪيم طبيب سڄهندا هئس، تن کي گهرايائين، پر انهن اميد ڪانه ڏيکاري، تڏهين هڪڙو حاذق حڪيم جو سندس باغ کان گهڻو پري رهندو هو ان ڏانهن ماڻهو موڪليائين، جنهن اچي شهزادي کي ڏسي مهاسندر کي ٻڌايو ته هن جي لاءِ باقي رڳو هڪڙو علاج آهي، سو آهي آب حيات پاڻيءَ جا 5ـ7 قڙا ۽ امر حيات نالي ڦل جو ڪو ذرو، اهي ٻئي شيون راجا اندر ڪانسواءِ ٻيو ڪٿان به ڪونه ملنديون، تنهن تي مهاسندر راجا کي خط لکيو ته آئون تمام بيمار آهيان، مونکي حڪيمن امر حيات ڦل ۽ آب حيات سان علاج ڪرڻ جو ڏس ڏنو آهي، جي ٻئي شيون سائينءَ جن جي قبضي ۾ آهن، جي هن ٻانهيءَ کي عنايت ٿينديون ته زندگيءَ جي اميد آهي نه ته ڪانهي. راجا ته ان لاءِ حيران هو تنهن نوڪرن کي حڪم ڏنو جي هڪڙي پيتي کڻي آيا. ان پيتيءَ ۾ اهي ٻئي شيون ڏاڍي پڪائيءَ سان ۽ سوگهيون رکيل هيون. راجا انهن مان آب حيات جا 5ـ7 قطرا ۽ امر حيات ڦل جو ننڍو ٽڪر جدا ڪري قاصد کي ڏنو ۽ تاڪيد ڪيائين ته جلد وڃي پهچاءِ ۽ مهاسندر کي لکيائين ته هي شيون آئون ڪنهن کي به ڪونه ڏيندو آهيان، پر تنهنجي سر لاءِ ڪابه منع ڪانهي، اڃا به ڪنهن ٻي شيءِ جي گهر هجي ته موڪليانءِ. قاصد هڪدم اچي پهتو. پري اهي شيون حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿي. حڪيم به ان کي دلجاءِ ڏني ته هاڻي ڪو ڊپ نه ڪر. پوءِ ممتاز جو انهن شين سان علاج ٿيو جو هڪ هفتي ۾ چڱو ڀلو بلڪ نوينو اڳئين کان به اگر ٿي پيو.

مهاسندر انهيءَ خوشيءَ ۾ ڏاڍيون خير خيراتون ڪيون ۽ 40 ڏينهن ان خوشيءَ جو جشن ۽ شادمانو چالو هو ۽ راجا اندر کي به عريضي لکيائين ته آئون اوهان جي دعا سان هاڻي بلڪل چڱي ڀلي آهيان، مون پنهنجي تندرستيءَ جي باس باسي هئي ته خيراتون ۽ شادماني جو جلسو ڪنديس، ان ۾ اوهان جو اچڻ به منهنجي لاءِ عزت جو سبب ٿيندو. راجا اها عرضي پڙهي خوشيءَ

سان قبول ڪئي ۽ پاڻ بہ وڏو لشڪر ۽ امير اڪابر وٺي اتي آيو. مهاسندر سندس عزت ۽ خوشيءَ ۾ مٿانس گهورون گهوريون ۽ ڪيترو خزانو سوکڙيءَ طور اڳيان نذر رکيو. جلسو پورو ٿيو تہ راجا پڇيس: هاڻي ڪڏهين دربار ۾ ايندينءَ. مهاسندر عرض ڪيو: ٽي ڏينهن مهلت ملي تہ پوءِ هميشہ جي دستور موجب پيئي ايندس. راجا اهي ٽي ڏينهن منظور ڪيا، پوءِ موڪلائي اچي پنهنجي جاءِ تي پهتو ۽ بيا مهمان بہ سڀيئي موڪلائي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

مهاسندر بہ اهي ٽي ڏينهن جي راجا اندر کان موڪل ورتي هئي، سي ٽيئي ڏينهن ممتاز سان رات ڏينهن عيش عشرت ۾ گذاريا. آخر مقرر ڏينهن تي ان کان موڪلائي، پاڻ راجا جي دربار ۾ مجري لاءِ رواني ٿي ۽ شهزادو بہ اڳئين وانگر اڪيلو باغ ۾ گهمي ڦري وقت پيو گذاريندو هو.

ٻئي طرف ملڪ بي نظير وٽ جو گل سڪي ويو هو ٿوري ڪا باقي ساوڪ وڃي منجهس رهي هئي ۽ ملڪ رات ڏينهن ماتم ۾ گذاريندي ۽ خدا کي سوال ڪندي هئي، سا اڄ گل کي وري هڪدم اڳي جهڙو ساڻو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ خيراتون ڪيائين.

هاڻي اسين ٿورو افروز پريءَ جو ذڪر ٻڌائيندا سون تہ اها شهزادي جي ذڪ ۾ جيئڻ وڃي هنڌ تي ڪري، تيئن تندرستيءَ جو منهن ڪونہ ڏٺائين. هڪڙي ڏينهن ٻڌائين تہ جنهن ممتاز کي مون اهڙي سزا ڏني، جنهن مان جيئرو رهڻ جو آسرو ئي ڪونہ هوس، سو اهو ساڳيو چڱو ڀلو ٿيو پيو گهمي گهتي ۽ مهاسندر ان سان موجون پئي ماڻي ۽ مون کي ڪجهہ بہ هٿ ڪونہ آيو. ڪتو بہ ڪاڏم ڪُک بہ نہ پيري، سو ڏاڍو ذک ٿي پيس. هڪڙي ڏينهن اچي پور پيس تہ ههڙي جيئڻ کان مرڻ وڌيڪ سٺو آهي. هاڻي دنيا ۾ ڪهڙو مزو ڏسبو سو هڪڙي قاتل زهر جي شيشي جا وٽس رکيل هئي، تنهنجو بوچ کولي کٽي وات ٽيائين ۽ سڄي شيشي اوتي کٽي پيٽ ۾ وڌائين، جنهن پنڌرهن منٽن ۾ پورو ڪري ڇڏيس. ان جي هڪڙي سڄي پيڻ نالي پري هئي، تنهن کي پيڻ جي اوچتي مرڻ جو ذک ٿيو ۽ حيرت بہ ٿيس. اها بہ خبر هيس تہ هن زهر کائي پاڻ کي هلاڪ ڪيو آهي، پر زهر کائڻ جو سبب ڪهڙو آهي. اها سموري ڳالهہ دل ۾ رکي مهاسندر کان وير وٺڻ جا پهہ پچائڻ لڳي. هڪڙي ڏينهن ان جو سامان ڳوليندي جاچيندي هڪڙي ننڍي نوٽبڪ تي نظر پيس، جنهن ۾ افروز پريءَ پنهنجو سمورو حال ممتاز تي عاشق ٿيڻ ۽ ممتاز جي انڪار ڪرڻ تي ان کي اڇلائڻ ۽ وري اهو ٻڌڻ تہ ممتاز چڱو ڀلو مهاسندر سان موجون پيو ڪري، اهو سمورو احوال لکي پڇاڙيءَ ۾ نوٽ لکيائين: هاڻي هن جيئڻ کان لاچار آئون زهر کائي مران ٿي، جو مون کان دنيا ۾ گذاريو نٿو ٿئي.

# افروز پريءَ جي ڀيڻ جو مهاسندر تي راجا اندر وٽ فرياد ۽ مهاسندر کي راجا جو سيڪت ڏيئي پنڊ پهڻ ٻڌائي ڇڏڻ

ڳالهين جي استادن هن ڳالهه کي اڳتي هيئن هلايو آهي ته افروز پريءَ جي ڀيڻ روح افروز کي جڏهين ڀيڻ جي زهر کائڻ جي سچي خبر پيئي، تڏهين هڪڙي ڏينهن معلوم ٿيس ته اڄ مهاسندر راجا جي دربار مان ڪنهن ڪم سبب موڪل وٺي ويئي آهي. ان جي غير حاضريءَ جو وجهه وٺي ماتمي ڪپڙا ڍڪي، مٿي ۾ مٽي وجهي، راجا جي ڪچهريءَ ۾ روئي اچي دانهن ڏنائين ته راڄ تون اسان جو داتا آهين، منهنجو داد ڪر.

راجا چيس: اول اهي ڪارا ڪپڙا لاهي، سهڻو وڳو پائي اچ ۽ پوءِ اچي بيان ڪر.

هن حڪم موجب ائين ڪيو ۽ پوءِ اچي بيان ڪيائين ته هن طرح مهاسندر هڪڙي آدميءَ جي عشق ۾ تمام انڌي ٿي پيئي ۽ راجا جون مهربانيون ۽ عزت وساري سمورو ڌيان انهيءَ آدم جي ٻچي ۾ لڳايو اٿس. منهنجي ڀيڻ افروز ان کي سمجهايو ته تون پنهنجو ۽ مهاراجا جو مرتبو ۽ مان سڃاڻ. ڪيترو سمجهايائينس، پر ان چڱائيءَ جي بدران اٽلندو مهاسندر ان سان دشمني رکي ۽ سمجهيائين ته متان افروز راجا کي سڄو احوال وڃي ٻڌائي. تنهنڪري ان سان ساهيڙپ جو رستو رکي، راجا جي دربار مان جيڪي ان کي ميوا سوکڙي ڪري ڏنا ويا هئا، تن ۾ زهر گڏي، اسان جي ڪٽنب ۾ ڏياري موڪليائين. جي افروز ۽ ٻين جن اسان جي ٻاتين کاڌا سي سڀ زهر وگهي مري ويا. رڳي آئون ٻچي آهيان ۽ هي جو هل اُٿيو آهي ته افروز پاٽيهي زهر کاڌو هو سو ٻه مهاسندر مشهور ڪيو هو. نه ته هن پاڻهي زهر ڪونه کاڌو هو مگر اجهو ائين دغا ڪري مهاسندر ان کي کارايو هو. ان جي ٻي هيءَ به ثابتي آهي ته مهاسندر بيماري جو بهانو ڪري راجا سائين کي امرت حيات ڦل ۽ آب حيات گهرايو هو سو پاڻ بيمار ڪانه هئي، پر انهيءَ آدم زادي لاءِ گهرايو هئائين. جنهن کي ديون اها سزا ڏني هئي، جو انهن کي مهاسندر جو آدم زادي سان رستو نٽي وڌيو.

راجا اها ڳالهه ٻڌي باه ٿي ويو ۽ ڏاڍي جوش مان ديون کي حڪم ڏنائين ته جتي به مهاسندر کي ڏسو اتان چوٽيءَ کان جهلي گهليندا، موچڙا هڻندا، مون وٽ اچي حاضر ڪريوس. ديوَ راجا اندر جي حڪم تي اوچتو وڃي مهاسندر مٿان ڪڙڪيا. هوءَ ڏاڍي موج ۾ شاهزادي سان رهاڻ ۾ مشغول هئي. ديون به راجا جي حڪم موجب جنسي ان سان اها حالت ڪئي. ڀلا هڙي ڦول جهڙي معصومڙي جنهن ڪڏهن بدن تي ڪک به ڪونه سنو هو تنهن سان جا اهڙي اوچتي عقوبت ٿي هوندي، تنهنجو

کھڙو حال هوندو. ويچاري ان مار موچڙي سان غش ٿي ويئي ۽ غشيءَ جي حالت ۾ ڪٽي وجي راجا وٽ حاضر ڪيائونس. راجا وٽ پهچڻ کان ڪجهه وقت پوءِ هوش ۾ آئي، تڏهين راجا چيس: اي ڪميٽيءَ ڪم ذات، ڪارمهين!! توکي مون کان بہ آدم زاد جو خيال وڌيڪ ٿيو جنهن سان تو نينهن لڳايو ۽ ان جي لاءِ دغا ڪري مون کان آب حيات ۾ امر ڦل گهرائي، ان کي چڱو پلو ڪيئي ۽ افروز پري جا مون کي خبرون چارون ڏيندي هئي، تنهن کي تو زهر ڏيئي ماريو. تو ڪيڏا نہ گناه ڪيا آهن، توکي ڪهڙي سزا ڏيڻ گهرجي. پوءِ راجا ٿورو وقت خاموشيءَ بعد نوڪرن کي چيو تہ اڙي پري ڪريو هن ڪاري پنڊپهڻ کي منهنجي منهن اڳيان. راجا اهي لفظ وات مان ڪڍيا مس تہ مهاسندر اتي جو اتي ڪارو پهڻ ٿي پئي. تڏهين ماڻهن کي چيائين تہ هاٽي هن پهڻ کي چو واٽي تي وجي ڦٽو ڪريو ۽ عام ماڻهن کي ٻڌايو تہ راجا اندر کي جيڪو ڪاوڙائيندو ان جي سزا اها آهي.

پوءِ افروز جي پيٽ پري روح افروز ڏاڍو خوش ٿي. راجا کان موڪلائي ٻاهر اچي انهيءَ پاهڻ تي ٽڪون اڇلائي، لتون هڻي پنهنجي دل جي ٻاڦ تڏي ڪيائين. مهاسندر جي مائٽن کي ۽ شهزادي کي اها خبر پئي، تن ۾ روج پٽڪو ۽ ماتم مچي ويو. هوڏانهن افروز پريءَ جا مائٽ وري خوشيون ڪرڻ لڳا، تہ اسان پنهنجو وير پوري طرح پاڙيو.

ممتاز چا ڪيو جو هو راڳ ۽ ستار وڄائڻ جو اڳيئي ڏاڍو هوشيار هو. سو گيڙورتا ڪپڙا ڍڪي، ٻائو ٿي، ستار وڄائڻ ۽ راڳ ڪرڻ لڳو. ڪيترن ماڻهن کي راڳ سيکاريندو بہ هو. آهستي آهستي ڪري راجا اندر جي دربار ۾ حاضر ٿيو جنتي راڳ ۾ ان کي هوشيار ڏسي راجا جي سرندائين ۽ ستار وڄائڻ وارن جي ٽولي ۾ جاءِ مليس ۽ روز راجا جي ڪچهريءَ ۾ مجري وقت ساز وڄائيندو هو. هڪڙي ڏينهن مهاسندر جي بدران روح افروز پريءَ جو وارو آيو. ان کي مهاسندر جي حياتي ناس ڪرڻ سبب ڏاڍي خوشي هئي، سا راجا جي ڪچهريءَ ۾ راڳ ڳائي مجرو ڏيئي، مٿي ماڙي ۾ اڪيلي وڃي ستي. ممتاز چا ڪيو جو مهاسندر جي مائٽن کي اڳيئي پنهنجي صلاح مصلحت ۾ ڪري ڇڏيو هئائين، اِئين انهن کان بہ ٿي جوان مدد طور ونې، روح افروز پريءَ کي بيهوشيءَ جي دوا سان بيهوش ڪري، ٻڌي ڪلهي تي کڻي، وري انهيءَ چوسول مان اچي اهو پنڊ پهڻ بہ کڻائي سڌو جوڳي وٽ آيو جنهن جي وسيلي مهاسندر سان ميلاپ ٿيو هوس. جوڳيءَ کي سمورو احوال ٻڌائي ڏاڍو روج ڪيائين. جوڳيءَ دلاسو ڏنس تہ ٻچا هي ڪم راجا جي پاراتي ڏيڻ سان ٿيو آهي، سو وري نهندو بہ انهيءَ جي دعا سان. پر اهو ڏاڍو مشڪل آهي، مگر تنهن هوندي بہ تون صبر کان ڪم وٺ، خدا گهريو تہ ڪو نہ ڪو رستو نڪري پوندو.

روح افروز پري هوش ۾ آئي، سا اهڙي هنڌ پاڻ کي ڏسي حيران ٿي ويئي. ممتاز کي بہ هٿا خار سو ڏنڊو کڻي اچي مٿان بيٺس، جيڪو پاسو ٿي ورايائين سو ٿي ان جو سٽي پورو ڪيائين. مطلب تہ ڏاڍي مار ڏيئي هڪڙي وڻ ۾ ابتو ڪري ٽنگي ڇڏيائينس. هن ڪيتريون آزيون نيزاريونءَ ميڙيون منٿون ڪيون، پر شهزادي چيس: مهاسندر هڪڙي ئي ايذاءَ سان مري ويئي، پر توکي آئون هزارين ايذاءَ ڏيئي ماريندس ۽ هرگز ڪين ڇڏيندوسانءِ.

بس پوءِ اها ڪيتي هوندي هيس، تہ صبح سانجهيءَ ڏاڍي مار ڏيئي پاڻ جهنگ ۾ هليو ويندو هو جوڳيءَ ڏٺو تہ ممتاز جو بہ حال وڃي ٿو بگڙندو ۽ امڪان آهي تہ ڪنهن وقت ديوانو ٿي هوش حواس نہ وڃائي ڇڏي، سو هڪڙي ڏينهن ممتاز کي وهاري چيائين: بچا اهو تون چڱو نٿو ڪرين، جو پنهنجي جان پنيان هٿ ڌوئي اچي لڳو آهين. سيڪو ڪم تجويز ۽ اٽڪل سان ٿيندو آهي. هاڻي منهنجي صلاح وٺ، هتان ٿوري پنڌ تي منهنجو وڏو ڀاءُ آتم پرش نالي رهي ٿو جو راجا جي پٽ گندرپ سين جو اُستاد آهي ۽ وٽس هفتي ۾ هڪ دفعو سلام لاءِ ايندو آهي. تون منهنجو خط کڻي انهيءَ وٽ وڃ، اهو پاڻهي تنهنجي ڪم لاءِ ڪو رستو ڳولي ڪڍندو.

شهزادو اها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو ۽ جوڳيءَ کان خط وٺي، ان جي ڀاءُ ڏانهن روانو ٿي ويو جنهن ۾ جوڳي لکي ڏنو هوس تہ اهو منهنجو گود ورتل پٽ آهي، ان سان جيڪا ڀِهچي سگهي سا مدد ڪندا.

ممتاز هلندي هلندي اچي ان فقير جي آستاني تي پهتو. ڇا ڏسي تہ هڪڙو نوراني صورت وارو انسان ڏاڍي رعب سان شينهن جي کل تي چڙهيو وينو آهي ۽ اکيون بند اٿس دنيا جي جڻ تہ خبر ئي ڪانهيس. شهزادي ويجهو وڃي الڳ آديس جو آواز ڪيو. جوڳيءَ اکيون کوليون، ممتاز جو خط اڳيان رکيس، سو پڙهي نهايت پيار سان پاڪر ۾ وهاري آڏرياءُ ڪيائينس ۽ چيائينس تہ منهنجي ڀاءُ جو پٽ آهين تہ آئون توکي پٽ وانگر جاڻان ٿو. پوءِ حال احوال پڇيائينس، شهزادي سڄي ڳالهہ اول کان وٺي آخر تائين پيرائتي ڪري ٻڌايس، جا فقير ٻڌي ڀهريائين تہ تبيءَ ۾ پئجي ويو پوءِ چيائينس: ابا ڳالهہ تي ڏاڍي مشڪل آهي. مهاسندر راجا جي بددعا سان اهڙيءَ حالت ۾ آئي آهي، سا وري بہ ان جي دعا سا ساڳيءَ صورت ۾ ايندي. پر راجا ان جي لاءِ قسم کنيو آهي، سو ڏاڍو ڏکيو انهيءَ ڳالهہ تان مڙندو. ممتاز اهڙو نااميديءَ جو جواب ٻڌي دانهن ڪري بيهوش ٿي پٽ تي ڪِري ڦٿڪڻ لڳو تنهن تي جوڳيءَ کي بہ ڏاڍو رحم آيو جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن فقير چيس: بچا ايترو فڪر ڪرڻ مناسب نہ آهي. هاڻي ٿورو وقت صبر ڪر تہ مهاراجا جو پٽ مون وٽ اچي ٿو تہ آئون ڪانہ ڪا تجويز تنهنجي لاءِ لڙائيندس، اڳتي ڪتي تنهنجو ڀاڳ.

انهيءَ دم گندرپ سين راجا اندر جي پٽ جي اچڻ جو قاصد پهچي ويو هو. جوڳي شهزادي کي لڪائي پنيان کٽي وهاريو ۽ گندرپ سين کي قرب سان پنهنجي پاسي ۾ وهاري حال احوال ڏنائين ورتائين. پوءِ فقير چيس: بچا اسان ساڌن فقيرن جي روح جو قوت آهي راڳ. مهاسندر جي راڳ سان اسان کي آرام ايندو هو پر ان کي راجا جي بددعا سان پنڊ پهڻ ڪرڻ سان اسان جي روح جو مزو هليو ويو آهي. حقيقت ڪري اها رڳو روح افروز جي لڄائي هئي، جنهن ڪوڙو بهتان مهاسندر تي مڙهي، ان جي اهڙي حالت ڪرائي ۽ اسان جي آرام ۾ خلل وڌو تنهن لاءِ تون ڪنهن بہ طرح مهراج کي راضي ڪري، ان جي حق ۾ دعا ڪراءِ تہ ويچاري وري بہ ساڳيءَ شڪل ۾ اچي، تہ ڪو وقت ان جي راڳ سان پاڻ کي وندرايون.

گندرپ سين چيو: استاد سائين، مهاراجا منهنجو پيءُ آهي، پر اوهين بہ مونکي ان جي ئي برابر آهيو مگر اوهان کي خبر آهي تہ ان کي چوڻ لاءِ همت جهلڻ ڏاڍي ڏکي آهي ۽ وري ان قسم

ڪٽي چڙهيو آهي تہ مهاسندر لاءِ هو ڪڏهين بہ دعا نہ ڪندو پر تنهن هوندي بہ اوهان جي دل جي راضپي لاءِ آئون وس وڌا هلائيندس. پوءِ جيڪي ڏٺيءَ گهريو هوندو ائين ٿيندو تنهن ڪانپوءِ استاد ڪان موڪلائي تخت تي چڙهي اچي گهر پهتو.

هڪڙي ڏينهن هن کي هڪڙو وجهہ مليو جو جن پرين جي دربار ۾ راڳ ٿي ڪيو تن مان ڪنهن جو بہ راجا کي ڪونہ وڻيو ۽ هو تمام ناراض ٿي پيو تڏهين گندرپ سين چيو: بابا سائين مهاسندر ڪان پوءِ اسان کي ڪڏهين بہ ڪنهن جي راڳ مان مزو ڪونہ ٿو اچي. هي پريون پلي تہ ڪيتري بہ ڪٽي ڪوشش ڪن. پر قبلا! مهاسندر جهڙو راڳ وري ڪڏهن بہ ڪين پڌبو.

افسوس جو مون کي پوري طرح خبر پئي آهي تہ روح افروز رڳو نسورو ڪوڙ ڪري مهاسندر تي اجايو بهتان رکي، اوهان کي ڪاوڙ ڏياري ۽ اسان سڀني جو رس ۽ مزو اجايو خراب ڪيو. مون کي هاڻي پوريءَ طرح خبر پئي آهي تہ مهاسندر جو رتيءَ جيترو بہ قصور ڪونہ هو.

راجا ڪان يڪدم دانهن نڪري ويئي. هان پچا! تڏهين توهان کي پڪ آهي تہ مهاسندر بي ڏوهي هئي، پوءِ پلا تڏهين سچي ڳالهہ ڪيئن آهي.

گندرپ سين چيو: بابا سائين ڳالهہ هن طرح هئي، جو ممتاز نالي شهزادو هڪڙو دنيا جي پردي جو بادشاه. ڪنهن دنيا جي راڻيءَ تي عاشق ٿي پيو هو ان راڻيءَ چيس تہ آئون توسان انهيءَ شرط سان شادي ڪنديس. جو شاديءَ جي رات مهاسندر پري اچي ناچ ڪري. سو مهاسندر وٽ اهو سوال ڪٽي آيو هو جنهن ان کي مهمان ڪري ٽِڪايو هو مگر اوهان جي ڊپ ڪان ان کي اهو انجام ڏيئي نٿي سگهي.

افروز پريءَ انهيءَ آدمزادي تي عاشق ٿي پيئي، پر ان آدميءَ جي تہ دل انهيءَ راڻيءَ سان هئي، جنهن جي لاءِ هو مهاسندر کي منٿ ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪٽي آيو هو. ان شهزادي افروز پريءَ کي ناڪاري جواب ڏنو تنهنڪري زهر ڪائي پاڻ کي پورو ڪيائين. آئون سائينءَ جي سر جو قسم ڪٽي ڳالهہ ٿو ڪريان تہ منهنجي انهيءَ چوڻ ۾ سارو سچ آهي ۽ ڪوڙ جي ڪا بہ ملاوت ڪانهي.

راجا پڌي چيو: پلا روح افروز ڪٿي آهي، جنهن اسان کي ڪوڙيون ڳالهيون ناهي ايڏي ڪاوڙ ڏياري. نوڪرن کي چيائين تہ يڪدم روح افروز کي حاضر ڪريو تہ ان کي سزا ڏيان. نوڪرن جواب ڏنو: سائين اها تہ ان ڏينهن ڪان پوءِ هن ملڪ ۾ ئي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي.

گندرپ سين چيو: قبلا! ڏنوَ نہ ان جو ڪم هو مهاسندر کي مارائڻ جو سو سندس مطلب پورو ٿيو هاڻي هتي اچي ڇا ڪندي. منهنجو عرض اهو آهي تہ مهاسندر بي ڏوهي هئي، اوهين راضي ٿي، ان جي لاءِ دعا ڪريو تہ اسين وري ڪو روح ريجهائڻ جو مزو ماڻيون.

راجا چيو: پٽ مون جيڪو قسم ڪنيو آهي، سو زمين اٿلي پوندي تہ بہ آئون ڪين پڃندس.

تڏهن گندرپ سين چيو: سائين! قسم نہ پڃو پر پلا ڪو علاج تہ ڏسيو.

راجا ڪلي چيو: هائو پٽ ڏس تہ ڏيندس، پر ان موجب ايڏو پورهيو ڪير ڪندو. توڪان يا بي ڪنهن ڪان محنت پڄي سگهي تہ پلي پڄو نہ تہ نلهو پڃڻ مان ڪهڙو سود.

پٽس چيس: بابا اميد تہ تدارڪ ڪبوءِ ٿيندو.

تڏهين راجا چيو: پنهنجي باغ ۾ اتر پاسي ٻارهن ڪوهہ ڊگهو سورنهن ڪوهہ ويڪرو ميدان بيٺل آهي، جيڪو ماٺهو انهيءَ زمين کي ريج ڏيئي، هر ڪاهي سرنهن پوکي، جيڪي سرنهن جا داڻا گڏ ٿيندا، تن مان هڪڙو بہ نہ وڃائيندو پوءِ انهيءَ ٻج تي "ياحي يا قيوم انڪ عليٰ ڪل شئيءِ قدير" اهي لفظ پڙهي شوڪاري، انهيءَ سرنهن کي چاڪيءَ کان گهاڻي ۾ پيڙائي، جيڪو تيل نڪرندو سو سمورو انهيءَ پهڻ تي مالش ڪبو تہ مهاسندر وري اصلوڪيءَ شڪل ۾ اچي ويندي.

گندرپ سين اهو ٻڌي ڪٺي بس ڪئي. راجا چيس: ابا پڇڻ ۾ هيڏي تڪڙ، هاڻي وري ڪٺي خاموشي اختيار ڪيئي.

هن چيو: قبلا! اهو ڪم اسان کان وڏو آهي. تڏهن راجا کي جوش اچي ويو. چيائين: آئون قسم کڻي ٿو انجام ڪريان تہ جيڪو هتي وينلن مان يا ٻيو ڪو ٻاهريون، ڪو بہ فرقي يا قوم يا مذهب وارو اهو ڪم ڪري، مهاسندر کي اصلوڪي شڪل ۾ آڻيندو تنهن کي آئون مهاسندر جي ٻانهن هميشہ لاءِ بخش ڪري ڇڏيندس.

اوڏيءَ مهل جيڪي اتي وينا هئا، تن مان ڪنهن جي بہ قبول ڪرڻ لاءِ همٿ نہ ٿي، پر گندرپ سين کي ڏاڍي خوشي ٿي. جهٽ پٽ استاد وٽ ويوءِ وڃي ان کي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. فقير وري ممتاز کي ظاهر ڪري اها سموري ڳالهہ ٻڌائي، جنهن گهڻيءَ خوشيءَ سان قبول ڪري چيو: قبلا! اوهان جي دعا سان اهو ڪم آئون برابر ڪري سگهندس. پوءِ جوڳيءَ ان کي هڪڙو تعويذ لکي ڏنوءِ چيائينس، هي ٻانهن ۾ ٻڌل هوندو تہ خدا گهريو تہ تو ۾ ڪم ڪرڻ جي طاقت روز بروز وڌندي ۽ گهٽ نہ ٿيندي. پوءِ ممتاز سنيري انهي ٻنيءَ ڏانهن روانو ٿيو.

**فصل ستون**

# ممتاز جو پورهيو ڪرڻ راجا جي چوڻ موجب تعميل ڪرڻ ۽ مهاسندر جو اصلوڪي صورت ۾ اچڻ

شهزادو ممتاز انهي ٻنيءَ ۾ اچي پهتو. ڏٽيءَ جو آسرو رکي اول ته ساريءَ ٻنيءَ ۾، جيڪو ردي جهنگ ڪرڙ ڪندا ۽ ٻيا ٻوٽا هئا، سي سڀ وڍي صاف ڪيائين ۽ ريج ڪري سرنهن جو ٻج ان زمين ۾ ڇٽي، پوءِ پاڻي ڏيڻ لڳو. آخر پوک پچي تيار اچي ٿي. ماڻهن راجا کي وڃي ٻڌايو ته هڪڙو انسان زادو هن طرح پورهيو ڪري رهيو آهي ۽ ڪم سمورو اچي پورو ڪيو اٿس. راجا اها ڳالهه ٻڌي حيرت ۾ پئجي، پاڻ تخت تي چڙهي، اچي اهو هنڌ ڏٺو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين ته مون جيڪو انجام ڪيو آهي، ان موجب مهاسندر وري ظاهر ٿيڻي آهي ۽ انهيءَ انسان جي ئي حوالي ڪندس.

شهزادو هاڻي ته پڪ ملڻ تي نهايت دل جان سان ڪم ڪرڻ لڳو پوءِ اهو سرنهن جو ان گڏ ڪري گهاڻي ۾ چاڪيءَ کان پيڙائي، تيل ڪڍي، روزمره انهيءَ پٽر کي مالش ڪندو هو ۽ ڏسندو هو ته ڏهاڙي ان پٽر ۾ نئين سج نئين ڦير گهير ٿيندي ٿي وڃي، تان جو هڪ ڏينهن اها ساڳي صورت وجود ۾ اچي ويئي ۽ اکيون کولي شاهزادي ڏي ڏسي، ان کي چيائين: مون ڏاڍي ننڊ ۾ ستي پيئي هيس تو مون کي ڇو جاڳايو.

ممتاز چيس: اها ننڊ تنهنجي واه جي هئي. پوءِ سڄي ڳالهه سربستي ڪري ٻڌايائينس، تنهن تي مهاسندر اٿي يڪدم ان کي ڀاڪر پائي چيو: شهزادا! بيشڪ تون منهنجو سچو عاشق آهين، جنهن مون کي وري نئين زندگي ڏيئي، مون مئل کي جياريو آهي. اتان اٿي ٻئي جوڳيءَ وٽ آيا، ان سان مليا، هو مهاسندر کي ڏسي خوش ٿيو. ان کانپوءِ مهاسندر تخت گهرائي شاهزادي سان گڏ اچي باغ ۾ پهتي، جتي ويراني لڳي پئي هئي. نوڪر سڀ ڀڄي ويا هئا.

مطلب ته نيٺ وري ساڳيا رنگ ۽ تماشا ٿي ويا ۽ انهيءَ ويراني بدران ڦري آبادي ٿي ويئي. نوڪر چاڪر ساڳيا ويچارا جي ويڳاڻا ٿي هيڏانهن هوڏانهن پئي رليا، سي اچي حاضر ٿيا ۽ پنهنجي ڏياڻيءَ کي جيئرو ڏسي خوش ٿيا. ڪيترن کي ته اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو ته ائين پلا ٿيو هوندو. جن کي ٻين چيو ته اتي هلي هيڪر ڏسون ته ڳالهه ڪيتري قدر سچي آهي. اسان جو ڪو خرچ ته ڪونه ٿيندو.

مهاسندر جا مائٽ عزيز سڀ اچي ڪٺا ٿيا. ڏاڍا شادمانا ۽ خوشيون ڪيائون. پوءِ مهاسندر راجا اندر کي عريضي لکي، جنهن ۾ سڄو احوال لکي موڪليائين ته دشمن مون ڪان وير وٺڻ لاءِ هي رستو اختيار ڪيو هو پر شڪر جو وري به اوهان جي دعا جا هٿ نصيب ٿيا!

راجا پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گهڻي عزت ۽ شان مان سان مهاسندر کي پاڻ وٽ گهرايائين. پنهنجا امير وزير ان جي وٺڻ لاءِ اڳوات موڪليائين. جي عزت سان ان کي دربار ۾ وٺي آيا. پري دربار ۾ اچي ادب سان راجا کي سجدو ڪيو. پوءِ ته گانو شروع ٿي ويو. اهڙو درد ۽ فراق جي آلاپ وارو راڳ ڳايائين، جو مهاراجا خوش ٿي چيس: مهاسندر! هاڻي سچي ڳالهه ٻڌاءِ ته اها سموري ڳالهه ڪيئن آهي. پر ذرو به ڪوڙ نه ڪج، نه ته وري به بددعا سان توکي سزا ڏيندس، تنهن تي مهاسندر شهزادي جي سموري ڳالهه سچي جيئن هئي تيئن راجا کي ڪري ٻڌائي، تنهن تي راجا ان جي سمورو قصور بخش ڪري، آئينده وري به پنهنجي خاص نظر مهربانيءَ هيٺ رکيو جيئن اڳي هو ۽ راجا چيو: روح افروز کي سزا ڏجي. هڪڙو زبردست ديو موڪليائين، جو ان کي ڇهبڪن سان سٽيندو راجا وٽ وٺي آيو جنهن کي ڏاڍي موڇڙا هٽي راجا ان جي ٻانهن ڪٽي مهاسندر جي حوالي ڪئي ته جيڪا توکي سزا وڻي هن کي ڏج.

پوءِ راجا ارادو ڪيو ته ممتاز کي گهرائي ڏسان ته اهو ڪهڙو انسان آهي، جو هيڏي جاکوڙ ڪري پرين جي ملڪ ۾ آيو آهي ۽ هيڏي محنت اچي ڪئي اٿس.

مهاسندر چيو: مهاراج! منهنجو عرض آهي ته ممتاز دنيا جي پردي تي وڏو بادشاهه آهي، تنهنڪري ان کي عزت سان گهرائڻ ۾ اوهان جي ناموس ۽ نيڪ نامي ٿيندي.

راجا قبول ڪيو ته اها ڳالهه برابر آهي، سو گندرپ سين کي چيائين: پٽ! تون وڃ ۽ ممتاز کي وٺي اچ. هو پيءُ جو حڪم مڃي شهزادي کي وٺڻ لاءِ روانو ٿيو.

ممتاز کي خبر پيئي ته راجا جو پٽ منهنجي وٺڻ لاءِ اچي ٿو تڏهين پاڻ به ڪجهه پنڌ ان جي استقبال لاءِ اڳتي آيو ۽ پاڪر پائي پاڻ ۾ مليا ۽ رهاڻيون ڪيائون. گندرپ سين چيو: هاڻي تيار ٿيو. بابي سائينءَ جن اوهان جي ڏسڻ جو انتظار ڪري رهيا هوندا ۽ پوءِ ٻئي گڏجي راجا جي دربار ۾ حاضر ٿيا.

راجا پنهنجا امير وزير سندس آدرياءَ لاءِ اڳيان موڪليا جن عزت آب سان وٺي آڻي پنهين کي گاديءَ تي وهاريو. راجا ممتاز کي پاڪر پائي مليو ۽ پٽ کي چيائين: تون جيئن منهنجو پٽ آهين، تيئن آئون به ممتاز کي پنهنجو پٽ ٿو سڏيان ۽ ممتاز کي سونهري پڳ ٻڌائي سونهري تلوار سوڪڙي ڏنائين. ممتاز کي هيرن جواهرن جي ٻريس ڍڪائي، جڏهن تخت تي ورهاياڻون، تڏهين ان جي سونهن ڏسي سيني کي حيراني وٺي ويئي.

گندرپ سين عرض ڪيو: جڏهين سائينءَ جن ممتاز کي پنهنجي گود جو پٽ ڪيو آهي ته آئون ان کي پنهنجو پياءُ ٿو ڪريان ۽ پڳ مٽ پائر ٿا ٿيون. اها موڪل مهاراجا ڏني ۽ هو ٻئي پاڻ ۾ پائر ٿيا. تنهن کانپوءِ مهاسندر جي ٻانهن راجا اندر ممتاز کي بخش ڪري چيو ته جي هتي رهين ته

بہ تنهنجو ملڪ آهي، پلي رهي پيو آرام ڪر، پر جي وچڙ جي مرضي هجيئي تہ بہ وس وارو آهين، پر ممتاز جي دل تہ بي نظير سان قابو ٿي پئي هئي، تنهنڪري هن راجا کان موڪل ورتي ۽ مهاسندر کي بہ چيئين تہ شهزادي جو توتي وڏو ٿورو آهي، جنهن توکي نئين حياتي بخشي آهي، نہ تہ مون جيڪو انجام ڪيو هو سو جيڪر ان ڳالهہ کان ڪڏهين بہ ڪين مڙان ها، پر شڪرانو جو وري بہ تون گناهن کان آجي ٿئينءَ ۽ اسان جو توتي راضپو ٿيو.

هاڻي ممتاز سان بلڪل وفادار سچي ۽ ان جي حڪم ۾ تابعدار رهج. پوءِ گندرپ سين کي شهزادي جي تياري جو حڪم ڏنائين، جنهن اُٺ گهوڙا بيو ڪيترو قيمتي سامان شهزادي کي ڏيئي، ڪيتري لشڪر سان تيار ڪري ڳوٺ وچڙ جي موڪل ڏني ۽ چيچ مان منڊي لاهي کيس ڏنائين تہ هيءَ سوکهي رکج. جيڪڏهين ڪنهن وقت ۾ ڪو مشڪل جهڙو ڪم پويئي تہ هن کي ٿورو باه جو سيڪ ڏج تہ آئون تو وٽ انهيءَ مهل مدد لاءِ اچي حاضر ٿيندس. انهيءَ کانپوءِ مهاسندر پنهنجي باغ ۾ موتي آئي ۽ پنهنجي پيءُ سان ملي ۽ شهزادي کي بہ ملايائين، جو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ممتاز کي چيائين تہ شڪرانو ٿيو جو منهنجي ڌيءَ وري بہ پاڻ جهڙي هڪڙي وڏي ملڪ جي بادشاه جي گهر ۾ وڃي ٿي، نہ تہ پئي ڪنهن نيچ ماڻهوءَ جي گهر وڃي ها تہ جيڪر منهنجي خاندان لاءِ نهايت بدنامي جو داغ رهي ها.

آخر مهاسندر ماٽن کان موڪلايو پوءِ شهزادي سان گڏ تخت تي ويٺي. پرين اڳ چنيپ ۾ اهو تخت آٽي اول جوڳي گيان پرک جي مڪان تي لاٿو. اتي سيئي جوڳيءَ سان مليا. جو پڻ شهزادي جي مراد پوري ٿيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ اتان موڪلائي بي نظير جي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا.

## فصل انون

# ممتاز جو مهاسندر سان گڏجي بي نظير سان ملڻ

اڳتي قصي کي راوي هن طرح بيان ڪيو آهي، تہ شهزادو مهاسندر کي پاڻ سان وٺي، ديون جي لشڪر کي انساني شڪل ۾ اچڻ جو حڪم ڏيئي، سڀ اچي ملڪ بينظير جي ملڪ ۾ پهتا. شهر جي ٻاهران تنبو ڪوڙائي منزل اتي رکيائون. شهر ۾ خبر پئي تہ ڪو وڏو بادشاهہ ملڪ تي چڙهائي ڪري آيو آهي، جنهن سان لشڪر ۽ جنگي سامان گهڻو آهي، تنهنڪري بينظير جي پيءُ کي گهڻو فڪر ٿيو تہ هاڻي الاجي ڪهڙو حال ٿيندو ۽ بي نظير تہ اها ڳالهہ ٻڌي بيهوش ٿي ويئي. سمجهيائين تہ ڪو بادشاهہ ملڪ وٺڻ جي لاءِ آيو آهي يا منهنجي سڱ لاءِ آيو آهي، ٻنهين حالتن ۾ ممتاز سان ملڻ ڪونہ ٿيندو ۽ زهر کائي حياتي پوري ڪرڻي پوندي.

اهو ويچار ڪندي ساري رات ڳڻتيءَ ڪان ننڊ ڪانہ آيس. صبوح جو سج اُڀريو تہ ممتاز مهاسندر کي وٺي تخت تي سوار ٿي، سڌو اچي بي نظير جي محلات ۾ لٿو جا اوچتو شهزادي کي ڏسي خوشيءَ ۾ پرجي ويئي ۽ ڀاڪر پائي شهزادي کي چنبڙي ويئي. ڏاڍو رنائين. اهڙيءَ طرح ملاقات ڪري وري مهاسندر کي ڀاڪر پائي مليو ۽ گهورون گهوريائين. فقيرن ۽ غريبن کي خوب خيراتون ڏنائين. بادشاهہ کي بہ خبر پيئي تہ شهزادو ممتاز بي نظير جو ٻهريون سوال پورو ڪري صحيح سلامت اچي پهتو آهي، سو بہ ڏاڍو خوش ٿي، هڪدم محلات ۾ آيو. شهزادي کي ڀاڪر پائي مليو ۽ مهاسندر کي بہ تمام پيار ۽ محبت سان پير ۾ وهاري، ان سان خوش خير عافيت ڪرڻ لڳو.

پوءِ شهزادو وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلائي اچي تخت تي ويٺو. مهاسندر ۽ ملڪ بي نظير بہ پاسي ۾ ويٺيون. شهزادي پنهنجي مسافريءَ جو سمورو بيان بي نظير کي ٻڌايو تہ ڪيئن جوڳيءَ هن سان مهرباني ڪري مهاسندر سان ڪيس سان ملايو هو ۽ پوءِ ڪيڏيون تڪليفون ڪيائين، سي سڀيئي ڳالهيون هن بي نظير کي ٻڌايون. بي نظير وري گل غيبي جي سڪڻ ۽ وري تازو ٿيڻ جو احوال ٻڌائيس، تہ مون کي ڪهڙيءَ طرح شاهزادي جي هلاڪيءَ ۽ وري تندرستي حاصل ڪرڻ جي خبر پيئي.

پوءِ مهاسندر جا تمام گهڻا ٿورا مڃي، ان کي بہ دلجاءِ ڏنائين تہ آئون هر طرح تنهنجي ٻانهي ٿي رهنديس ۽ توسان ڪڏهين بہ برابريءَ جو دم نہ هڻنديس. پوءِ خوشيءَ جي محفل تيار ٿي، جنهن ۾ راڳ ۽ ناچ جو تماشو بہ هو. مهاسندر ۽ ٻين پرين جو ناچ ۽ راڳ ڏسي بينظير ۽ ان جون ساهيڙيون حيران ٿي ويون. اهڙيءَ طرح سانده پنج هفتا ممتاز اتي رهي آرام ڪيو ۽ ساهي پٽيائين.

فصل نائون

# وزير زادي دمساز جو بيان تہ ممتاز ڪائنس درياہ ۾ جدا ٿي ڪيڏانهن ويو

هاڻي اسين وري وزير زادي دمساز جو بيان ڪنداسين تہ درياہ جي لهرين ۾ لڙهندي، ممتاز کان جدا ٿي ڪيڏانهن ويو

خدا جي قدرت جو تماشو نرالو آهي. مارڻ واري کان بچائڻ وارو نزديڪ آهي. دمساز کي بہ جو تختو هٿ اچي ويو هو تنهن تي لڙهندو ويو ۽ جلد ئي لهرين وچي هن کي ڪناري اچلايو.



دمساز کي تختو هٿ اچڻ ۽ ان تي چڙهي وهڻ

خدا جو شڪرانو ڪيائين. اتي ڪپڙا سڪائي اڳتي هليو. رستي ۾ ماڻهن کان آباديءَ جو پتو پڇيائين، جن چيس تہ هتان بخت بيدار بادشاه جو ملڪ نزدڪ آهي. هي ان جو ڏس پتو پڇي اڳتي هليو تہ ڏٺائين هڪڙو عاليشان آباد شهر آهي، جنهن جو نظارو مزيدار آهي. وٽس جيڪي هيرا جواهر هئا، تن مان ڪي ٿورا نيڪال ڪري، انهن مان ضروري گهربل سامان، عمدا ڪپڙا ۽ گهوڙا خريد ڪيائين. ارادو ڪيائين تہ هي وڏو شهر آهي، جنهن ۾ چئني پاسن کان مسافر پيا اچن، ممڪن آهي تہ ممتاز جو ڪٿان نہ ڪٿان پتو پئجي وڃي. سو اتي رهي روزمره شهر ۾ گهوڙي تي چڙهي گهمڻ ويندو هو. هڪڙي ڏينهن ان شهر جي وزير جي محلات هيٺيان گهمندي وڃي نڪتو.

اتي وزير جي نياڻي مهربانو جا تمام حسين هئي، سا پنهنجي ساهيڙين سان گڏ دريءَ مان نظارو پسڻ لاءِ چؤطرف نهاري رهي هئي ۽ دمساز کي ڏسي هڪدم دل و جان سان ان تي عاشق ٿي پيئي ۽ مٿان پنهنجي منڊي ڪيرايائين. شاهزادي ان تي مٿي ڪنڌ ڪڻي نهاريو ته لڳس جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙي هاٺي اڀريو آهي، سو ڏسڻ سانان کي به عشق جي چوٽ لڳي وئي.

اشارن ۾ هڪٻئي سان محبت جا پڪا انجام ڏيڻ دمساز کي شام جو سج لٿي بعد انهيءَ ساڳئي هنڌ اچڻ جو اشارو ڏنائين. جو رات ٿي ته سنيري اتي آيو. وزير زادي اڳيئي ان جي اچڻ جي انتظار ۾ هئي، سا انجام تي کيس آيل ڏسي خوش ٿي، کيس مٿي اچڻ جو اشارو ڪيائين. هي جوان ڪمند اڳيئي پاڻ سان کڻي آيو هو. سو دري جي شيخ ۾ لٽڪائي، ٻي ڊپو تي مٿي چڙهي ويو. پوءِ ته سڄي رات



دمساز ۽ وزير زاديءَ پاڻ ۾ پيا ڪر پائي رهيا آهن.

هڪ ٻئي سان حال احوال ڏيڻ ۾ ۽ محبت ونڊن ۾ گذاريائون.

اهڙيءَ طرح ٻه ٽي راتيون دمساز کي محبوب جي مجلس ۾ اندر ئي اندر گذري ويون. هڪڙيءَ رات دمساز کي پائخاني ۾ وڃڻ جو ارادو ٿيو. اڌ رات جو اتان موٽي ٿي آيو ته هڪڙي ٻانهي جا پهري تي بيٺل هئي، تنهن جي اوچتي نظر مٿس پئجي ويئي ۽ وٺي چور چور جون رڙيون ڪيائين. جنهن تي ٻيا چوڪيدار ۽ ڪيترا ماڻهو ڊوڙي آيا. جن دمساز کي ڪٽي ٻڌو. وزير جي ڌيءَ ڏنو ته اهو چڱو ته ڪين ٿيو. هي ماڻهو الاجي دل جو ڪچو آهي يا پڪو جي ڪچو هوندو ۽ سچو راز ظاهر ڪري وجهندو ته پوءِ بدنامي ۽ خرابي ٿيندي. تنهنڪري سيني کي پري ڪري دمساز کي گهرائي، ڪوتوال جي ويجهو گهٽي دهشت سان پڇيائينس: اي ميان، سچ ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ ڪوڙ ڳالهائيندين ته سر وڃائيندين، تنهنڪري سچي ڳالهه ڪري ٻڌاءِ.

دمساز وزير زاديءَ جو اندر سهي ڪري جواب ڏنو: آئون پرديسي آهيان، هتي ٽي چار ڏينهن شهر ۾ رهيس، پر نه ڪو پورهيو يا مزدوري ملي ۽ نه ڪا ڪٿان ماني ٽڪر هٿ آيو سو بک مرڻ ڪري چوري ڪرڻي پيئي، انهيءَ لاءِ ته جي پڪڙجي جيل ۾ ويندس ته اتي به ماني ته ملي سگهندي، انهيءَ ڪري هتي آيو آهيان.

وزير زاديءَ ڪوتوال کي چيو: هي چور منهنجي گهر جو آهي، فرياد ڪندڙ به آئون آهيان. هن جو فيصلو به آئون ڪنديس، اوهين هليا وڃو. ڪوتوال اتان اچي وزير کي ڳالهه ڪري ٻڌائي، جو يڪدم اچي پهتو ۽ ڌيءَ کي ڪاوڙجي

سخت عتاب سان ڳالهائي، دمساز کي پٺي اگهاڙي ڇهبڪ هڻائي، نوڪرن کي حڪم ڏنائين تہ وڃي جهنگ ۾ ڦٽو ڪريوس تہ جانور کائي وڃنس. نوڪرن ان جي چوڻ جي تعميل ڪئي، تنهن تي وزير جي ڌيءَ پيءُ کي چيو: بابا سائين! ايڏا بي ترس نہ ٿيو هڪ بکيئي غريب مسافر سان ايڏو ظلم. هاڻي آئون هن محل ۾ نہ رهنديس ۽ هوءَ نڪري ٻاهر ٿي، جنهن تي ان کي منٿون ميڙيون ڪري پرچائي رجهايس، پر ان شرط رکيو تہ آئينده منهنجي محلات ۾ ڪوبہ ٻيو ماڻهو منهنجي ساهيڙين ۽ نوڪرياڻين کانسواءِ ڪونہ ايندو. جي آيو تہ اهو مون کان جيئرو ٻاهر نہ ايندو اهو شرط قبول ڪيو. هوءَ تڏهين انهيءَ اڪيلي جاءِ ۾ رهڻ قبول ڪري ويٺي. رات ٿي تہ مرادنو ويس ڪري پنهنجي ٻانهيءَ سان گڏ جهنگل ۾ وڃي دمساز جي ڳولا ڪيائين. هڪڙي هنڌ ڏنائين تہ اجا زنده آهي، سو اتان کڻائي آيس ۽ ڳجهيءَ طرح حڪيمن طبيبن کان ان جو علاج ڪرايائين، جنهنڪري ڪجهہ مدت کانپوءِ دمساز پورو تندرست ٿيو ۽ هڪڙيءَ رات سٺل سٽي دمساز ۽ وزيرزادي سنيري، مرداني ويس ۾ گهوڙن تي چڙهي، شهر ڇڏي ٻاهر نڪتا. گهوڙن کي ڪاهيندي گنجور شاه جي ملڪ ۾ اچي پهتا، رات جو وڳڙو هو شهر کي چوڌاري قلعو هو ان جو دروازو ان وقت بند ٿي ويو هو. هنن دروازو کولڻ لاءِ گهڻا واڪا ڪيا، پر اندران جواب مليو تہ هن شهر ۾ هڪ آفت اچي ٿي، ان جي ڊپ کان رات جو دروازو بند ڪبو آهي ۽ وزير اچي پاڻ در بند ڪري ڪنجي پاڻ سان کڻي ويندو آهي ۽ صبح جو پاڻ اچي کوليندو آهي.

دمساز ڏٺو تہ هاڻي لاچار ٻيو ڪوبہ رستو ڪونهي، سو وزيرزاديءَ کي اتي هڪڙو باغ هو ان جي ڪونيءَ جي ڇت تي وهاري، پاڻ باغ جي دروازي وٽ اچي ويهي رهيو. اڌرات گذرڻ کانپوءِ ڏنائين تہ هڪڙي ٻوائتي آفت گوڙ ڪندي شهر ڏي ڪاهيندي پئي اچي، جنهن جي ڏسڻ سان پئہ پيو وڃي، سو دمساز سمجهيو تہ اڄ خير ڪونهي، پر همت هارڻ مردن جو ڪم نہ آهي. تير ڪمان تيار ڪري، الله کي ياد ڪري، اهڙو تہ نڪاءُ ڪرايائينس، جو ان جي سيني مان پار لنگهي ويو. جيسين اها بلا سنيري تيسين وري ٻيون، ٽيون اهڙيءَ طرح تيرن جو وارو لائي ڏنائينس، جن ان کي ڪيرائي رکيو ۽ اها بلا مري پيئي. پوءِ ڪٽاري کڻي ان جو سر ۽ مکيہ عضوا وڍي ڪنهن گوشائتي هنڌ زمين ۾ پوري، پاڻ اتي لٽ ڪوڙي سمهي پيو.

صبوح جو وزير دروازو کولڻ لاءِ آيو تنهن در کولي ڏٺو تہ بلا کي ڪنهن ماري ڇڏيو آهي ۽ هڪڙو جوان ان جي نزديڪ اگهور ننڊ ۾ ستل آهي، سو سمجهيائين تہ پڪ اها بلا انهيءَ جوان ماري آهي، پر بادشاهہ کي جي وڃي ٻڌائيندس تہ هو پنهنجي ڌيءَ بہ انهيءَ سان پرڻائيندو تہ ڪين انعام اڪرام بہ ڏيندو. اها ڳالهہ بلڪل ڪين ٿي نهي، جو بادشاهہ جي ڌيءَ لا هميشہ آئون حيران ۽ پريشان رهيو آهيان، سو اڄ منهنجي معشوق کي هي جوان وڃي هٿ ڪري ۽ آئون پري کان ڏسيو پيو خار کاوان. اها ڳالهہ نہ ٿيندي. سو تلوار ڪڍي بہ تي ڌڪ هڻي، ان جوان کي رت سان ڳاڙهو ڪري سمجهيائين تہ هاڻي هو مري ويو آهي تڏهين ان بلا جو ڪن پڇ ڪپي ٽڪڙو ٽڪڙو ڊوڙي بادشاه وٽ آيو ۽ چيائين: سائين رات، سڄي رات بلا سان مون جنگ ڪئي هئي ۽

نيٺ ڏٺيءَ جي مهر سان ان کي ماري، ان جا اڇهي هي عضوا ڪٽي آيو آهيان. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو سڄي شهر ۾ خوشيون ٿي ويون. وزير کي ڏاڍا انعام اڪرام مليا. سڀ ڪو پيو ان تان رپيا ۽ مهرون گهوري. پوءِ بادشاهه کي چيائين، هاڻي انجام موجب مون کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيو. بادشاهه چيس: اسان انجام ڪيو آهي، سو ضرور پورو ڪنداسون. تون صبر ڪر ته اسين واندا

ٿيون ته پوءِ اهو فرض به پورو ڪنداسون.

هوڏانهن وزير زادي جا مرداني ويس ۾ دمساز سان گڏ آئي هئي، تنهن جو ڏنو ته ڪافي دير ٿي آهي، جو دمساز ڪيڏانهن ٻاهر هليو ويو آهي. اول ته ڀانيائين ته ڪنهن ٻلي سبب دير ٿي هوندس، سو صبر ڪيائين، پر گهڻي دير بعد هيڏانهن هوڏانهن وڃي ان کي ڳوليائين. ٻاهر اچي چا ڏسي ته هڪڙي وڏي ٻلا مئي پيئي آهي ۽ دمساز سڄو خون سان ڀريو مئن جي قطار ۾ بيهوش ٿيو پيو آهي. ڏاڍو ارمان ڪيائين، پر ڌاريون ملڪ هو بيو ڪجهه به ڪين ڪچيائين. شهر ۾ وڃي به ٿي مزور وٺي، انهن کي ڳچ پئسا ڏيئي وٺي آئي ۽ انهن کي چيائين ته رات اسين به سنگتي دير سان آياسون دروازو بند هو پوءِ هتي سمهي پياسون. چور آيا سي هن منهنجي همراهه کي ڦٽي، اسان کان ناڻو ڦري پڇي ويا. هاڻي هي همراهه مون کي ڪٽي شهر تائين پهچائي ڏيو. هنن کي مزوريءَ جا پئسا جو انداز کان ٻاهر مليا، سي ان کي کٽولي تي کڻي شهر ۾ آيا. اتي هڪڙي جاءِ مسواڙ ڪري تنهن ۾ اچي رهي ۽ پڇا ڪري پاسي مان ڪو وڏو داناءُ ڪامل حڪيم رهندو هو تنهن کي به پنهنجو ساڳيو حال ٻڌائي، مٺ ڀري اشرفين جي ان اڳيان رکيائين، سو يڪدم ساڻس گڏجي آيو جنهن اچي ڦٽن کي ڌوئي، مٿس ملم پٽي رکي ۽ وزير زادي کي دلاسو ڏنائين ته خدا گهريو ته تنهنجو همراهه بچي پوندو، پر ان جي سنڀال چڱيءَ طرح ڪج. پوءِ اهو موڪلائي گهر ويو مگر پئسن جي لالچ تي ڏينهن ۾ به ڦيرا ايندو هو ۽ دوا درمل دل لائي ڪندو هو. آخر خدا جي مهرباني تي، دمساز بلڪل چڱو ڀلو ٿيو. طبيب کي به موڪل ڏنائون. ان کي ڳپل پئسا ڏيئي راضي ڪيائون.

پوءِ دمساز وزير زاديءَ کي سموري ڳالهه ٻڌائي ته اها ٻلا مون ماري هئي، پوءِ آئون سمهي رهيس، ننڊ ۾ مون کي اهو وزير تلوار سان زخمي ڪري، مون کي مئل سمجهي ڦٽو ڪري ويو. هن طبيب واتان ٻڌو اٿم ته پاڻ وڃي بادشاهه کي ٻڌايو اٿس ته اها ٻلا مون ماري آهي، انهيءَ لاءِ ته بادشاهه ان کي پنهنجي ڌيءُ پرڻائي. ڀانئجي ٿو ته بادشاهه جو به ڪو اهڙو انجام ڪيل هو جنهن ڪري هن وزير اهو ڪم ڪيو آهي، پر هاڻي انهيءَ کان بدلو ضرور وٺڻ گهرجي. پوءِ ٻئي پاڻ ۾ صلاح ڪري انهيءَ باغ ۾ آيا ۽ ٻلا جي سموري شڪل ڪاٽ جي ناهي، ان جي مٿان ٻلا جي کل لاهي ڪٽي چاڙهيائون ۽ ٻلا جو سر جيڪو دمساز زمين ۾ پوريو هو سو ڪڍي اڳيان اٽڪايائونس. پوءِ اندران هڪ ماڻهوءَ جي وهڻ جي جاءِ ڇڏي، انهيءَ اندر هڪ ڪل اهڙي ناهيائون، جن جي جوڙڻ تي تمام وڏو ۽ ڀوائتو آواز ٿيو ٿي. پوءِ دمساز هڪڙيءَ رات انهيءَ ٻلا جي پيٽ ۾ ويهي ڪل کي چوريو ته هڪڙو خوفائتو آواز ٿيو جو سڄي شهر تان وري ويو. ماڻهن جو اهڙو آواز ٻڌو سي اچي ڊنا ۽ قلعي جو در بند ڪري مٿان بيهي ڏسن ته هيءَ ڪا ٻي ٻلا اڳين کان به خوفائتي آئي آهي، سو بادشاهه کي چيائون: سائين وزير

جنهن اڳي بہ بلا کي ماريو هو تنهن کي موڪليو تہ ان کي وچي ماري ۽ هي آفت اسان جي سر تان ٽاري. بادشاهہ وزير کي گهرائي اهڙو حڪم ڏنس، جنهن جو اڌ ساهہ اتي هليو ويو پر بادشاهہ جي چوڻ ڪري اتي آيو. بلا کي گهڻو ڀيڄاريائين، دڙڪا داٻا ڏنائين، پر هوءَ ڀڄڻ واري ڪانہ هئي، آخر هي تہ وري بہ هميشہ وانگر دروازو ڪوٺ جو بند ڪري موٽي ويو.

دمساز ڏٺو تہ هاڻي بلا جو ڏپ ماڻهن ۾ برابر اثر ڪري ويو آهي، تڏهين ٻاهر نڪري هڪڙو وڏو خط بادشاهہ کي لکيائين: اي بادشاهہ! آئون ماجوج نالي ديو آهيان، منهنجو پيءُ ياجوج نالي وڏو آدم خور هو جو ماڻهن کي کائيندو هو ۽ خدا جي مخلوق کي ڏکوئيندو هو تنهن کي ڏٽيءَ پنهنجي ڪمن جي سزا ڏني، جو تنهنجي وزير ماريو. آئون ان جو پٽ آهيان، پر مون کي خدا جو خوف آهي ۽ ڪنهن تي ظلم ڪرڻ نٿو گهران. اڄ آئون هتي آيو آهيان تہ منهنجي پيءُ جو سر ۽ ٻيا عضوا انهيءَ اوهان جي وزير ڪان وٺي ڏيو تہ آئون منهنجي پيءُ کي زمين ۾ دفن ڪريان يا جي نہ تہ انهيءَ وزير کي موڪليو تہ آئون پاڻي وٺانس، پر جي ڪابہ ڳالهہ نہ قبول ڪندا تہ آئون تنهنجي سڄي شهر کي ناس ڪري ڇڏيندس. انهيءَ ڪم لاءِ اوهان کي هفتو مهلت ٿو ڏيان، ايندڙ اربع ڏينهن آئون وري ايندس، پوءِ اوهان جي مرضي جيڪو وٺيو سو قدم کڻجو. اهو ڪاغذ لکي ڪوٺ جي پٽ تي چنبڙائي، پاڻ اچي وزيرزاديءَ سان گڏ گهر ۾ سکيو ٿيو. صبوح جو ماڻهو اُٿيا، ڏسن تہ ڪاغذ پٽ تي ٽنگيو پيو آهي، سو پڙهي بادشاهہ وٽ کڻي ويا ۽ چيائونس تہ سائين هاڻي وزير کي چئو تہ ياجوج سان وڃي منهن ڏئي، نہ تہ اسان غريبن کي هو ناس ڪري ڇڏيندو. وزير کي بادشاهہ گهرائي اهو ڪاغذ ڏيکاري حڪم ڏنو تہ هن ڪم جو پورائو ڪر. وزير چيو: سائين مون تہ ماڻهن تان اها بلا ٽاري، آئون سيني سان ڪونہ وڙهندس، جي بادشاهہ مون کي سگ نہ ڏئي تہ مون پڇر ڇڏي، باقي هن بلا کي آئون ڇا ڪري سگهندس، تنهن ڪان سواءِ عضوا جيڪي هو گهري ٿو تن جي مون کي کهڙي خبر. مون تہ ان کي ماري ڪٽي اُتي ڦٽو ڪيو. ان جي عضون سان منهنجو ڪو خاص ڪم ڪونہ هو جو سنڀالي رکان، تنهن ڪان سواءِ هيترو وقت گذريو آهي، تنهن ۾ ممڪن آهي تہ اهي خراب ٿي ويا هوندا يا ڪتا ٻلا کائي ويا هوندا، آئون ڪٿان آڻيندس.

بادشاهہ چيس: اهي ڳالهيون اسين ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيون، تون ان کي روبرو وڃي جواب ڏج. هو توکي ماري يا ڇڏي، ان سان اسان جو واسطو ڪونهي. وزير ويچاري ڏٺو تہ هاڻي تہ منس! آئي سگهن لاءِ پر ڪن بہ ڪپائي ويئي. هاڻي تہ اٿلندو ڪيسي مان ڏيڻو ٿو پوي، سو ويچارو گهر وڃي ڪٽولي تي ڪري پيو ۽ رات ڏينهن ڳڻتين ۾ گذارڻ لڳو تہ هاڻي الاجي ڪهڙو حال ٿيندو.

جڏهن اها مقرر رات آئي، تڏهين دمساز اڳيئي وزيرزاديءَ کي وٺي وڃي ان جي اندر وهاريو ۽ پاڻ ان جي پٺيان لڪي ويهي رهيو. جڏهين اهو وقت ٿيو تڏهين وزيرزاديءَ ڪل چوري ۽ گوڙ ٿيو تنهن تي شهر جا ماڻهو بادشاهہ ۽ وزير سمورا گڏجي آيا. دمساز جو لڪو ويٺو هو سو نڪري ظاهر ٿيو ۽ بادشاهہ کي اچي چيائين: آئون ياجوج جو وڪيل آهيان، مون کي موڪليو اٿس تہ منهنجي پيءُ جا عضوا يا اهو قاتل وٺي اچ، هاڻي جيڪو جواب ڏيو سو آئون وڃي ان کي ڏيان.



دمساز جو پاڻ کي ياجوج جو وڪيل ظاهر ڪرڻ تہ ياجوج جا عضوا، يا وزير قاتل گهرجي

بادشاه چيو اجهو هي وزير آهي، جنهن کي سموري خبر آهي، ان کي وٺي وڃو. ويچارو وزير ڏڪندو اتي آيو وزيرزاديءَ ياجوج جي ٻوليءَ سان چيس: اڙي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌاءِ تہ معافي ڏيانءِ، جي ڪوڙ ڳالهائيندين تہ اتي جو اتي ماريندوسانءِ. تنهن تي وزير چيو: سائين مون اوهان جو پيءُ ڪونہ ماريو هو اهو ڪنهن ٻئي هڪڙي جوان ماريو هو. تڏهين ديو چيس: اها سچي ڳالهہ وڃي پنهنجي بادشاه کي ٻڌاءِ. جنهن اچي بادشاه سان ڳالهہ ڪئي تہ ياجوج کي مون ڪونہ ماريو هو پر ٻئي جوان ماريو هو جنهن بعد وزير کي مون ماري ڇڏيو تہ متان سگ بادشاه سلامت انهيءَ کي ڏئي، سو هاڻي مون کي ملندو ۽ انهيءَ لالچ تي مون اهو ڪم ڪيو هو. بادشاه مٿس ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ چيائينس: اسان جي هن آفت مان جند ڇٽي تہ پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿا تنهنجي لاءِ سوڪ ماني پچايون. انهيءَ وچ ۾ دمساز ڪسڪي وڃي پنهنجي گهر کان نڪتو ۽ وزيرزاديءَ هڪل ڪري بادشاه کي چيو: بادشاه ياجوج کي جنهن جوان ماريو آهي، سو جيئرو جاڳندو تنهنجي شهر ۾ بلڪ شهر جي وڏي حڪيم صاحب جي شفاخاني جي پاسي ۾ رهي ٿو دمساز نالو اٿس، ان کي گهرايو. بادشاه يڪدم ماڻهو موڪليا، جن وڃي دمساز کي گهر مان هڪل ڪري ٻاهر ڪڍيو ۽ هو گهوڙي تي چڙهي اتي آيو. ماڻهو ان کي ڏسي خوش ٿيا تہ بيشڪ هي بهادر آهي، هن بلا ماري هوندي ۽ هن بلا کي بہ هي مٿس تي منهن ڏيندو. لعنت آهي وزير کي جنهن پنهنجي غرض لاءِ ههڙي لائق جوان کي ننڊ ۾ ماريو ٿي.

بادشاه وٽ دمساز اچي سلام ڪيو. بادشاه محبت سان ان کي ڪيڪاري پڇيو: بلا ڪنهن ماري هئي.

دمساز چيو: سائين مان ماري هئي. بادشاه چيس: ان جا عضوا ڪٿي. چيائين: سائين اهي خراب ٿي ويا هوندا آئون وچي ٿو ياجوج کي ان جو جواب ڏيان. سائين اهو ڇا آهي، آئون ان کي ڪن ڪان جهلي ﺑﮧ لپاٽون هٽندس ﺗﮧ ڪچندو ﺑﮧ ڪين. بادشاه هن جي همت ڏسي عجب ۾ پئجي ويو پوءِ دمساز اهي عضوا جيڪي زمين ۾ پوريا هئا، سي ڪڍي اڳيان آڻي رکيا ۽ بادشاه کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين ﺗﮧ سائين اڳين بلا کي مون ماريو هو جنهن جا اهي عضوا آهن. هيءَ ٻي بلا جا هينئر ڏسو ٿا، سا هٽرادو هڪڙي اٽڪل ڪيل آهي، جنهن جي ڪري ڳالهه جي حقيقت معلوم ٿي پيئي، جي ائين ﻧﮧ ڪريان ها ﺗﮧ مون غريب پرديسيءَ جي ڳالهه تي ڪير اعتبار ڪري ها، سيڪو وزير کي سچو سمجهي ها. پوءِ ان بلا جي ويجهو وڃي ان کي ڦٽائي ڏاهي ڏيکاريائين. بادشاه خوش ٿي ان کي ياڪر پائي عزت آبروءَ سان وٽي آڻي هڪ عاليشان محلات ۾ رهايو جتي دمساز ۽ وزيرزادي آرام سان رهڻ لڳا. پوءِ وزير جنهن ڪوڙ ڳالهائي هيڏو ڪتراڳ پيدا ڪيو هو تنهن کي تمام بي عزت ڪري مارائي ڇڏيائين ۽ دمساز کي چيائين: منهنجو جيڪو انجام آهي، تنهن موجب آئون پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، جڏهين تنهنجي مرضي پئي تڏهين شادي ڪج.

دمساز چيس: سائين آئون پاڻ وزير زادو فلاڻي ملڪ جي بادشاه ممتاز جو آهيان ۽ اهو ملڪ بي نظير تي عاشق ٿي، ان جي هٿ ڪرڻ لاءِ نڪتو ﺗﮧ آئون ﺑﮧ پنهنجي بادشاه سان گڏ ان سان مددگار ٿي نڪتس. قسمت سان طوفان اسان کي جدا ڪري ڇڏيو. خبر ﻧﮧ آهي ﺗﮧ هو ڪٿي آهي، اوهان جي نياڻي منهنجي پيڻ جي بجاءِ آهي، جو مون بادشاهن جو نمڪ کاڌو آهي، باقي منهنجو بادشاه ممتاز هتي ايندو ﺗﮧ ان سان هن جي شادي ڪرائبي. بادشاه اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دمساز جي شرافت بلڪل پسند آيس، پوءِ پنهنجو وزير ڪري رکيائينس ۽ اڳئين وزير جي ڏيءَ تي پرڻايائين، مگر دمساز چيو: جنهن وقت منهنجو بادشاه مون سان ملندو ان کان پوءِ آئون هتي رهان يا ﻧﮧ رهان اهو منهن جي اختيار ۾ رهندو سو جي قبول هجي ﺗﮧ آئون رهان، ﻧﮧ ﺗﮧ مون کي موڪل ڏيو.

بادشاه چيس: بيشڪ اسين تنهنجو چوڻ قبول ڪريون ٿا. تون ڪجهه وقت هتي رهه. ڏاتي ڪريم آهي خدا ڪندو آخر ممتاز جو ﺑﮧ پتو پئجي ويندو.

# شهزادي ممتاز جو بينظير جي ٻئي سوال لاءِ وڃڻ جيڪو هي هو تہ راج راڻي اڏا منڊ ڏولي سميت هتي اچي

هاڻي اسين وزير زادي دمساز کي وزيريءَ جي عهدي تي چڙهي، شهزادي ممتاز جو قصو شروع ٿا ڪريون.

جڏهن ڪجھ ڏينهن رهي ممتاز آرام ورتو تڏهين مهاسندر کي اتي چڙهي، پاڻ راج راڻيءَ ۽ ان جي ڏولي هٿ ڪرڻ لاءِ پنڌ پيو. هن کي ڪو پورو پتو تہ مليوئي ڪونہ هو تنهنڪري جهنگ منهن ڪري اتي هليو. هلندي هلندي هڪڙي اهڙي ملڪ ۾ اچي پهتو جتي جا ماڻهو نڪي انسان، نڪي حيوان هئا، پر اڌ بدن انسانن جهڙو ۽ اڌ هيٺيون بدن حيوانن جهڙو هون.

شهزادو شهر جي ٻاهران ٽڪ جي ڪري هڪڙي وڻ جي ڇانوَ ۾ سمهيو جتي ننڊ اچي ويس ۽ جان جاڳي ڏسي تہ اهي اڌ انسان ڪيترائي چوگرد ميڙو ڪيو بيٺا آهن، انهن جي نظر ۾ تہ هي ڪو پکي آهي، تنهن ڪري وٺي وڃي پڃري ۾ بند ڪيائونس.

شهزادو ويچارو ڏاڍو حيرت ۾ رات ڏينهن خدا کي سوال ڪندو هو ۽ پنهنجي حال تي ڪڏهين ڪلندو هو تہ ڪڏهين رئندو هو. هنن ماڻهن کي ممتاز جي هيءَ هلت ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چوندا هئا تہ خدا سائين اسان کي ڪهڙو نہ مزي جهڙو پکي ڏنو آهي. ائين ڪيترا ڏينهن گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن ڪو وڏو سوداگر اتي آيو تنهن ممتاز کي ڏسي هنن کان پڇيو: هن پکيءَ لاءِ ڪيترا پئسا وٺندا. هنن چيو: لک رپين کان گهٽ پائي بہ ڪين وٺنداسون.

تڏهن اهو سوداگر لک رپيا خوشيءَ سان انهن کي ڏيئي، ممتاز کي پڃري ۾ بند ڪري، پنهنجي ڳوٺ کڻي آيو. ان جي ڌيءَ جا وينل هئي، تنهن سوداگر کي چيو: بابا هي پکي مون کي ڏيو تہ آئون پاليندس.

پڻس چيس: ڇري هي توکان سنڀاليو ڪين ٿيندو اڏامي ويندو تہ پنهنجا سڀ پئسا نقصان ٿي ويندا. پر ڇوڪري هٺ کان هيٺ نہ لٿي. نيٺ سوداگر اهو پڃرو لاچار کڻي ڌيءَ جي حوالي ڪيو.

شهزادو آهستي آهستي ڪري ان جي ٻولي سکيو تڏهين هو ڏاڍا عجب ۾ پيا تہ ٻيا پکي ڳالهائيندائي ڪونہ آهن ۽ هي ڪيئن نہ مزي جهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري.

هڪڙي ڏينهن شاهزادي ان ڇوڪريءَ کان پڇيو: تو شادي ڪانہ ڪئي آهي ڇا؟ هن چيو: نہ

مون ڪانـ ڪئي آهي، جو اسان کي ڏارين ۾ شادي ڪرڻ ڪانـ پوندي آهي. پنهنجن ۾ ڪريون پر اهڙو ماڻهو اڃا منهنجي پيءُ کي ڏسڻ ۾ ڪونـ ٿو اچي.

ممتاز چيس: انسانن جي شاديءَ ۾ مزو ايندو آهي.

هن چيو: انسان ڪهڙا ٿيندا آهن؟

شهزادي چيس: مون جهڙا ٿيندا آهن. آئون بـ انهن مان هڪ انسان آهيان. تڏهين اُن شهزادي کي چيائين تـ پلا اهو مزو جيڪو چئين ٿو سو مون کي ڏيکار.

شهزادي چيس: مونکي ٻاهر ڪڍ تـ ڏيکاريانءِ. ڇوڪري ورندي ڏني تـ اڏامي ويندين.

تڏهين شهزادي کلي چيس: ڇري مون کي کنبـ ڪونـ آهن. پوءِ آئون ڪيئن اڏامندس. تنهن تي هن جاچي ڏٺو تـ برابر هن کي کنبـ ڪونـ آهن. تڏهن شاهزادي کي ٻاهر ڪڍيائين. تنهن ان کي ڀاڪر ۾ وٺي ٻوسي ٻازي، هٿ مهٽ ۾ پيار ڪيو تـ ڇوڪريءَ کي ڏاڍو مزو اچي ويو. پوءِ شهزادي چيس: اڃا بـ ڪو بيو مزو آهي، اهو جي وٺين تـ جيڪر پوءِ توکي خبر پوي تـ اصل مزي ۾ ڪتري لذت آهي.

هن چيس تـ تڏهين دير ڇو ٿو ڪرين. پوءِ شهزادي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو ۽ هن کي اهڙو مزو آيو جو ڇريءَ ڇڪيءَ ڏنو ڇي هل ڪالهوڪي هنڌ. پوءِ تـ ڏهاڙي اهو ڪم هلندو رهيو.

شهزادي کي هڪڙي ڏينهن چيائين تـ هاٿي مون کي هتان وٺي هل تـ ڪنهن ٻئي پاسي نڪري هلون، جو هتي هميشہ ڪم اهڙي طرح ڪين هلي سگهندو. شهزادو تـ جند ڇڏائڻ لاءِ آتو هو سو راتو واه ان کي پڃائي وڃي تيمور شاه آدم خور جي حد ۾ نڪتو. سوداگر صبح جو اٿي ڏسي تـ نڪو پکي موجود هو نڪا سندس ڌيءَ موجود هئي، سو روئي پٽي آسرو لاهي ويهي رهيو.

هيڏانهن شهزادو تيمور شاه جي حد ۾ وڃي پهتو تـ آدم خور چوڌاري ڦري آين ۽ ٻنهي کي وڃي بند ۾ رکيائين، جتي ٻيا بـ ڪيترائي انسان قيد ٿيا پيا هئا. ممتاز انهن کان خبر پڇي. هن ٻڌايو تـ هي ماڻهو آدم خور آهن، جي انسانن کي پڪڙي هنن جي بادشاه لاءِ اچي هتي گڏ ڪندا آهن، پوءِ روز هڪ ٻـ ماڻهو ان جي خوراڪ واسطي پچائي ڪباب ڪري ان کي موڪليندا آهن.

شاهزادو ٻڇي ويو ۽ وري بـ ڏٽيءَ جي در ٻاڏائڻ لڳو. آدم خورن جي ٻولي ڄاڻندو هو سو هڪڙي ڏينهن مٿي ديوار تي چڙهي، تيمور شاه جي محلات جي ويجهو وڃي، ڪي درد ڀريا راڳ آمخورن جي ٻوليءَ ۾ ڳايائين. جنهن تي بادشاه جو سک ڦٽي پيو. ممتاز پنهنجي راڳ ۾ بادشاه کي ٻڌايو تـ آدميءَ کي کائڻ وڏو گناه آهي. تون ڏٽيءَ کان ڊڄ، نـ تـ تمام هلاڪ ٿيندين.

تيمور شاه صبح جو يڪدم اچي ڪچهري ڪري، اميرن وزيرن کي گهرائي چيو: ڏسو تـ ڪهڙو زمانو آيو آهي، جو پکي بـ ڳالهائين ٿا. رات هڪڙي پکيءَ هن قسم جون دانهون پئي ڪيون، هاڻي ان کي وٺي اچو تـ پڇون تـ ڇا ٿو چوي. تنهن تي ممتاز کي وٺي ان جي روبرو آيا. تيمور شاه

حال احوال پڇيس. ممتاز چيس: آئون به تو جهڙو ملڪ جو بادشاه آهيان. آئون ۽ هي ٻيا انسان جي تو بند ۾ وڌا آهن ۽ انهن کي کهي ڪباب ڪري کائين ٿو سو بلڪل گناه جو ڪم آهي.

مطلب ته شهزادي جي چوڻ ان تي ايترو اثر ڪيو جو بلڪل توبهه تائب ٿي، سيني ماڻهن کي بند مان ڪڍائي، انهن کي موڪل ڏنائين ته جيڏانهن وڻيو تيڏانهن وڃو. ممتاز کي مهمان ڪري پاڻ وٽ رهايائين ۽ چڱيءَ طرح سندس خاطري ڪيائين. ساڻس گڏ جيڪا سوداگر جي ڌيءَ هئي، تنهن بابت احوال پڇيائينس. تنهن تي ممتاز سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس ته مون هن طرح رڳو پنهنجي جند ڇڏائڻ جي لاءِ اهو طريقو ڪم آندو آهي. تنهن تي تيمور شاه انهيءَ سوداگر کي ماڻهو موڪلي گهرايو جو اتي آيو.

شهزادي کي ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو. تيمور شاه کي چيائين: هن پڪيءَ منهنجو ڏاڍو نقصان ڪيو آهي. بادشاه چيس: هي پکي نه آهي، پر پنهنجي ملڪ جو بادشاه آهي. هن پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو هو.

هاڻي پنهنجي ڌيءَ توهين وٺي وڃو جنهن قبول ڪيو ۽ پوءِ ممتاز پنهنجي ٻانهن مان هڪڙو هيرن جواهرن جو پٽو چوڙي ان سوداگر کي ڏنو جو هن ممتاز جي خريد ڪرڻ تي پئسا خرچ ڪيا هئا. سوداگر ڏاڍو خوش ٿي روانو ٿيو. پوءِ شهزادو به تيمور شاه وٽ ڪجهه وقت رهي، ان کان موڪلائي پنهنجي ڪم تي روانو ٿيو.

تيمور شاه ان کي پنهنجا ماڻهو ڏنا. جي سنڌس حد تي اماڻي آيس ۽ پريان وري خسرو شاه جي ولات هئي. شهزادو خسرو شاه جي تخت گاه واري شهر ۾ اچي پهتو. شهر جي سراءِ ۾ ويو جتي بادشاه جي خرچ مان مهمانن کي ماني کارائڻ جو بندوبست ٿيل هوندو. شهزادي چيو: آئون پنهنجي خرچ تي کاڌو کائيندس. تڏهين چوڪيدار چيس: بادشاه سلامت جو حڪم آهي ته جيڪو مسافر پنهنجو خرچ ڪري، سو هتي نه رهي ۽ ٻئي هنڌ وڃي رهي. تڏهين شهزادو مجبور ٿي رهي پيو. تن ڏينهن کان پوءِ اتان هلڻ جو سعيو ڪيائين ته خدمتگار هٿ ٻڌي عرض ڪيس، هتي جو دستور آهي ته جيڪو هتي رهي، سو وڃڻ مهل بادشاه کي منهن ڏيکاريندو ان سان ملاقات ڪندو وڃي.

ممتاز دل ۾ خيال ڪيو ته شايد انهيءَ ۾ به حڪمت هجي ۽ انهي ملاقات منجهان منهنجو ڪو ڀلو ٿيڻو هجي، سو يڪدم خسرو بادشاهه جي ملاقات لاءِ ويو ۽ بادشاه ان جي پريشانيءَ مان ڏٺو ۽ صحيح ڪيو ته هي عام مسافر نه آهي، بلڪ ڪو اميرزادو آهي، تنهن ڪري عزت آبرو واري هنڌ تي وهاري احوال ورتائينس. شهزادي چيس: منهنجو نالو ممتاز آهي، ملڪ بي نظير جي عشق ۾ مسافري ڪيم. ان سان مليس، سنڌس ڪي سوال آهن. جن مان هڪ مهاسندر پري جو هو سو پورو ڪيم. هاڻي راج راڻيءَ ۽ ان جي هوائي ڏوليءَ لاءِ وڃان ٿو.

بادشاه ممتاز جو نالو ٻڌي يڪدم پاڪر ۾ ڪٽي ورتس ۽ چيائينس: ابا! پنهنجي ماسيءَ سان ملندو وڃ. جا اسان جي گهر ۾ اسان جي راڻي آهي. پوءِ دربار پوري ڪري محلات ۾ ٻئي گڏجي آيا.

ممتاز ماسيءَ کي ادب سان مليو جنهن ماڻس جو ۽ پيو سڄو حال احوال ڪائنس ورتو. شهزادي بہ سموري ڳالهہ سرسبتي ڪري ٻڌايس، جا هن ٻڌي دلاسو ڏنس تہ ابا! بادشاه سلامت منهنجو گهر وارو ۽ تنهنجو ماسڙ آهي. پوءِ بادشاه بہ اچي گفتگو ۾ شريڪ ٿيو. راڻيءَ چيس: توهان وٽ لشڪر گهڻو آهي. راڻي پنهنجي ملڪ جي دنگ تي حڪومت ڪري ٿي، سو خوشيءَ سان يا زوريءَ منهنجي ڀاڻيجي جو اهو ڪم اُڪلائي ڏيو تہ هيءُ بہ وڃي اسان جون مهربانيون ياد ڪري. بادشاه چيو: اها ڏولي زوريءَ ونبي تہ بيڪار آهي. آئون اهڙي تجويز ٿو ڪريان جو راڄ راڻي راڄ سميت ڏولي شهزادي کي وني ڏبي، تڏهن ڪم ڏيندي.



بادشاه ممتاز جو نالو ٻڌي، ممتاز کي ڀاڪر پائڻ

ائين چئي وڏي وزير کي حڪم ڏنائين تہ لشڪر وٺي راج راڻيءَ جي ملڪ تي هلو جو اسان جو اتي ڪم آهي. حڪم موجب سموري تياري ٿي ويئي. راج راڻيءَ جي شهر جي ٻاهران وڃي منزل ڪيائون. راج راڻي کي خبر پيئي تہ خسرو شاه اسان تي ڪاهي آيو آهي، پر هو ڪنهن کي بہ تڪليف نٿو ڏئي. خبر نہ آهي تہ مطلب ڪهڙو اٿس. راڻي وزيرن کي چيو تہ ان جي مطلب جي پاڙهي خبر نہ پوندي، پر اوهان کي بہ اندروني طرح پوري تياري ڪرڻ گهرجي. خسرو شاه منزل گاه جي تيار ٿيڻ بعد جڏهن آرام سان ويٺو تڏهين راڻيءَ ڏي قاصد موڪليائين تہ اسان جو عزيز شهزادو ممتاز ملڪ بينظير تي عاشق ٿي، ان جي سوال پوري ڪرڻ لاءِ آيو آهي، جنهن ۾ اوهان جي ڏوليءَ جي گهر آهي، تنهنڪري اها يا تہ مهربانيءَ سان ڏيو نہ تہ لاچار لڙائي جي وسيلي هٿ ڪبي. ملڪ جواب موڪليو تہ ڏولي ۾ جيڪي خاصيتون آهن، تن جو مدار مون تي آهي! مون کان سواءِ ڏولي بيڪار آهي جي جنگ جي وسيلي اوهين هٿ ڪندا، تہ بہ اوهان جي ڪم جي نہ ٿيندي، تنهن هوندي بہ لڙائي جو ويچار اٿوَ تہ اسان جو پاسو بہ تيار آهي.

قاصد اهو جواب اچي بادشاهہ خسروءَ کي ڏنو. بادشاه وري بہ قاصد کي سمجهائي موڪليو تہ جي ائين آهي تہ پوءِ ممتاز بہ سهڻو جوان بادشاه جو فرزند آهي، بهادريءَ ۾ بہ مشهور آهي، جو ديون ۽ پرين کي مطيع ڪري شهپال جي ڌيءَ مهاسندر پريءَ کي بہ وٺي آيو آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهين اوهين ان کان هرو پرو نفرت يا ناڪار ڪنديون ۽ لڙائي ٿيندي تہ ان ۾ جيڪا خونريزي ٿيندي، ان جو بار بہ اوهان جي سر تي ايندو. اهو نياپو ٻيو دفعو جڏهين قاصي وڃي پهچايو تڏهين راڻيءَ پنهنجي وزير سان صلاح ڪئي تہ جيتوڻيڪ اسان جو لشڪر بہ جنگ جي لاءِ تيار آهي، مگر شهزادو جنهن ديون ۽ پرين تي ڪاميابي هٿ ڪئي آهي ان جي اڳيان دال نہ ڳرندي، پر جي ڏجي خوف کان ڪٽي سگ منظور ڪيم، تہ بہ بدناموسي آهي. هاڻي هڪڙو شرط آئون پيش ڪريان ٿي تہ ممتاز ميدان تي اچي مون سان زور آزمائي ڪري، پوءِ جي سوڀارو ٿيو تہ آئون بيشڪ سندس ملڪيت آهيان پر جي سوڀ نہ پاتائين تہ خير خوبيءَ سان گهر جو رستو وٺي. اهو پيغام قاصد آڻي خسرو شاه کي ٻڌايو جنهن وري ممتاز کي ٻڌايو جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. آخر اهو وقت مقرر ٿيو ميدان نهرايو ويو. ٻئي ڌريون تيار ٿي ميدان تي آيا. ڪيترن ئي نمونن جون ڪسرتون ۽ جانبازيون ڏيکاريائون، پر راج راڻيءَ کي شابس هجي، جنهن شهزادي کي پلو ڪونہ ٿي ڏنو. آخر قدرت کي منظور هو جنهن موجب ممتاز جي سوڀ ٿي، راڻيءَ راند هارائي. فتح جو پڙهو چوڏاري ڦريو. راڻيءَ پنهنجو پاڻ شهزادي جي حوالي ڪيو.



راڻي جو راند هارائڻ کان پوءِ پاڻ کي شهزادي جي حوالي ڪرڻ

دستور موجب نڪاح پڙهيو ويو. ڪجھ ڏينهن عيش عشرت ۾ گذري، اتان واپس خسرو شاه جي ملڪ ۾ آيا، اُتي بہ گهڻو وقت گذاري ماسي کان موڪلائي، ممتاز اتان لشڪر ۽ گهوڙن ہيڙن سان ملڪ بينظير ڏانهن روانو ٿيو جلد اچي اتي پهتو. لشڪر کي شهر جي ٻاهران ترسائي، پاڻ راج راڻيءَ جي ڏوليءَ سميت اچي بينظير جي محلات ۾ داخل ٿيو. مهاسندر ۽ بينظير شهزادي ۽ راج راڻيءَ سان مليون. هڪ ٻئي ۾ حال احوال ڪيائون ۽ پوءِ شهزادو ڪجھ وقت اتي آرام لاءِ ترسي، بينظير جي ٽئين سوال پوري ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

## بينظير جو ٽيون سوال تہ ارنائيس ديو جي موتين سان ٺهيل ڇپرڪٽ جا هن جهان بانوءَ لاءِ نهرائي هئي سا منهنجي لاءِ آڻ

راوي هن ڳالهہ کي اڳتي هن ريت بيان ڪيو آهي، تہ شهزادو ارنائيس ديو جي ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو پر وڃڻ کان اڳي مهاسندر پريءَ کان پڇيائين تہ توکي ڪو ڏس پتو معلوم هجي تہ مون کي ٻڌاءِ! پريءَ کان اوچنگار نڪري ويئي ۽ چيائين: شهزادا اهو ديو تمام سخت ۽ قاتل آهي. ان جي ملڪ جي حد اهڙي نموني سان قدرت بنائي آهي، جتي انسان جي ڇا مجال آهي، پر ديو پرين کي بہ طاقت ڪانهي، جو اتي وڃڻ جي جرئت ڪن. اتي جبل ۾ هڪڙو سوڙهو لنگهہ آهي، جنهن مان ڦٽي وري ٻيا رستا پيدا ٿيا آهن. منهنجي مرضي آهي تہ اهڙي خوفناڪ هنڌ تي وڃڻ کان باز اچ. مفت پنهنجي بہ جان پوري نہ ڪر ۽ اسان کي بہ رنڊن ۾ نہ رلاءِ. شهزادي ان کي ڏاڍا دلاسا ڏيئي، مس مس مات ڪرائي. پوءِ تنهين کان موڪلائي، انهن کي هڪ ٻئي جي پارت ڪري اڳتي روانو ٿيو.



هلندو هلندو هڪڙي اتاهين جبل جي دامن ۾ وڃي پهتو جتان گهوڙي جو اڳتي هلڻ جو لنگهہ ئي ڪونہ هو تڏهين لاچار گهوڙو ڪٽي اتي ڦٽو ڪيائين ۽ پاڻ پنڌ هلڻ لڳو. هڪڙو پيچرو وٺي هلندي نيٺ اچي اهڙي جهنگ ۾ پهتو جو تمام گهاٽو هو ۽ ان مان ڪنڊن جي وچان لنگهڻ جي ڪابہ جاءِ ڪانہ هئي. ڪپڙا سمورا ڦاٽي بدن رهڙجي رتورت ٿي پيس، پر همت ساري اڳتي هليو تہ ميدان نظر آيس، جنهن ۾ رڳا قسم قسم جا نانگ هئا، جي هڪ پاسي ڊوڙندا پاڻ ۾ ڳاهٽ ٿيندا پڇندا پئي ويا.

ممتاز سمجهيو انهن جي پٺيان بہ ڪا شايد مصيبت تي معلوم ٿئي، جي ڊپ کان ڀڄندا ۽ لڪندا پيا وڃن. ايتري ۾ اها بلا بہ پري کان ڏسڻ ۾ آئي. ممتاز ان جي دهشت جهلي نہ سگهيو ۽ وڻن ۾ وڃي لڪڻ لڳو پر ان بلا جي نظر کان لڪي نہ سگهيو ان ڊوڙي جهٽ هٽي پيٽ ۾ ڳِٽڪائي ڇڏيس. پوءِ تہ ڏاڍو اچي حيران ٿيو ۽ روئي خدا کي سوال ڪيائين تہ ڏٺي منهنجا هن آفت کان مون کي بچاءِ. خدا ان تي ٻاجهہ ڪئي.

اتي هڪڙو گرڙ پکي رهندو هو جو پنهنجن ٻچن جي کاڌي لاءِ جهوتون ڏيندو تي وتيو تنهن جي جا ان بلا تي نظر پيئي، سو يڪدم چنبن ۾ ڪٽي وڃي پنهنجي ٻچن جي اڳيان رکيائينس. اهي بکايل هئا ۽ سڀ ڪو ان کي چيرڻ ڦاڙڻ ۾ لڳي ويو. اهڙيءَ طرح جو هڪڙن هڪڙي پاسي کان چڪيو ۽ ٻين ٻئي پاسي چڪيو تہ اها بلا اڌ ٿي پيئي ۽ ممتاز جو ان بلا جي پيٽ ۾ هو سو وڃي پٽ تي ڪريو ۽ مڙ جا ان جي پيٽ ۾ هئي سا بہ ڪري پيئي. اها مڙ شهزادي جي بدن سان لڳڻ ڪري زهر جو اثر بدن مان سمورو هليو ويو هوس، جنهن مان خبر پيس تہ اها مڙ ڏاڍي ڪا ڪمائتي آهي، پوءِ ڌڻيءَ جا شڪرانا ڪندو اڳتي هلڻ جو خيال ڪيائين ۽ دل کي دلجاءِ ڏنائين تہ جنهن ڌڻيءَ سڀوري ههڙيءَ آفت جي پيٽ مان مون کي صحيح سلامت بچائي ڪڍيو آهي، سو مون کي ڪنهن بہ حالت ۾ نہ ڇڏيندو. البت بدن ۾ زهر جي اثر ڪري ڪل تي اثر ٿي پيو هوس، سو انهيءَ فڪر ۾ وڻ هيٺان ويٺو هو تہ انهيءَ گرڙ جي ماديءَ نر کي چيو: پنهنجي ٻچن جو هن شڪار جي کائڻ ڪري وات سمورو زهر جي ڪري بند ٿي ويو آهي، سو انهن لاءِ آب حيات ڪٽي اچ. هو ويو سو ڪجهہ وقت کانپوءِ آب حيات جا ڦڙا ڪٽي، انهن ٻچن کي پيئي وڌائين، تن مان ڪي وري زمين طرف تي ڪريا، شهزادي اهي ڦڙا جي زمين تي ڪريا ٿي، سي جهٽي پنهنجي بدن کي مکيندو پئي ويو تہ بلڪل نوينو ۽ اڳئين کان بہ اگرو ٿي پيو. پوءِ هتان هلندي هلندي اچي هڪڙي غار وٽ پهتو. انهيءَ غار جي چوڌاري تہ ڏسڻ ۾ ڪا بستي ڪانہ هئي، پر تڏهين بہ آس پاس ۾ وڻ ۽ حوض ۾ پاڻي ڏسي شهزادي سمجهيو تہ هتي مڙيو ڪا آبادي آهي، سو لت ڪوڙي هڪڙيءَ ڇانوَ هيٺ سمهي پيو ۽ ننڊ ڪٽي ويس.

ٿوري دير کان پوءِ ارنائيس ديو جو وزير ڪفش جوز اتان اچي لنگهيو جو ارنائيس سان ملڻ ٿي ويو. تنهن جي نظر وڃي ممتاز تي پيئي، دل ۾ حيران تہ هي انسان جو ٻچو ايتري تہ ڪا طاقت ٿو رکي، جو اڪيلو ئي اڪيلو اسان ديون جي سرحد ۾ پهتو آهي ۽ هئن بي خوفو پيو گهمي ڦري ۽ مزي سان وڻن جي ڇانوَ ۾ ننڊون پيو ڪري. شايد ان جو لڙائي ڪرڻ جو ارادو آهي يا آرام جان کي ڪو ڳوليندڙ جاسوس آهي. هاڻي اڪيلو هن کي جاڳائڻ سان متان هو بهادر هجي ۽ ڪو نقصان پهچائي، تنهنڪري وني هڪڙو هينگ جهڙو آواز ڪيائين، جو ڪوه ڪاف جي سيني پاسن تائين ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ان جي آواز تي لکها ديو ڇڄن هاٿين ۽ باندرن جي ڀوائتيءَ شڪل ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ انهيءَ گوڙ تي شهزادو بہ جاڳي پيو. ڇا ڏسي تہ هزارين ديو بيٺا آهن ۽ انهن جي اڳيان انهن جو سردار بہ بيٺو هو. شهزادي ڏٺو تہ اهو ڪو سيني جو پريو مڙس ۽ اڳواڻ آهي، سو ادب سان سلام ڪري اتي ڪڙو ٿي بيهي رهيو. هو ديو بہ ڪو رحم دل هو تنهن

ارنائيس کي ماري اهو ڪم خدا جي حڪم سان پورو ڪندس. هاڻي تون بہ مهرباني ڪري پنهنجو حال مون کي ٻڌاءِ تہ توکي هتي ڪنهن آندو آهي. آرام جان چيس: شهزادا آئون خواجہ بزرگ دين وزير جي ڌيءَ آهيان ۽ جهان بانو زرين قبلا بادشاه جي ڌيءَ آهي، اسان ٻنهي ساهيڙين محلات ۾ ويٺي دل وندرائي تہ پريان هڪڙو بڇڙيءَ شڪل وارو ديو آيو سو جهٽ ڏيئي اسان کي محلات مان ڪڍي هتي وٺي آيو منهنجي ٻانهن پنهنجي وزير ڪفش جوز حوالي ڪيائين ۽ ملڪہ جهان بانوءَ کي پاڻ وٽ بند رکيو اٿس. اسين ٻئي مائٽن کان بہ وڇڙيل ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان دور آهيون. قسمت جا ڏينهن پيون گذاريون، ڏسون تہ اڳتي ڇا ٿو ٿئي.

هنن ديون جو اهو دستور آهي تہ انسان کي ماريندا نہ آهن، پر ان کي قيد ۾ رکندا آهن، جو اتي ئي مري ويندو آهي. ممتاز چيو: اي آرام جان! هاڻي اچو پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪريون، مون کي هڪ دفعو جهان بانو سان ملاءِ تہ ڪي ڳالهيون ان کان پڇان، پوءِ خدا گهريو آهي تہ انهن ٻنهي ديون کي ماري، توهان کي قيد مان آزاد ڪري، شهزادي جهان بانوءَ سان آئون شادي ڪندس ۽ تنهنجي شادي پنهنجي وزير دمساز سان ڪرائيندس. آرام جان چيو: چڱو خدا ڪري شل اهڙا ڏينهن ڪري، پر هاڻي تون وري وڃي قيد خاني ۾ رهہ. متان ديو کي شڪ پوي. پوءِ آئون جهان بانو راڻيءَ سان ملڻ جي ڪوشش ڪنديس ۽ توکي بہ وٺي هلنديس، اتي صلاح مصلحت ڪنداسون. پوءِ ممتاز اتان موڪلائي آيو ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي واپس ويٺو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪفش جوز ديو آرام جان وٽ آيو ان جي کاڌي لاءِ ميوا مٺايون ڪڍي آيو جي ان نہ ورتا ۽ چيائينس تہ منهنجي دل جهان بانوءَ کي ساري ٿي، سو مون کي اتي وٺي هل. هن جواب ڏنو تہ سڀاڻي آئون ارنائيس کان اجازت وٺي، پوءِ توکي موڪل ڏيندس. پوءِ ان وڃي ارنائيس سان اها ڳالهہ ڪئي، تنهن چيو تہ هائو ٻنهي ساهيڙين کي واقعي گهڻو وقت ملئي ٿيو آهي. جهان آرا بہ ملول نظر ٿي اچي، سو ڀلي ان کي موڪلي ڏج تہ جيئن ٻنهي جي طبيعت ۾ تازگي اچي، تنهن وري اچي آرام جان کي خبر ڏني، سا ڏاڍي خوش ٿي. رات جو شهزادو بہ آرام جان سان ملڻ آيو پاڻ ۾ سڻاءُ سٽيائون، سو ڪنهن طرح لڪ ۾ اتي ئي رهي پيو. صبح جو ڏولي تيار ٿي، جنهن ۾ آرام بانو ۽ ممتاز ٻئي ويٺا. ديون ڪڍي جهان بانو جي محلات ۾ انهن کي پهچايو.

جهان بانو ممتاز کي ڏسي آرام جان کان ان جي حقيقت پڇي، جنهن سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. هوءَ شاهزادي جي سونهن ڏسي مٿس عاشق ٿي پيئي ۽ شهزادو بہ ان تي ڇڪن ٿي پيو مگر هينئر عشق جي ڳالهين ۽ خيالن جو وقت ڪونہ هو پر هينئر رڳو انهيءَ خبر خلاصيءَ جو ڪو اپاءُ ڪرڻو هو. ممتاز جهان بانو کي چيو تہ تون رڳو ان کان ڪنهن طرح پڇينس تہ ان جو ساهہ ڇا ۾ آهي ۽ هٿيارن جو پتو مون کي ٻڌاءِ، پوءِ خدا گهريو تہ آئون ٻنهي ديون کي ڏسو تہ ڪيئن ٿو جهنم ۾ موڪليان. جهان بانو چيو: اڄ رات هو اچڻو آهي، توهين لڪي ويهي ٻڌجو. پوءِ رات جو سيئي ڪائي پي ممتاز ۽ آرام بانو ڪنهن گوشي ۾ لڪي ويهي رهيا. جتان ارنائيس ۽ جهان بانو جي گفتگو ٻڌي سگهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ ارنائيس آيو.



ديو جو ملڪا جهان بانو کي پاڻ وٽ قيد ۾ رکڻ

جهان بانو ديو جي اچڻ کان اڳ ئي مخر ڪري سمهي رهي. ديو آيو ۽ کيس جاڳايائين. جهان بانو اڳي جا هن سان پورو ڳالهائيندي به ڪين هئي ۽ منهن به ڪانه ڏيندي هئس. اڄ پنهنجي مطلب لاءِ ان سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳي ۽ محبت ۽ پيار وارو رستو اختيار ڪرڻ لڳي ۽ کيس چيائين، اڄ اچي آرام جان به سمجهايو ۽ مون به دل ۾ سوچيو ته آخر اوهان کان ڪيترو پري رهي سگهبو- سو دل ۾ خيال آندو اٿئون ته اوهان سان سچي دل سان لاڳاپو رکي حياتيءَ جا ڏينهن خوش خوش گذارجن. بس اڄ کان پوءِ مون کي پنهنجو سمجهه ۽ تون منهنجو آهين تنهن تي ديو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ جهان بانو پڇيس: تون سدائين ٻاهر ٿو رهين مون کي ڏپ آهي ته تنهنجا دشمن گهڻا آهن، تنهنجي ساهه جي مون کي خبر ٻڌاءِ ته اهو آهي ته ڪٿي سوگهو- بس مون کي پڪ ڏيار ته جيئن آئون به سمجهان ته اهو برابر اهڙي هنڌ آهي، جتي دشمن پهچي ڪونه سگهندو ته جيئن مون کي هن خوشيءَ جي موقعي تي ويتر خوشي ۽ دلجاءِ ٿئي. اها ڳالهه ٻڌي هن کي وڏيڪ خوشي ٿي جو سمجهيائين ته راڻيءَ جي مون سان ايتري قدر دل آهي، پوءِ ته اچي ٻتاڪ ۾ پيو ۽ چيائين ته منهنجي پياري تون ڪوبه ڏپ نه ڪر. ڇو ته منهنجو ساه اهڙي هنڌ آهي، جتي ڪوبه انسان ته پري رهيو پر ديو به پهچي ڪونه سگهندو. ڪوه ڪاف جبل جي وچ ۾ هڪڙو تلاءَ آهي، ان

۾ هڪڙو وڏو مانگر مڇ رهي ٿو. ان مانگر مڇ جي ڪلهي ۾ هڪ پيٽي آهي، جنهن ۾ هڪ سون جي مورت آهي، اهو منهنجو ساهه آهي. جيسين ان کي ڪو نقصان نہ پهچندو، تيسين مون کي ڪوبہ نقصان ڪونہ پهچي سگهندو. هاڻي تون سمجهي سگهين ٿي تہ منهنجو ساهه ڪهڙي نہ مضبوط هنڌ رکيل آهي، جتي ڪنهن جو ڪوبہ وس هلي نہ سگهندو. جهان بانو بہ ظاهري خوشي ڏيکاري چيس: هاڻي بيشڪ مون کي دلجاءِ ٿي تہ تنهنجو ڪو نالو بہ ڪونہ وني سگهندو. تنهنڪري پاڻ هاڻي گهڻو وقت جشن ۽ آرام ۾ گذاري سگهنداسون.

اهڙيءَ طرح ارنائيس رهاڻ ڪري جهان بانو وٽان هليو ويو. پوءِ جهان بانو شهزادي کي ٻاهر ڪڍي چيو: اوهان هاڻي سمورو بيان ٻڌو. ممتاز چيو تہ بيشڪ مون چڱيءَ طرح ٻڌو آهي. خدا گهريو تہ جلد هنن مردودن کي دوزخ جا وڻ ڏيکاريندس، پر هاڻي مون کي گهربل هٿيار ڏي. تنهن تي جهان آرا ديو جو توشاخانو کولي هٿيار ڏيکاريس، تنهن مان جيڪي ڪمائتا هٿيار هئا، سي ممتاز ڳولي پاڻ سان کنيا ۽ الله توهار چئي موڪلائي اوڏانهين هلڻ لڳو.

هوڏانهن ڪفش جوز ديو جنهن ممتاز کي بند ۾ رکيو هو تنهن هڪڙي ڏينهن ڏٺو تہ اهو انسان زادو قيد ۾ آهي ئي ڪونہ. اول تہ ان جي گم ٿي وڃڻ جو ويچار ٿيس، پر پوءِ دل ۾ چيائين، ضرور ڪو ديو ڪائي ويو هوندس، نہ تہ هتان ڀڄي وڃڻ جي ڪنهن کي بہ مجال ڪانهي ۽ ارنائيس کي بہ ممتاز جي قيد ڪرڻ جي خبر ڪانہ ڏني هئائين، تنهن ڪري ماٺ ڪٽي ڪيائين، جو سمجهيائين تہ هاڻي جيڪڏهن ڪو گوڙ ڪندس تہ اٿلندو جوابداري منهنجي سر تي اچي ويندي. هينئر تہ الائجي ڪير هو ڪيڏانهن ويو يا ڪنهن ديوَ جو لقمو بڻيو.

ٻئي طرف شاهزادو گرز خنجر ۽ ٻيا گهربل هٿيار ڪٺي، بيابان ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿيو. هن کي باروت جي بہ گهرج هئي. شهزاديءَ کي چيائين تہ باروت جي لاءِ ٻيون شيون تہ موجود آهن، پر گندرف ڪونہ ٿو ملي، شهزاديءَ هڪڙي ڪوٺي کولي ڏيکاريس، جا سڄي ڀري پيئي هئي. ان مان گندرف ڪٺي شروع ڪوئلا ۽ گندرف ملائي ان مان باروت ناهيائين تہ مهل ۾ ڪم اچي ويندو. رستي ۾ ان کي جبلن جي وچ ۾ سوڙهن ۽ ڏکين رستن تان لنگهڻو هو.

اها حالت ڏسي دهلجي ويو پر وري بہ دل ڏاڍي ڪري اڳتي هلڻ لڳو. آخر اچي انهن تلاءَ جي ڪناري تي پهتو. ڏٺائين تہ ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي، جو هن تلاءَ ۾ اندر گهڙي. هاڻي ڪنهن اٽڪل سان انهيءَ واڳونءَ کي هٿ يڪو ڪجي.

آخر دل ۾ خيال آيس تہ هڪڙي هٿيار کي باهہ ۾ پگهاري، ان مان ڪُنڊي ناهجي، جيئن مهاڻا مڇي ڦاسائڻ جون ڪنڍيون نهرائيندا آهن. پوءِ اها ڪنڊي ناهي، هڪڙو جانور شڪار ڪري، ان جو گوشت سڄو ان ڪنڊيءَ ۾ وڌائين ۽ وڏا نوڙ ناهي، تن سان اها ڪنڊي ٻڌي ڪٺي درياءَ ۾ وڌائين. جن جو ٻيو پاسو هڪڙي وڻ سان مضبوط ٻڌي ڇڏيائين.

واڳو گوشت جي بانس تي يڪدم اها ڪنڊي گوشت سميت پيٽ ۾ ڳڙڪائي، جا نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ممتاز ڊوڙي ان کي هڪ ڇڪ ڏني تہ اها ڪنڊي واڳونءَ جي نڙيءَ ۾ ويتر کپي ويئي ۽

واڳون ڦٽڪڻ لڳو. جيئن پئي ڦٽڪيو تيئن ويو ٿي وڌيڪ قابو ٿيندو ۽ ممتاز بہ ان نوڙ کي هر هر ڇڪون ڏيندو ٿي رهيو. جنهنڪري واڳونءَ جي نڙيءَ مان رت نڪرندو رهيو. آخر بيهوش ٿي پٽيءَ تي متي ترڻ لڳو.

شهزادي پاٽيءَ کان ڪڏي ٻاهر ڪيو ۽ بہ ٿي گرز انهيءَ حالت ۾ اهڙي زور سان هنيائينس، جو آخري پساهہ بہ پورا ٿي ويس. پوءِ ان کي چيري اها صندوق ڪڍيائين، جنهن ۾ ارنائيس ديو جي روح جو پتلو رکيل هو. اهو ڪٽي جهان بانو وٽ آيو. ان کي ساري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. ٻئي ڄڻيون خوش ٿيون تہ هاڻي خدا ڪندو تہ جلد ڇوٽڪارو ٿي پوندو.

پوءِ ممتاز هڪڙي لوهي هٿيارن سان اها پيتي ڀڃي، اندر جيڪو طلسمي پتلو هو سو ڪڍي، ان کي نچائڻ ۽ ٻارن وانگر رانديڪو ڄاڻي، ان سان خوشيون ڪرڻ لڳو تہ راڻيءَ دانهن ڪري چيس: شهزادا! هي ڇا ٿو ڪرين؟ دشمن ڪو جهڙو تهڙو نہ سمجهہ! يڪدم انهيءَ پتلي کي ڀڃي ٽوڙي ڇڏ. جيڪڏهن توري بہ دير ڪندين تہ تنهنجو ۽ اسان جو خير ڪونہ ٿيندو. سيئي ديو جي هٿان ڏاڍن عذابن سان ماريا ويندا سون. پر ممتاز کي ان ڳالهہ جو ذرو بہ خيال ڪونہ ٿيو ۽ دير پئي ڪيائين، تنهن تي ملڪ وري بہ چيس: اي شهزادا! خدا جي واسطي هي ڪهڙي مستي مچائي اٿئي، جو ڏسي وائسي پنهنجو ۽ اسان جو بد خواه ٿو ٿئين!

ايتري ۾ ارنائيس ديو بہ واچوڙي وانگر واڪا ڪندو، اُڀ ڦاڙيندو اتي اچي پهتو. هن جي ٻوائتي آواز ساري ڪوه ڪاف کي ڏڪائي ڇڏيو. هن اول راڻيءَ ڏي رخ رکيو.

ممتاز ڏٺو تہ برابر مون کان ڀل ٿي آهي ۽ مون ڄاڻي واڻي زيان جهڙو ڪم ڪيو آهي، پر قضا زور هيس جو عقل اچي ويس ۽ يڪدم ان پتلي جي هڪ ٽنگ ڀڃي وڌائين تہ ديو جي بہ هڪ ٽنگ ڀڃي پيئي ۽ هو هڪڙي ٽنگ تي ڊوڙڻ لڳو. شاهزادي وري ٻي ٽنگ ڀڃي ڇڏيس تہ پيٽ ڀر رڙهي هلڻ لڳو ۽ راڻيءَ کي ڏوراپا ڏنائين تہ توکي مون پنهنجو راز ٻڌايو ۽ تو مون تي هيءَ آفت اٿاري آهي. مون توکي ڪيترا سک ڏنا. پر تو ڪوبہ قدر ڪونہ ڪيو ۽ ڪاوڙ مان جيڪي وات ۾ پي آيس سو پئي چيائين. پوءِ تہ شهزادي هڪدم ان مورت جو ڪنڌ ڀڳو تہ ديو جو بہ ڪم تمام ٿي ويو. شهزادي وني انهيءَ گڏ ڪيل باروت کي باه ڏني، جنهن ۾ جلي خاڪ ٿي ويو. تڏهن راڻيءَ ۽ وزيرزاديءَ کي وچي ساه پيٽ ۾ پيو تہ ٻئي طرف وري ارنائيس ديو جي مرڻ جي خبر ساري ڪوه ڪاف ۾ پئجي ويئي. ان جا جيڪي نوڪر چاڪر ۽ ٻيا واسطيدار هئا، تن سيني چيو تہ هي انسان ڪا الاهي آفت آهي، جنهن ارنائيس جهڙي بهادر کي بہ ڪيرائي ڇڏيو سو اسين ڪهڙي ليکي ۾ آهيون! ڇڱو آهي تہ وڃي ان جي زيردستي قبول ڪريو، ان کان پناه گهرون ۽ سيئي پاڻ ۾ صلاح ڪري ممتاز وٽ اچڻ لاءِ روانا ٿيا.

ممتاز هن ديو جو ڪم پورو ڪري ملڪ کي ٻڌايو تہ، آئون جي ان کي اتي جو اتي ماريان ها تہ مون کي ان کي هيڏانهن آڻڻ ۾ هلاڪي ٿئي ها، جو اهڙي آفت کي ڪير ڊوئي سگهي ها، ٻيو تہ اوهان کي بہ ڏيکارڻو هو.

راڻيءَ چيس: توکي آفرين هجي. بيشڪ هي بهادريءَ جو ڪم ڪيو اٿيئي. خدا جي مهربانيءَ سان هاڻي اسان کي راحت نصيب ٿي آهي.

تڏهين وزيرزاديءَ چيو: شهزادا! هاڻي مون کي ڇڏائڻ جو ڪهڙو اُپاءَ رٿيو اٿيئي.

ممتاز چيس: پيڻ! تون ڪو خيال نہ ڪر. آئون جيسين انهيءَ ڪفش جوز کي نہ مارينديس، تيسين سکيو ٿي آرام ۾ نہ گذاريندس.

انهيءَ وچ ۾ اهي ديو جي ممتاز سان ملڻ لاءِ پنهنجي جاين کان روانا ٿيا هئا، سي بہ محلات جي ٻاهران اچي گهيرو ڪري ويٺا. شاهزادي انهن جو گوڙ ٻڌي سمجهو تہ هي شايد ارنائيس جا مددگار آهن ۽ ان جو وير وٺڻ آيا آهن، سو دل لاهي ويٺو پر وري بہ ٻاهريون ٻنو رکي، مٿي بالڪنيءَ ۾ چڙهي، انهن کي چيائين تہ توهان ڏنو تہ مون ارنائيس جو ڪهڙو حشر ڪيو. هاڻي اوهان کي بہ جيڪڏهن اهڙي موت جي گهرج آهي تہ آئون اوهان کي بہ سڏو ڪري سگهان ٿو.

انهن ڏنو تہ هڪڙو ننڍڙي قد جو انسان، جيڪو اسان ديون جي نسبت پٽڙ جي مقدار برابر بہ نہ آهي، سڄو اهڙي جرئت سان ڳالهائي ٿو تنهن کي ڪا ضرور اهڙي طاقت آهي، سو سيني هٿ ٻڌي عاجزيون ڪري چيس: سائين! اسين اوهان جي رعيت ۾ داخل ٿي، اوهان جي هٿ هيٺ رهڻ گهرون ٿا، مهرباني ڪري اسان کي امان ڏيئي، اسان تي حڪومت ڪريو. اسين جيئڻ ارنائيس جا ٻانهان هئاسون، تيئن اوهان سان بہ سچائيءَ سان هلنداسون. اتي شهزادي کي پيٽ ۾ ساه پيو ۽ خنڪيءَ سان انهن کي چيائين: جي اوهان جي اها مرضي آهي تہ آئون هرو ڀرو توهان کي ڏکوئڻ نٿو گهران. آئون اوهان کي سنڀاليندس، پر منهنجو هڪڙو شرط آهي تہ توهين هينئر جو هينئر سيئي گڏجي وڃو ۽ ڪفش جوز کي ماري، ان جي سسي آڻي مون وٽ پيش ڪريو تہ پوءِ مون کي خاطري ٿيندي تہ اوهين بيشڪ مون سان وفادار ۽ سچا رهندا. انهن گهڻيءَ خوشيءَ سان اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ اوڏي مهل ئي روانا ٿيا جي اک ڇنڀ ۾ ڪفش جوز جي محلات ۾ وڃي پهتا. هن دل ۾ خيال ڪيو تہ جڏهين ارنائيس جيڏرو هو تڏهين انهن کي اهڙيءَ جرئت جي ڪا بہ مجال ڪانہ هئي، پر اڄ ارنائيس جي مرڻ کان پوءِ هي مون کي بي زورو سمجهي مون سان وڙهڻ لاءِ آيا آهن. پر هنن کي ڇڏبو ڪين، منهن ضرور ڏبو پوءِ پنهنجا ساٿي گهرائي انهن سان سامهون ٿيو ۽ وڙهندي وڙهندي مارجي ويو ۽ هنن ديون ان جي سسي ڪٽي آڻي شهزادي جي اڳيان رکي، پوءِ تہ ممتاز انهن سيئي کي وڏا وڏا انعام ۽ سروپائون ڏيئي، کين دلاسو ڏنو تہ هاڻ دلجاءِ ڪريو اوهان امان ۾ آهيو. پوءِ منجهان ئي هڪڙي کي ان سڄي ملڪ جي حڪومت حوالي ڪري، ان کي چڱيءَ طرح سمجهايائين تہ ڪنهن سان بہ ظلم ۽ ايذاءَ نہ ڪج ۽ رعيت کي خوش رکج. جيڪڏهن تنهنجي ڪا شڪايت پهچندي تہ آئون گهڻو هلاڪ ڪندوسانءِ.

ائين هر هڪ کي سمجهائي پاڻ جهان بانو ۽ آرام جان سان گڏجي، جهان بانو جي پيءُ بادشاه وٽ هلڻ لاءِ تياري ڪيائين. آخر نڪرڻ مهل ڪن ديون کي واپس وڃڻ جي موڪل ڏنائين ۽ ڪن کي پاڻ سان ڪنيائين ۽ انهن کي چيائين تہ هاڻي اسين انسانن جي آبادي ۾ هلون ٿا، اوهين بہ

پنهنجو شڪيلون متائي انسانن جهڙيون ڪريو جن سندس حڪم موجب تعميل ڪئي ۽ منزلون ڪندي هلندي هلندي اچي جهان بانو جي پيءُ جي ملڪ پهتا. شهر جي ٻاهران تنبو هڻي اتي منزل ڪئي وئي. جهان بانو ۽ آرام جهان جي لاءِ جدا تنبو هڻائي، تنهن ۾ انهن کي وهاريو ويو. ماڻهن جو هيڏو انبوهه ۽ منزل گاهه جو ٺاٺ ڏسي، جاسوسن وڃي زرين ڪلاهه بادشاهه کي خبر ٻڌائي ته اڄ شهر تي ڪو زبردست غنيم چڙهي آيو آهي، جنهن کي جنگ ڪرڻ جو ارادو ٿو ڏسجي.

تڏهين بادشاهه پنهنجي خاص امير کي خبر چار وٺڻ لاءِ موڪليو ته جي مهمان ٿي آيا هجو ته اسين خذمت لاءِ حاضر آهيون. جي لڙائيءَ جو ارادو آهي ته انڪار نه آهي، پر اسين هن وقت پنهنجي نياڻيءَ جي غم ۾ آهيون، تنهن ڪري هرويرو لڙائي ڪرڻ نٿا چاهيون.

امير شهزادي وٽ آيو اهو پيغام ڏنائينس. شهزادي چيس: بادشاهه سلامت کي سلام ڏئي ٻڌائينس ته، آئون رڳو خاص اوهان جي ملاقات ۽ همدرديءَ لاءِ آيو آهيان ۽ ان امير کي عزت آبرو سان خلعت پهرائي روانو ڪيائين. جنهن اچي بادشاهه وٽ سندس ڏاڍي تعريف ڪري چيو: شهزادو ممتاز اوهان جي ملاقات جي ارادي سان آيو آهي. جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي وزير ۽ ٻين وڏن عملدارن کي موڪليائين ته شهزادي کي عزت آبروءَ سان دعوت ڏيئي وني اچو جي ممتاز سان مليا ۽ ان سان گفتگو ڪري سندس مهرباني مروت، سونهن ۽ بهادري ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ممتاز وزير کان پڇيو: ڀلا اوهان جي نياڻي آرام جان ۽ جهان بانو جي ڪا خبر پيئي يا نه؟ وزير کي اها ڳالهه ٻڌي عجب لڳي ويو ته هن شهزادي کي اها حقيقت ڪيئن معلوم ٿي، پر جواب ته ضرور ڏيڻو هوس. سو چيائين: شهزادا. اهي ٻئي ڪيترن ڏينهن کان محلات مان اوچتو گم ٿي ويون ۽ انهن جي گهڻي ڳولا ڪئي سون، پر انهن جو اسان کي پتو ڪونه پيو. تنهنڪري نااميد رهجي وياسون؟ خبر نه آهي ته جيئريون آهن يا مري ويون. بادشاهه ويچارو توڙي آئون رات ڏينهن ماتم ۾ گذاريون ٿا. پر ڇا ڪريون سندس گم ٿيڻ جو رستو ئي اهڙو هو جنهن باري ۾ اسان جو دماغ ڪم نٿو ڪري سگهي. لاچار دل ڏاڍي ڪري صبر ڪري ويناسون. پر اوهان جو مهرباني ڪري اسان کان اهڙيءَ طرح پڇيو آهي، جي ڪجهه به خبر هجيوَ ۽ ٻڌائيندا ته اسين ڏاڍا خوش ۽ اوهان جا شڪر گذار ٿينداسون.

تڏهين ممتاز ٿورو ڪلي چيو: اي هوشمند وزير! انهن ٻنهي کي ارنائيس ديو محلات مان ڪڍي ويو هو خدا جي قدرت سان ڪنهن اتفاقي ريت منهنجو اتي وڃڻ ٿيو مون ڏٽيءَ جي مهرباني سان پليت کي ماري، ٻنهين کي قيد مان ڇڏائي، هتي اوهان سان ملائڻ لاءِ آندو آهي، ته اوهين مائٽ جي انهن جي وڇوڙي ۽ فراق ۾ حيران ٿي رهيا آهيو تن کي خوشي ٿئي. وزير ڏاڍو خوش ٿي ممتاز جي پيرن تي ڪري پيو ۽ کيس چوڻ لڳو: اوهان اسان کي جڻ جيئندان ڏنو آهي. اهو اوهان جو احسان ساري عمر اوهان جي خدمت ڪريون ته به ان جو فرض ادا ڪري نه سگهنداسون.

پوءِ ممتاز جهان بانو ۽ آرام جان وٽ آيو انهن کي ٻڌايائين ته هي اوهان جو ملڪ آهي. آرام جان جو پيءُ وزير محترم هتي مون سان ملڻ آيو هو جنهن کي مون ٻڌايو آهي، هاڻي هو ملڻ لاءِ تيار

آهي. پوءِ پردو ڪرائي وزير کي اتي آندو ويو جو پنهنجي وچڙيل ڏيءَ کي ڏسي خوش ٿيو. ٻنهي پيءُ ڌيءُ ڳچ وقت جدائيءَ جي ڪري ويني رنو پوءِ آرام جان ٻڌايس ته ڪيئن اسان کي ديو کڻي ويو ۽ وري خدا جي مهربانيءَ سان ممتاز اچي ان کي جهنم رسيد ڪري اسان کي ڇڏايو ۽ اوهان سان ملايو ۽ هن بيهر ممتاز جو ٿورو مڃي، ان کي اهڙو اشارو ڪيائين. جنهن جو مقصد هو ته آرام جان کي هو ممتاز جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر ممتاز چيس: آرام جان جي ٻانهن مون پنهنجي وزير زادي دمساز جي نالي ڪري ڇڏي آهي، جو منهنجو وزير ڪين آهي، پر سڳو ڀاءُ جڻ هڪڙي پيءُ جو پٽ آهي. هينئر به ڏکئي سفر ۾ اهو پنهنجو گهر گهاٽ ۽ عيش آرام ڇڏي نڪتو. مون کان واٽ ۾ وڇڙي ويو آهي، اميد آهي ته خدا اسان جو ميلاپ ڪندو پر جي اوهان کي اعتراض هجي ته پوءِ آئون زور ڪونه ٿو ڪريان. اوهين وس وارا ۽ مالڪ آهيو. وزير چيو: شهزادا اها ڪهڙي ڳالهه آهي، آرام جان اوهان جي آهي، اوهين وس وارا آهيو اسان کي ڪابه طاقت نه آهي، جو اوهان جي راءِ جي مخالف پنهنجي راءِ هلايون. پوءِ ممتاز کان موڪلائي تڪڙو تڪڙو بادشاه وٽ آيو ۽ چيائين ته اج جيڪا اسان جي لاءِ خدا تعاليٰ خوشي موڪلي آهي، اهڙي خوشي سڄيءَ عمر ۾ اسان نه ماڻي هوندي چو ته اڄ مون کي ڪنهن طرح شهزادي جهان بانو ۽ منهنجي نياڻي آرام جان جو پتو پيو. ملڪ ته پردي ۾ هئي، تنهن کي آئون ڏسي ڪين سگهيس، باقي آرام جان سان آئون ملي آيو آهيان. بادشاه اها ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ته وزير جو الاجي مغز جاءِ نه آهي، يا مون سان مسخري ٿو ڪري، چيائينس: دانشمند وزير اسان جو اولاد گم ٿيڻ ڪري دماغ ته گهٽن ڏينهن کان حيران آهي، سو برابر آهي، پر تون وري اج اهڙي ڳالهه پيو ڪرين جو سمجهجي ٿو ته هاڻي دماغ بلڪل توکان موڪلائي رهيو آهي.

وزير چيو: بادشاه سلامت! اوهان جي ڪچهريءَ ۾ ڪوڙ ٻولڻ موت برابر آهي. مون کي ڪهڙي طاقت جو ڪوڙ ڳالهايان. هاڻي اوهين به شهزادي سان ملاقات لاءِ تيار ٿي هلي نياڻيءَ سان ملو اها ڳالهه ڪا پري به ڪانهي. بادشاه کي پوءِ ڳالهه خيال ۾ ويني ته وزير سچ ٿو چوي، سو يڪدم خوشيءَ ۾ محلات ۾ ويو ۽ جهان بانو جي ماءُ کي وڃي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. جا ويچاري ڌيءَ جي وڇوڙي ۾ چري ٿي پيئي هئي. پوءِ ته محلات ۾ خوشيون ٿي ويون ۽ جهان بانو جون ساهيڙيون ۽ ٻيا عزيز مٽ مائٽ تيار ٿي شهزادي وٽ آيا. جن سيني کي عزت آبروءَ سان ڪيڪاري انهن کي وهاريو ۽ هڪڙي خاص تنبوءَ ۾ جتي جهان بانو کي رهايو ويو هو اتي سيئي ان سان مليا ۽ خوش ٿيا. ورهن جا وڇوڙا هڪ پل ۾ منهنجي مالڪ سائين ميٽي ڇڏيا.

پوءِ جهان بانو ۽ آرام جان کي ڏوليءَ ۾ چاڙهي، تخت گاهه ڏي محلات ۾ موڪليو ويو ۽ شاهزادي کي سندس ماٽهن سان بادشاه وٽي پنهنجي دربار ۾ آڻي تخت تي وهڻ لاءِ حڪم ڏنو پر شهزادي ادب کان انڪار ڪيو. نيٺ زوريءَ بادشاه پاڻ سان گڏ وهاريس.

سڄي شهر ۾ خوشيءَ جو شور مچي ويو. ڪم ڪاريون دڪان بازارون سڀ بند ٿي ويا. ست ڏينهن جشن جي محفل پئي هلي، جنهن ۾ خير خيراتون، خوشيون، ناچ گانا، راڳ رباب، شراب ڪباب پئي هليا. ڏيگيون چاڙهي ست ڏينهن برابر ٻوڙ پلاءُ سڀ ڪنهن ايندي ويندي کي پئي کارايو ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ شهزادي جهان بانو کي چيو: جي اوهين اتي پنهنجي مائٽن ۾ سکي آرامي هجو ته منهنجو زور ڪونهي جو مون سان هلو ته منهنجي اکين تي آهيو باقي آئون پنيان جا نازڪ ڪم ڇڏي اتي ويهي ڪين سگهندس، سو مون کي موڪل ملي ته آءٌ پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿيان.

شهزاديءَ چيس ته هيترا ڏينهن ديو وٽ بند ۾ هيس ته منهنجو ڪو مائٽ ويجهو ڪونه آيو.

اوهان اچي پنهنجي جان صدقي ڪري مون کي بند مان ڪڍيو سو هاڻي اوهان کي ڇڏي آئون هتي ويهي رهان، اها ڳالهه مروت کان ٻاهر آهي. آئون بيوفا نه آهيان، هر دم اوهان جي خدمت ۾ رهڻ لاءِ تيار آهيان. ممتاز اهو جهان بانوءَ جو چوڻ دل ۾ رکي، بادشاه کان موڪل گهرڻ آيو. چيائين ته دل نٿي گهري ته حضور جن جي خدمت کان پاسي ٿيان، پر ڇا ڪريان مشڪلاتون درپيش آهن ۽ سڄي ڳالهه اول کان آخر تائين ڪري ٻڌايائينس.

بادشاه چيو: چڱو ڪجهه وقت رهو ته انهيءَ ڳالهه جي به صلاح ڪنداسون. اوهين خيال نه ڪريو. پوءِ محلات ۾ اچي جهان بانوءَ کي چيائين ته ممتاز کي پنهنجا ضروري ڪم ڪاريون آهن، سي پلي ته پورا ڪري، تون اتي ئي اسان وٽ رهه. پوءِ جڏهين هو پنهنجا ڪم لاهي پورا ڪندو ۽ ملڪ بينظير سان به صفائي ڪندو تڏهين توکي اچي هتان وٺي ويندو اسان تنهنجي جدائيءَ ۾ ڪيترا ڏينهن گذاريا آهن، سو ڪجهه وقت اسان وٽ به رهه ته دل کي خوش ۽ توانو ڪريون.

جهان بانو چيو: جيئندا قبلا، جنهن مون تان پنهنجو ساهه قربان ڪري، هُن مردار ديوَ جي قيد مان مون کي آزاد ڪيو ۽ دورانديشيءَ جو ڪوبه خيال يا پرواهه نه ڪئي. هاڻي آئون ان کي ڇڏي هتي سکي ٿي ويهي رهان، اهو انصاف نه آهي. منهنجي ان ڪانسواءِ هڪ گهڙي به سک سان ڪين گذرندي، تنهنڪري اوهين مهرباني ڪري راضي ٿي موڪل ڏيو.

بادشاه پنهنجي نياڻيءَ جي سچائي ڏسي، آفرين چئي، ان کي سمجهايو ته اسان کي سچائيءَ سان هلڻ جو بيشڪ سڀ کان وڏو فرض آهي. آئون توکي خوشيءَ سان موڪل ٿو ڏيان. پوءِ ته ان وقت کان وٺي تياري ٿيڻ لڳي.

بادشاه پنهنجي ڌيءَ کي ڏاج ۾ بيشمار ڌن دولت، گهوڙا، ٻيڙا، هاٿي سپاهي لشڪر ڏيئي موڪل ڏني. پوءِ شهزادي پيرين پئي بادشاه کان موڪلايو ۽ ملڪ بينظير ڏانهن وڃڻ لاءِ روانا ٿيا.

هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن اچي ملڪ بينظير جي شهر ۾ پهتا، جنهن کي ماڻهن وڃي ٻڌايو ته شهزادو صحيح سلامت اچي پهتو آهي.

مهاسندر پريءَ ۽ راڄ راڻيءَ به اها ڳالهه بينظير کان ٻڌي، سيئي خوش ٿي، هار سينگار سينڌ سرمان ڪري، ويس وڳا پائي، نيون ڪنواريون ٺهي، پنهنجي گهوٽ جي ڏسڻ لاءِ انتظار ڪرڻ لڳيون.

سڄي شهر ۽ بازار ۾ ماڻهو اها خبر ٻڌي پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، شهزادي کي ڏسڻ لاءِ آيا ته ڏسون ته ڇپر ڪٽ ۽ ان تي وهڻ واري راڻي ڪهڙي آهي. ڪي گهٽين ۾ پئي هڪ ٻئي تي ڳاهٽ ٿيا ته ڪي وري مٿان ڪڏن تي چڙهي بيٺا. جيسين شهزادو اتي اچي پهچي، تيسين مهاسندر پريءَ ملڪ بينظير جي وچ ۾ گفتگو هلي.

مهاسندر پريءَ ملڪ بينظير کي چيو تہ هي جيڪي خيال اوهان جي مغز ۾ پيا هئا، جن جي ڪري اوهان اهي سوال وڌا آهن، تن لاءِ اوهان کي خيال ڪرڻ کپندو هو تہ اوهين انسان آهيو هي سڀ سوال جنن ۽ پرين ۽ ديون سان لاڳاپو رکن ٿا، پوءِ انسان ڪيئن اهي ڳالهيون پوريون ڪري سگهندو. ملڪ بينظير چيس تہ ادي آئون توکي سچ ٻڌايان ٿي تہ مونکي ڪنهن بہ اهي سوال سيڪاريا ڪونہ آهن، پر پاڻيهي منهنجي دل مان ناهيل آهن، پر ڪيئن بہ هو مگر ڏس تہ خداوند ڪريم انسان کي ڪهڙي عجيب طاقت ۽ مغز ڏنو آهي، جو ڏس تہ تي سوال تہ ڪيئن نہ پورا ٿي ويا. پريءَ چيس: اهو سچ آهي، پر شهزادي کي جيڪي تڪليفون پهتيون آهن، تن جي ثابتي هن غيبي گل مان ٿي، جو ڪيترا پيرا سڪو ۽ وري سائو پئي ٿيو آهي، جنهن جي معنيٰ تہ ايترا دفعا ممتاز تڪليفن ۾ پئي آيو آهي ۽ انهن مان سلامت پئي نڪتو آهي. خدانخواستہ جيڪڏهين ان جي حياتي پوري ٿي وڃي ها تہ اسان سڀني جي زندگي زهر ٿي پوي ها. هاڻي توکي پنهنجي دل جي دلبر جو ويچار ڪرڻ گهرجي، ڇڱو آهي تہ باقي ٻن سوالن جي پڇر ڪٽي ڇڏ. الاجي ڪهڙو نتيجو نڪري ۽ تون خواه اسين سڀئي سڄي عمر پيون پڇتايون، تنهن مان ڪهڙو فائدو. هاڻي تہ جوانيءَ جو وقت آهي، اڃو تہ سڀئي گڏجي جيڪو دم عيش عشرت ۾ گذارڻ جو ملي، سو غنيمت سمجهي گذاريون. انهيءَ ڳالهہ تي بينظير کي ڪاوڙ آئي ۽ چوڻ لڳيس: ادي هاڻي تہ تين زال آندي اٿس. پلي اوهين ٿيئي وڃي موجون ڪريو مون تہ ڪنهن کي جهليو ڪونہ آهي. تون سدائين مون کي هر هڪ ڳالهہ تي توڪ بازي ڪندي آهين.

مهاسندر کي ارمان ۽ حيرت ٿي. چيائينس: ڀيڻ مون توکي ڪاوڙ واري تہ ڳالهہ ڪابہ ڪانہ چئي آهي، مون تہ توکي هڪڙي ڳالهہ تنهنجي ئي فائدي جي چئي، جو جڏهين گل سڪندو آهي، تڏهين ڪيترو نہ روڄ راڙو ڪندي آهين، تڏهين اهو رڳو ماڻهن کي شايد ڏيکارڻ جي لاءِ هوندو آهي. شايد اها رسم انسانن ۾ آهي، اسان پرين ۾ ائين ڪونهي. تنهن تي بي نظير ڦڪي ٿي مهاسندر کي ياڪر پائي، چيو: ادي مونکي معاف ڪر، تنهنجو چوڻ بہ برابر آهي، پر آئون بہ سوال وچ ۾ وجهي ويني آهيان، سي بند ڪريان ان ۾ خود شهزادي جي بہ بي همتي ۽ گهٽتائي ليکبي. الله تي رک، جنهن هيتري مهرباني ڪئي آهي، سو اڳتي بہ ڪين ڇڏيندو. هن ۾ شهزادي جي عزت ۽ ناموس آهي، پر جي قضاڏرا مري بہ ويو تہ نالو ياد رهندس، پر ڏٺي ڪندو تہ اهي باقي سوال بہ فتح سان پورا ڪندو ۽ پاڻ سڀئي گڏجي خوشيون ڪنديونسين. انهيءَ گفتگوءَ هلندي ۾ ممتاز شهزادو بہ آرام جان ۽ جهان بانو سان گڏ اچي محلات ۾ داخل ٿيو. سڀئي هڪ ٻئي کي ياڪر پائي خوشيءَ سان مليون. هڪ ٻئي ۾ حال احوال ڏنائون ورتائون. پوءِ محفل شروع ٿي، جنهن ۾ هڪڙي پاسي ناچ گانا پئي هليا تہ ٻئي پاسي شراب ڪباب جو دور جاري هو. شهزادو پنهنجي ڏکن جو داستان سڀني جي اڳيان چڱيءَ طرح ظاهر ڪيو جو ٻڌي سڀني کي ارمان بہ ٿيو پر پوءِ وري ڪاميابيءَ جي ڪري خوش بہ ٿيون. ممتاز ديون کي گهرائي انهن کي چيو تہ هاڻي اوهان کي موڪل آهي، اوهين پلي پنهنجي وطن وڃو وري جي اوهان جي مون کي گهرج پوندي تہ پاڻيهي گهرائيندس، سي موڪلائي روانا ٿيا.

# ممتاز جو چوٿين سوال پوري ڪرڻ لاءِ وڃڻ جنهن ۾ خورشيد وارو رنگ محل آڏي ڏيٺو هو

ممتاز شهزادو اتي ڪيترو وقت رهي، آرام ڪري، پنهنجي هر هڪ محبوبا کي پنهنجي منهن خوش ڪري، دلاسا ڏيئي، هڪ ٻئي جي پارت ڪري وڃڻ لاءِ روانو ٿيڻ جي تياري ڪئي ته ڏنائين مهاسندر پري زار زار پٽي روئي ۽ شهزادي کي چيائين، جي خفي نه ٿيو ته هڪ عرض ڪريان.

ممتاز چيس: منهنجي پياري! تنهنجي ڳالهه کان آئون خفي ٿيان، اها اڄ ڏاڍي عجب جهڙي ڳالهه چئي اٿيئي. توکي بلاشڪ جيڪي چوڻو هجي سو چئُه. آئون تنهنجي هر حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ دل جان سان حاضر آهيان ۽ هرگز ناڪار نه ڪندس. متان ڪي اهئين سمجهين ته منهنجا هيترا معشوق آهن، هاڻي آئون پنهنجي دل ڪنهن خاص هنڌ تي نذر رکندس، هر گز نه. پر منهنجي دل جا اوهين سڀئي هڪجهڙا مالڪ آهيو ۽ هڪ تر جيترو به فرق واڌاري جو ڪونه سمجهندا.

پريءَ چيس ته مون کي به پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏٺي ڪي ورهه ٿي ويا آهن، هاڻي اوهين خورشيد طلعت جي رنگ محل لاءِ وڃو ٿا، ته مون کي به موڪل ڏيو ته انهن کي وڃي ڏسان. اوهين به سوپارا تي ايندا ته آئون به اچي حاضر ٿيندس.

شهزادي چيس: بيشڪ تنهنجو سوال واجبي آهي. مون کي ڪپندو هو ته ازخود توکي موڪل ڏيان ها. توکي عام طرح موڪل آهي، جڏهين به تنهنجي مرضي پوي، تڏهين وڃي سگهين ٿي، پر پريءَ کي انهيءَ جواب تي خوشي ڪانه ٿي.

وري چيائينس: شهزادا! اوهان کي خبر آهي ته خورشيد طلعت ڪير آهي؟ ۽ ڪنهنجي ڌيءَ آهي ۽ جنن جاءِ تي ڪوه ڪاف ۾ رهي ٿي، اُتي اڪيلو وڃڻ چڱو نه آهي، پر جيڪڏهين اوهان کي هرويرو وڃڻو آهي ته منهنجي صلاح آهي ته اتي توهين هن ريت وڃو جو هي منهنجو لشڪر ديو ۽ پريون ساڻ وٺي وڃو انهن کي هدايت ڏجو ته ديون جي ملڪ وڃڻ وقت پنهنجي شڪل ديون جهڙي رکن ۽ انسانن جي آباديءَ ۾ وري انسانن جي روپ ۾ رهن ۽ اوهين پاڻ به ڪنهن سوداگر جي وضع ۾ پاڻ کي هر وقت رکجو انهيءَ ڪري جو سوداگر سمجهي اوهان جي ڪو وار جو نالو به ڪونه ونندو اٿلندو توهان سان وڏيڪ همدردي ڏيکاريندا.

شهزادي چيس: اها صلاح تنهنجي مون کي بلڪل وڻي. بيشڪ آئون انهيءَ تي عمل ڪرڻ ڪري ڪامياب ٿيندس. تنهن تي مهاسندر کي خوشي ٿي، چيائين ته هاڻي آئون پنهنجي وطن ڪانه ٿي وڃان.

شهزادي چيس: عجب آهي تو مون کان پهريائين موڪل گهري، مون خوشيءَ سان توکي موڪل ڏني، پر تون ان تي خوش ڪانہ ٿئينءَ. وري تو مون کي صلاح ڏني جا مون خوشيءَ سان قبول ڪئي، جنهن تي توکي بہ خوشي ٿي ۽ وطن وڃڻ بہ بند ڪري ڇڏيئي. انهيءَ جو جيستائين مون کي سچو سبب ڪولي نہ ٻڌائيندينءَ تہ منهنجي دل ۾ فڪر رهجي ويندو ۽ ڪم تي وڃڻ ۾ منهنجي دل نہ لڳندي. تڏهن پريءَ چيس: منهنجا مٺا! تنهنجي وڃڻ ڪري ڪڏهين ڪڏهين گل غيبي سڪڻ تي ايندو آهي تہ مون سان ڪاري قيامت ٿي ويندي آهي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جو الائجي ڪهڙو حال هوندو. تنهن ڪري مون موڪل جا ورتي سا رڳو بهانو هو. پر منهنجي مرضي هئي تہ آئون بہ ويس بدلائي ڪنهن نموني توهان سان گڏ هلان ۽ ڪٿي ڪا مشڪلات پوي تہ اوهان جي مدد ڪريان.

پر جڏهين اوهان منهنجي صلاح قبول ڪري، منهنجو لشڪر پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ قبول ڪيو ۽ سوداگر جي ويس ۾ رهڻ لاءِ منهنجو چوڻ مڃيو تہ هاڻي مون کي خاطري آهي تہ گهڻو ڪري اوهان کي خطرو درپيش ڪونہ ايندو هاڻي خدا جي آسري پلي وڃو. شاهزادو اها ڳالھ ٻڌي خوش ٿيو ۽ سيني کان پاڪر پائي موڪلائي، وڏي اٽالي سان روانو ٿيو. سوداگر جو سامان بہ پاڻ سان ڪٽايائين، جو نالي خاطر وڪڻندو هر هڪ شهر ۾ ڏسندو وائسندو پنهنجي مطلب جي پڇا ڪندو اڳتي هلندو رهيو ٿي. جتي جتي ماڻهو هن کي ڏسندا هئا تہ سڀ ڪو دل مان جدا جدا رايو پيو ظاهر ڪندو هو. ڪو چوندو هو تہ ههڙو رنگ اسان ڪٿي ڪونہ ڏٺو جو هي سوداگر ماڻهو هيڏي اٽالي سان هلي ٿو ۽ سوداگري بہ ڪا اهڙي زبردست ڪانهي، سو هي ڪمائيندو ڇا هوندو الاجي هن ۾ ڪهڙو راز آهي. مطلب تہ درياهن جا منهن بند ٿي وڃن، پر انسانن جا وات بند ٿيڻ جا نہ آهن.

شهزادو اهي ڳالهيون بہ سيني جون ٻڌي دل ۾ پيو ڪلندو هو. آخر منزلون ڪندي، هلندي هلندي انسانن جي آبادڪاري جي حد ڇڏي، اچي الفور شاه بادشاه جي ملڪ جي حد ۾ پهتو. لشڪر کي حڪم ڏنائين تہ هاڻي سڀ ڪو ديون جي شڪل ۾ رهي، جن سندس حڪم مڃي، سڀ ڪنهن پاڻ کي ديوَ جي شڪل ۾ آندو ۽ سوداگر پنهنجي نالو تاجر شاه مشهور ڪيو. الفور بادشاه جي ملڪ ۾ اچڻ ڪانپوءِ شهر جي ٻاهران منزل ڪرائي ۽ تنبو کوڙايا ويا. جڏهين آرام سان ويٺو تڏهين وٽس هيرا جواهر ۽ عمدا موتي، جيڪي راجا اندر سوکڙي ڪري ڏنا هئس، سي سونين رڪابين ۾ رکائي، انهن جي مٿان سونهري ڇٽيءَ سان ميناڪاري جي نموني ڍاڪوان رکائي، ٻن ڇئن ديون هٿان کڻائي، الفور جي دربار ۾ اچي پهتو. دربان کي اطلاع ڪرڻ جو چيائين، جنهن اچي بادشاه کي چيو تہ هڪڙو وڏو سوداگر شاه تاجر نالي آيو آهي، جو بادشاه سلامت جو سلام ڪرڻ گهري ٿو. بادشاه حڪم ڏنو تہ پلي اندر اچي. ممتاز اندر اچي بادشاه کي ادب سان سلام ڪيو ڇو تہ بادشاهي ٻار هو سو بادشاهن جي ادب جي رستي جي بجا آڻڻ جو پورو واقف هو. بادشاه هن جي سونهن ۽ ادب، لحاظ ۽ لياقت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو تہ هڪڙو آدم زاد ٿي ڪري ايڏي ڪنهن اندروني ۽ روحاني طاقت جو مالڪ آهي، جو ديوَ پريون سڀ ان جي حڪم ۾ فرمانبردار ۽ تابعدار

جڻ غلام آهن. شايد ڪو جادوگر آهي يا اسم اعظم جو عامل آهي ۽ وري اهو بہ گمان ٿيس تہ متان ڪو جاسوس هجي ۽ پس پيش ان مان ڪو نقصان پهچي. تنهن ڪري دل ۾ خيال آيس تہ هن ڪان مال متاع کسي هن کي قيد ۾ بند رکجي تہ سمورو لڙ ئي لهي ويندو.

اها صلاح مصلحت بادشاهہ ۽ وزير جي وچ ۾ پئي هلي تہ ممتاز جي نوڪرن مان هڪڙي ڊوڙي وڃي پنهنجي ٻين سنگتين کي خبر ٻڌائي تہ هن بادشاهہ جي نيت خراب آهي. الاجي متان ڪو پنهنجي رئيس سان خراب رستو وٺي. تنهنڪري چڱو آهي تہ اوهين سڀ هٿيارن سان خبردار رهجو ۽ جيڪڏهين اوهان کي اشارو ڪجي تہ يڪدم لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي اچجو تنهنڪري سمورا ماڻهو تيار ٿي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳا.

هيڏانهن الفور بادشاهہ پنهنجي وزير سان سس پس ڪندو رهيو. وري خيال ۾ آيس، تہ هي هيرا جواهر راجا اندر جي دربار کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌان نہ ملي سگهندا آهن. هي انسان جي ٻچڙو ٿي ڪري راجا اندر وٽ ڪيئن پهتو.

آخر وڏي وزير کي چيائين تہ تون اٽڪل ڪري، ان جي نوڪرن منجهان ڪنهن جو اندر ڪڍ تہ هو اصل ڪير آهي ۽ هن جي سچي سربستي جاڻ ڪهڙي آهي ۽ هيڏو زور ان کي ڪٿان حاصل ٿيو آهي.

وزير اندر جو حال ڳولڻ لاءِ شهزدي جي نوڪرن تي گهڻيون اٽڪلون هلايون، پر نوڪرن ان وزير کي ورندي ڏني تہ اسان جو رئيس سبز پارڪ نالي پرڳڻي جو رهاڪو امير فلڪ پريزاد جو پٽ آهي. جو وڏو نالي وارو سوداگر هو. سندس ماءُ انجم خاتون آدم زاد هئي، تنهن جڏهين هي ٻچو ڄڻيو هو تڏهين ان جي سونهن سوڀيا جي سڄي دنيا ۾ هاڪ هئي ۽ راجا اندر کي بہ خبر پيئي. جو ان جي سونهن تي عاشق ٿي، ان کي پنهنجو گود جو پٽ ڪيائين ۽ ان جي پٽ گندرپ سين هن کي پنهنجو ڌرم جو ڀڳ مٽ پاءُ ڪيو آهي. هي ديوَ پريون سڀ انهن سندس سنڀال لاءِ ڏنا آهن. اسان جي رئيس سان ارنائيس ديو هٿ اٽڪايو پر خواريءَ سان پنهنجو سر وڃايائين.

وزير ان سان ويٺي ڳالهايو پر نظر چوڌاري پئي گهمايائين. ڏنائين تہ برابر سيڪو سپاهي هٿيارين پنوهارين برابر تيار وينو آهي ۽ هن ديو اهو بہ چئي ڏنس، تہ اسين ڏسون ٿا تہ الفور اوهان جي بادشاهہ جي اسان جي سردار ڏي چڱي نظر نہ آهي، سو چڱو نہ ٿيندو. اسان جو امير اوهان جي ملڪ ۾ ڪا حرڪت يا ڇيڙڇاڙ ڪرڻ نہ آيو آهي، فقط گهمڻ لاءِ مهمان ٿي آيو آهي. مهمان کي ايذاءَ ڏيڻ ڪنهن بہ مذهب ۾ جائز نہ آهي، پر جي تنهن هوندي بہ اوهان ڪا زيادتي ڪئي تہ اسان جا ماڻهو چوگرد مدد لاءِ رسي ويندا ۽ پوءِ اجائي خونريزي ٿيندي. ان جي لاءِ اوهان جو بادشاهہ جوابدار ٿيندو.

وزير اتان موٽي اچي بادشاهہ کي اها سموري ڳالهہ ٻڌائي، تڏهين الفور شاهہ چيو تہ مون اڳيئي سمجهيو ٿي تہ هي آدم زاد ظاهر ۾ ڪو سوداگر آهي، پر حقيقت ۾ ڪا ڳري وٿ آهي، تنهنڪري اسان کي بہ سنڀالي قدم کڻڻ گهرجي، متان سياٽي لهڻي جي بدران ڪي ڏيڻو پوي.

اجان اهي صلاحون حال احوال ويٺي پاڻ ۾ ڪيائون تہ ايتري ۾ دربان آيو تہ سائين ڪيوان شاه بادشاه وٽان هڪ قاصد آيو آهي، جو خط کڻي آيو آهي ۽ اندر اچي روبرو ڏيڻ گهري ٿو.

پڙهندڙن جي واقفيت لاءِ ڪيوان شاه جو مختصر احوال هتي ڏيڻ ضروري آهي.

ڪيوان شاه ان وقت هڪ وڏو هاڪارو بادشاه هو جو جنهن جي ڌيءَ خورشيد طلعت نالي هڪ حسين پري هئي ۽ هميشہ جادوءَ جي محلات ۾ هوندي هئي، جنهن کي طلسمي محل ڪري ڪوٺيندا هئا. چار پهلو نالي هڪڙو ديو ان تي عاشق ٿي پيو هو جنهن ڪيوان شاه کان ڌيءَ جو سڱ گهريو پر هن انڪار ڪيو. تنهنڪري هميشہ ان جي ڪيوان شاه سان لڙائي هلندي ايندي هئي، مگر سڀ ڪنهن ڀيري هارائي ڀڄي ويندو هو. هڪ دفعي هو تياري ڪري وڏو لشڪر وٺي، ڪيوان شاه تي چڙهي آيو هو ۽ اهڙو ان کي تنگ ڪيائين، جو لاچار ڪيوان شاه لشڪر سميت قلعي ۾ ويهي قلعي جا دروازا بند ڪرائي ڇڏيا ۽ چار پهلو ديوَ جو لشڪر ٻاهر گهيرو ڪري ويهي رهيو هاڻي ڪيوان شاه قلعي ۾ ويهي ويهي آخر ڪاڏو ڪٿي پوڻ ڪري پاڻ ۽ سندس ماڻهو بک مرڻ لڳا، تڏهين ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي هڪڙو قاصد ڳجهيءَ طرح الفور شاه ڪي موڪليائين. جنهن جو بيان اسان مٿي ڪيو آهي تہ دربان اچي ٻڌايو:

خط ۾ لکيل هو تہ تون منهنجو دوست آهين. آئون قلعي جي اندر آهيان، منهنجو سامان کٽي ويو آهي، تنهن ڪري هن وقت سيڌي سامان پهچائڻ جي مون کي مدد ڪر، جو تون منهنجو جهونو دوست آهين. توکي مدد ڪرڻ جو خاص ڪري ههڙي مشڪل جي وقت ۾ تنهنجو فرض ۽ دوست جي سچائيءَ جي ثابتي آهي. آئون اهو تنهنجو احسان دل تي رکندس. اهڙيءَ طرح تمام گهڻي آزيءَ نيزاريءَ سان ان کي مدد واسطي لکيو هئائين.

اجا الفور شاه اهو خط پڙهي ويچار پئي ڪيو تہ وري دربان اچي ٻڌايو تہ ٻيو قاصد چار پهلو ديوَ جو خط کڻي آيو آهي. ان کي بہ اندر سڏائي خط وٺي پڙهيائين. خط ۾ چار پهلو ديو لکيو هوس تہ اوهان کي خبر آهي تہ آئون خورشيد طلعت شهزاديءَ جو عاشق آهيان، مون کي اها طلسمي محلات ۾ رهڻ ڪري هٿ اچي نہ سگهي، تنهنڪري مون انجي پيءُ ڪيوان شاه سان جنگ شروع ڪئي ۽ هميشہ پئي هارايو اٿم. هينئر مون ان کي سوگهو جهليو آهي. هو اندر قلعي ۾ ويٺو آهي، مون ٻڌو آهي تہ اوهين دوستيءَ جي ناتي ۽ لحاظ سان منهنجي مدد ڪندا، پر جي منهنجي مدد نہ ڪري سگهو تہ ڪيوان شاه جي مدد بہ نہ ڪندا ۽ پري ويهي رنگ ڏسندا. هن کي سيڌو سامان نہ موڪليندا، نڪا ڪنهن ٻئي قسم جي مدد ڏيندا. جيڪڏهين اوهان منهنجي دوستيءَ جو ناتو وساري، ان ڪم ۾ دست اندازي ڪئي تہ ڇڻ اوهان ٿي منهنجو ڪم ڦٽائڻ گهرو ٿا، پوءِ ان جو نتيجو خراب نڪرندو. وڌيڪ اوهين وس وارا آهيو.

الفور شاه ٻئي خط پڙهي گهڻي ويچار ۾ پئجي ويو. وزير کي چيائين تہ تون بہ منهنجو وزير آهين. ٻڌاءِ تہ هن حالت ۾ ڇا ڪجي. وزير پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ کٽي ڳالهہ وچ ۾

اچلائي. چي، سائين اوهين لشڪر وٺي اتي هليو وڃ تي ويهي تماشو ڏسو. پوءِ جنهن جو پاسو زور هوندو ان جي مدد ڪنداسون. بادشاه چيو: اها بي عمليءَ جي صلاح پاڻ وٽ رک ته ڀئي ڪنهن وقت لاءِ ڪم اچئي. اتي، سوداگر (شاهزادي ممتاز) اتي عرض ڪيو: جيڪڏهين مون کي حڪم ملي ته آئون ڪيوان شاه جي مدد ڪريان، جنهن جي فائدي ۾ اوهان جي به مرضي آهي، پر چهار پهلو جي خيال کان منجهيل آهيو. آئون سوداگر ماڻهو آهيان، منهنجو ڪم سوداگريءَ جو آهي، جتان مون کي وڏيڪ پئسا ملندا، ان کي سامان ڏيڻ منهنجو ڪم آهي، انهيءَ ۾ اوهان جو مطلب به پورو ٿيندو ۽ ڪنهن جو اوهان تي ڏوراپو يا ميار به ڪانه رهندي. اوهين چئي سگهو ٿا ته اهڙي حالت ۾ اوهان جو ٻنهي پاسن سان رس رهي ايندو. بادشاه اها صلاح ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم ممتاز کي سروپا پهرائي ان کي خوشيءَ سان موڪل ڏنائين ته هاڻي تون پلي ڪيوان شاه جي ملڪ ۾ وڃ ۽ ان جي مدد ڪر. خواجو سوداگر دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ته مطلب هٿ ڪرڻ جو رستو نڪري پيو آهي، هاڻي اڳتي به خدا تي ننگ آهي، اهو ئي مددگار ٿيندو.

پوءِ پنهنجي لشڪر ۾ وڃي ڪيترو خزانو خرچ ڪري، ڪاڏي پيتي جو ۽ ٻيو سامان خريد ڪري قافلو تيار ڪري، ڪيوان شاه جي ملڪ ڏي هليو جو هلندي هلندي آخر اچي ان جي حد ۾ هڪڙي هنڌ لهي پيو ۽ ارادو ڪيائين ته ڪيوان شاه کي قاصد جي هٿان سموري احوال جي خبر ڏجي. هوڏانهن ڪيوان شاه جي هيءَ حالت هئي، جو سندس لشڪر ۽ ماڻهو جي قلعي اندر بڪ پئي مئا، تن جو حال تمام خراب ٿي ويو هو وري الفور شاه به خط جو جيڪو جواب لکيو هو سو ڪو اهڙو نه هو جنهن مان ڪو ڪڙتيل نڪري، اٿلندو انهيءَ مان نااميدي وڌيڪ ٿي، جو اُن جواب ۾ لکيو هو ته آئون ان ڳالهه لاءِ ويچار پيو ڪريان ته آخر ڇا ڪريان. اهو جواب پڙهي ڪيوان شاه وزير کي چيو: الفور شاه کان مدد ملڻ جو آسرو نه رکجي، جو هن رڳو ٺلهو دلاسو ڏنو آهي، 'جيسين ڏائو ڪنهي پيٽ، تيسين ٻڪئي جو وڃي ساه'. هو جيسين ويچار ڪندو تيسين هتي اسان جا ڪهڙا حال ٿي ويا آهن، تنهن جو هن کي ڪهڙو غم.

انهيءَ فڪر ۾ هئا ته مٿان ممتاز جو خط اچي پهتو جنهن لکيو هو ته آئون الفور شاه جي دربار ۾ هوس، اتان مون کي خبر پيئي ته چار پهلو ديو اوهان کي تمام تنگ ڪيو آهي، تنهن ڪري آئون ڪوشش ڪري سيڏو سامان ايترو ڪٺي آيو آهيان، جو ڪيترا ورهه پيو هلندو، تنهن کان سواءِ مون کي چار پهلو ديو جي به پرواه نه آهي. آئون ان پليت کي ماري ان جي سسي اوهان جي اڳيان آڻي رکندس، اوهين ڪو به فڪر نه ڪريو. اهو خط پڙهي ڪيوان شاه کي جڻ مئل جان ۾ ساه پيو ۽ دلاسي لاءِ ماڻهن ۾ پڙهو گهمايائين ته هڪڙو سوداگر اسان جي لاءِ سيڏو ڪٺي اچي پهتو آهي، اڄ ٿو اچ سياڻ پهچي، اوهين هاڻي دل نه لوڙهيو. هاڻي خدا اسان سان مدد ڪئي آهي. وزير کي موڪليائين ته وڃي انهيءَ سوداگر کي ڦلاڻي منزل تان سامان سميت عزت ۽ حفاظت سان وٺي اچو.

هوڏانهن چار پهلو ديو کي پهريائين خبر پيئي تہ الفور شاه جيڪو خط موڪليو آهي، تنهن ۾ هن رڳو دلاسو ڏيئي جند ڇڏائي آهي، پر مدد ڪانہ ڏيندو تڏهين اهو دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو. سمجهيائين تہ هاڻي اجهو ٿو ڪيوان شاه بڪ مرڻ ڪري منهنجي پيش پئي ۽ مون کي خورشيد طلعت جو سڱ ڏئي، انهيءَ خوشيءَ ۾ ڏاڍا هوائي قلعا ناهڻ ۽ وڏيون وڏيون اسڪيمون بنائڻ لڳو تہ ايتري ۾ جاسوسن اچي ٻڌايس تہ هڪڙو وڏو سوداگر ڪيوان شاه جي مدد لاءِ ڪيترن ورهن جو سيڏو سامان ۽ لشڪر وٺي مدد لاءِ آيو آهي، جو فلاڻي هنڌ اچي لٿو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي اندر ۾ ماتم ڪرڻ لڳو تہ هي ڪهڙي وري نئين مصيبت پيدا ٿي ۽ اڌ مئو ٿي وڃي هنڌ تي ڪري پيو.

آخر ڳڻتيون پچائيندي هڪڙي وڏي لشڪر جي مهندار کي هڪ هزار سپاهي ڏيئي موڪليائين تہ اول وڃي انهيءَ سوداگر کي منٿ ميڙ سان ماٺ ڪراءِ ۽ ان کي ٻڌاءِ تہ آئون خورشيد طلعت شهزاديءَ جو عاشق آهيان. مون ان جي ڪري ئي ڪيوان شاه کي تڪليف ڏني آهي، سو منهنجو ڪم اچي پورو ٿيڻ تي بيٺو آهي، هو جلد ئي مون کي سڱ ڏيندو. تون مهرباني ڪري وچ ۾ پئي ڪم نہ ڦٽاءِ. اسين توکي جيڪو خزانو گهرين سو سامان جي عيوض ڏيون. اهڙيءَ طرح ان کي ڪنهن بہ طرح دوست بنائي، ڪيس هتي مون وٽ وٺي اچ. پر جي ڪنهن بہ طرح نہ مڃي تہ لاچار ان کي لشڪر جي مدد سان سيڪت ڏيئي، ٻڌي مون وٽ وٺي اچ. ڇاڪاڻ تہ هو سوداگر ماٺهو آهي، هن کي ڪهڙي طاقت آهي، جو ديون جي بادشاه سان مقابلو ڪري، پوءِ اهو سردار حڪم موجب لشڪر وٺي خواجي جي منزل تي اچي پهتو.

ممتاز ان کي مناسب عزت ڏيئي پاڻ وٽ وهاريو ۽ هن کان حال احوال پڇيو. هو تہ خاص چار پهلو ديو جي سيکارڻ موجب ان جو چڱ وڪيل ٿي آيو هو سو شهزادي کي ڏاڍيون هيٺاهيون مٺاهون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو ۽ ان کي ڪي نرميءَ سان ۽ ڪي گرميءَ سان چوڻ لڳو: اوهين سوداگر ماڻهو آهيو اوهان جو ڪم آهي نفعي سان، سو جيڪو اوهين پنهنجي منهن سان چئو سو آئون اوهان کي وٺائي ڏيان، پر هن ڳالهہ کان ڦري پاسو ڪريو ۽ مون سان گڏجي چار پهلو وٽ هلو تہ هو ڏاڍو لائق آهي. اوهان جو مان سچاڻي اوهان کان خوش ٿيندو جي منهنجو چوڻ نہ مڃيندا تہ پوءِ مفت تڪليف ۾ پوندا. ديون جي طاقت ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ آهي.

شهزادي ڪاوڙجي چيس: اڙي ايڏي بڪ ڇو ٿو ڪرين، تڏي هلي آيو آهين، آئون توکي ڪجهہ بہ نٿو چوان، نہ تہ جيڪر پاڻهي توکي خبر پوي. آئون ڪو سوداگر ڪونہ آهيان ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. تون ڪير آهين جو مون کي خوفناڪ ڳالهيون ٻڌائي ڍيچارين ٿو. مون اوهان جي ارنائيس ديوَ کي بہ هڪ پل ۾ اڏائي ڇڏيو. تنهن تي وڪيل ڪاوڙجي اٿيو چيائين، سڀاڻي جنگ لاءِ تيار رهجو. ائين چئي هليو ويو.

صبوح جو پنهي ڌرين جا لشڪر ميدان ۾ هئا. شهزادي جو لشڪر بہ سمورا ديو هئا. هڪ پل ۾ ممتاز ۽ سندس لشڪر چار پهلوءَ جي لشڪر جو ڪنڌو خلاص ڪري ڇڏيو ۽ لشڪر جو مهندار پڇ پائي اُٿي ڀڳو ۽ وڃي پنهنجي امير چار پهلوءَ کي حقيقت ڏنائين. جو اها ڳالهہ ٻڌي منهن مٿو پٽڻ لڳو.

شهزادي بہ ان کي پچائي پنهنجي لشڪر جا ٻہ حصا ڪري هڪڙي حصي سان سامان ۽ سيڏو انهن جي حفاظت ۾ ڏيئي ڇپائين تہ اوهين تڪڙا تڪرا وڏي ڪيوان شاه جي وٽ پهچي وڃو.
باقي اڌ پاڻ سان وٺي ان لشڪر جي پنيان دشمن جي باقي سپاهين سان وڙهندا. انهن کي ماريندو اچي ڪيوان شاه جي ملڪ ۾ پهتو جنهن خبر ٻڌي پنهنجو لشڪر ۽ امير وزير ان جي استقبال لاءِ موڪليا. جي اچي مان شان سان وٺي گادي واري هنڌ تي ان کي وٺي ويا. واٽ ۾ حشام ماڻهن جا چوگرد سندس ڏسڻ لاءِ مڙي آيا ۽ پڪارون پئي ڪيائون تہ سائين! جلد حڪم ڪريو تہ اسان کي ان ملي، جو اسان جا ٻار ٻچا بکن ۾ پيا مرن.
پوءِ ممتاز اچي دربا رم پهتو. اول بادشاهي سلام ادب سان ڪري، قيمتي هيرا جواهر نذراني طور رکيائين. پوءِ پنهنجو حال بيان ڪيائين تہ آئون الفور بادشاه وٽ تڪيو پيو هوس، اتي اوهان جي تڪليفن جي خبر ٻڌيم. آخر دل رهي نہ سگهي ۽ پڪو انجام دل ۾ ڪيم تہ جيسين انهيءَ شيطان کي نہ ماريندس، تيسين سکيو تي ڪين سمهندس. باقي هڪڙو عرض ڪرڻو اٿم. سو جي پنهنجي وزير کي حڪم ڏيو تہ اڪيلائي ۾ ان کي ٻڌايان. ڇو تہ بادشاه جو ادب مون تي فرض آهي. مون کي ڇا مجال آهي، جو آئون بي حجاب ڪابہ ڳالهہ آمهون سامهون چئي سگهان.
بادشاه وزير کي حڪم ڏنو. هڪڙي خلاصي جاءِ جا شهزادي جي لاءِ رهڻ واسطي مقرر ڪئي هئائون. تنهن ۾ هئي جٽا اڪيلا وڃي ويٺا. تڏهين ممتاز اول تہ وزير کي هڪڙي صندوق هيرن جواهرن جي اڳيان رکي تہ هي خاص اوهان لاءِ تحفو آهي. توهين منهنجي پيءُ جي بجاءِ آهيو منهنجو عرض دل سان ٻڌو ۽ ان موجب بادشاه کي بہ منهنجي پاران سمجهايو.
وزير هيرا جواهر ڏسي حيران بہ ٿيو ۽ خوش بہ ٿيو جو ايترو مال هن ڪڏهين خواب ۾ بہ ڪونہ ڏٺو هو سو ممتاز کي چيائين تہ اوهان کي جيڪي بہ چوڻو هجي سو بلاشڪ دل کولي چئو مون کان جيڪي ٿي سگهندو تنهن ۾ توهان سان پوري طرح سچو ۽ وفادار رهندس.
ممتاز چيس تہ آئون ڪو سوداگر ڪونہ آهيان، پر آئون پاڻ ستن ولائتن جو بادشاه آهيان. پوءِ سچي ڳالهہ اول کان وٺي آخر تائين ڪري ٻڌايائينس تہ ڪيئن هو ملڪ بينظير تي عاشق ٿيو ۽ ان جي چوڻ پٺيان ملڪ مهاسندر پري، راج راڻي، جهان بانو انهن کي هن هٿ ڪيو ۽ ساڻن شادي ڪيائين، پر ملڪ بينظير سان اجا شاديءَ ۾ اٽڪ آهي، جو ان گهر ڪئي آهي تہ شهزادي خورشيد طلعت جو رنگ محل ان کي موجود ڪري ڏيان. هاڻي مون هي تڪليف سموري شهزادي خورشيد طلعت ۽ ان جي رنگ محل لاءِ ڪئي آهي. هاڻي جي بادشاه سلامت مون تي مهرباني ڪري خوشيءَ سان مون کي نوازيندو تہ بہ آئون سندس ٻانهون ٿي رهندس، پر جي نہ تہ زور سان بہ وٺندس، پر جي منهنجي ضد ۾ چار پهلو ديو کي اهڙي آچ ڪندو تہ آئون ايتري طاقت رکان ٿو جو ان کان بہ زور سان وٺي ويندس.
وزير سچو احوال ٻڌي چيو: شهزادا! مون اوهان جو چوڻ چڱيءَ طرح سمجهيو آهي، بادشاه کي

سمجهائڻ منهنجو ڪم آهي. اڳتي اوهان جي قسمت ڪتي. پوءِ موڪلائي ڪيوان شاه وٽ آيو ۽ ان کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين تہ هي سوداگر نہ آهي، پر ممتاز ستن ولائتن جو بادشاه آهي ۽ سندس مقصد هي آهي.

اهو مقصد اول کان آخر تائين ڪري ٻڌايائينس، جو ٻڌي بادشاه ڪلي چيو: هيءَ وري نئين آفت پيدا ٿي. وزير کي چيائين: جيڪڏهين ماه طلعت جي سڱ ڏيڻ جي منهنجي مرضي هجي ها تہ چار پهلو سان ڇو ڏيڻ کان انڪار ڪريان ها، پر هو غير قوم جو هو ۽ اسان جو غير قوم سان گڏجڻ جو دستور نہ آهي. اهڙيءَ طرح هي بادشاه بہ تہ اسان جو ڪو پنهنجو ڪونهي، تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ جي لاءِ لاچار انڪار ڪرڻو پوندو پوءِ جيڪي ٿئي سو پلي ٽيڻ ڏينس.

وزير چيو: بادشاه سلامت جي حياتي جو خير هجي! اسان کي بادشاه جي عزت ۽ ناموس جو خيال سڀ کان وڌيڪ فرض آهي ۽ فرض ٿي رهندو پر جيڪڏهين ٿورو ٿڌي سيني سان ويچار ٿو ڪجي تہ انصاف جي نظر تي ٿي شهزادو سيني لياقتن ۾ چار پهلو کان تمام زياده آهي. هڪڙو تہ هو پاڻ بادشاه جو پٽ آهي ۽ ان جو پيءُ گهڻي ملڪ جي ياڳي جو بادشاه آهي، سهڻو ۽ حسين آهي، بهادر ۽ جرئت وارو آهي، اهڙو تہ آهي جنهن کي راجا اندر جهڙي مهاراجا بہ پنهنجو ڌرم جو پٽ بنايو ۽ انهيءَ جي پٽ هن کي پڳ مٽ ڀاءُ ڪيو آهي. عجب جهڙي هيءَ ڳالهہ آهي تہ ملڪ مهاسندر پري شاهپال بادشاه جي ڌيءَ جي هن سان شادي ٿي، نہ تہ ڪٿي انسان زادو ۽ ڪٿي پري زاد! انهن جو ملڻ ڪيترو ڏکيو آهي سو تہ اوهين بہ خيال ۾ آڻي سگهو ٿا.

مون کي معاف ڪيو وڃي، سچ جي عرض ڪرڻ تان غصو نہ ڪجو اسان جي سائڻ شهزادي ملڪ خورشيد طلعت ۽ مهاسندر پريءَ جي حسن ۽ شان ۾ ڪو ايترو تفاوت ڪونهي، جهڙو اوهين خيال ڪريو ٿا. ڀلا جي اوهين هن کي انڪار ڪندا تہ اول تہ هينئر هو پنهنجو سيڌو سامان جو ڪٽي خاص اسان جي لاءِ آيو آهي ۽ مفت ماٺهن ۾ وراهي ڏيڻ ٿو گهري، پوءِ تہ اهو بہ ڪين ڏيندو ۽ اسين ان کان زوريءَ ڪسي نٿا سگهون، جو ان سان ديون جو وڏو لشڪر آهي ۽ وڌيڪ هو راجا اندر جي پٽ گندرپ سين کان گهرائي سگهي ٿو پر جي انڪار نہ ڪبو تہ سڄي رعيت بڪ مرڻ کان ڇٽي پوندي ۽ هو وري انجام ٿو ڪري اول چار پهلو ديو کي مارينداس، پوءِ مون تي مهرباني ڪجو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ جنهن ارنائيس ديو جهڙي موذيءَ کي اک ڇنڀ ۾ ساڙي فنا ڪري ڇڏيو تنهن جي اڳيان چار پهلو ڪهڙي شيءِ آهي. جڏهين هو هيترو پنڌ ڪندي، ولايتون ڪهي هتي آيو آهي ۽ اسان کي منٿ ٿو ڪري ۽ هميشہ لاءِ اسان جو تابعدار ٿي رهڻ پسند ڪري ٿو تڏهين پنهنجي هٿن سان ۽ خوشيءَ سان جي اهو ڪم ڪيو تہ ان ۾ سڄي دنيا ۾ عزت ۽ ناموس ٿيندي، باقي ويڙه ۽ جنگ ۾ الائجي ڳالهہ ڪٿي وڃي بيهي ۽ مفت دنيا ۾ نالو گهٽجي وڃي تہ هڪڙو آدم زاد ڪيئن پرستان جي هيڏي ساري بادشاه کي ماري، ان کان سڱ وٺي ويو تہ ان ۾ ناموس نہ آهي. منهنجو ڪو مائٽ ڪونهي، آئون رڳو بادشاه سلامت جي عزت وقار قائم سلامت رهڻ لاءِ هي بيان ڪري رهيو آهيان، جو آخر بار وري بہ وزير جي ئي ڪنڌ تي آهي.

تنهنڪري منهنجو مطلب آهي تہ هن کي نااميد نہ ڪجي، جنهن ۾ في الحال اسان جا ڪيترا فائدا آهن، جن مان وڏو فائدو آهي خلق خدا جي ڪي ڏڪار جي وگهي بک ۾ مرڻ کان بچائڻ. تنهن ڪانسواءِ چار پهلو سان جنگ ڪندو جي پاڻ مرندو تہ اسان جي جند ڇٽي پوندي، پر جي جيئرو رهيو تہ اهڙي پهلوان جو ساٿ ڏيڻ گهڻو بهتر آهي. جي هنن ڳالهين کي بيپرواهي مان ٽاري ان باري ۾ ناڪار ڪئي تہ پوءِ پڇتائڻو پوندو، تنهن ڪري غلام جي صلاح آهي تہ ان سان هائوڪار ڪجي، پوءِ آئنده ڏٺو ويندو. ٻيا جيڪي امير انهيءَ صلاح مصلحت ۾ شامل هئا، تن بادشاه کي چيو تہ سائين اها ڳالهہ بلڪل پوري آهي، بادشاه بہ دل ۾ ويچار ڪيو تہ بيشڪ حالتون اهڙيون نازڪ آهن، جن ۾ هن وقت انڪار ڪرڻ عقل جي نشاني نہ ليکبي. تڏهين سڀني اميرن وزيرن ڏانهن نهاري چيائين تہ جيڪڏهن اوهين انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪا آئنده جي بهتري ڄاڻو ٿا تہ مون کي انڪار نہ آهي ۽ ڀلي اوهين شاهزادي کي اسان جي خيالن کان واقف ڪريو پر وزير چيس: سائين اسان جي رڳو ڳالهين تي هو ڪيئن اعتبار ڪندو پر دستور موجب هن کي شهزادي جي يا اوهان جي مندي چيچ ۾ وجهڻ لاءِ موڪليندو، تڏهين پڪ ٿيندي تہ بادشاه سلامت دل جان سان هن کي چاهي ٿو. وزير اها مندي ڪٽي آٽي ممتاز کي ڏني، جو اهڙو تہ خوش ٿيو جو ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپيو. پوءِ يڪدم ارنائيس ديو جي تخت تي ويٺل ديو کي خط لکيائين تہ، آئون ڪيوان شاه جي ملڪ ۾ گهمڻ آيو آهيان. تون پنهنجو سڄو لشڪر وٺي هتي ڪيوان شاه جي ملڪ ۾ اچي، مون سان مل، جو حڪم ٻڌي، وڏو ڪنڪ وٺي، اتي اچي نڪاءُ ڪيائين.



شهزادي ممتاز جو جنگ جي هٿيارن سان تيار ٿي ميدان ۾ ديو سان جنگ لاءِ اچڻ

انهيءَ وچ ۾ چار پهلوءَ کي بہ خبر پئي تہ هو انسان سوداگر نہ هو پر هو ممتاز نالي بادشاه آهي، جو خود خورشيد طلعت جي واسطي آيو آهي ۽ منهنجن لشڪر کي ماري هاٿي وري ارنائيس جي لشڪر جا ديو منهنجي وڙهڻ لاءِ گهرايا اٿس، جي بيشمار انداز ۾ پهچي ويا آهن، تڏهين نصيب تي پٽڪو ڪندي چيائين: افسوس جو منهنجي مراد پوري نہ ٿي، ڪيڏي نہ خوشي هيم تہ ڪيوان شاه کي بہ سوڙهو ڪيو هوم ۽ سمجهيم ٿي تہ اڄهو ٿو هاٿي مطلب پورو ٿئي، پر منهنجي نصيب ۾ ڪا چڱائي لکيل نہ آهي. هاٿي جتي پڄڻ ناهي جاءِ، اتي پڄڻ ڪم وريام جو. راتون واه ڪيڏانهن هليو وڃان تہ چڱو. پر وري دل ۾ خيال آيس تہ هئين جو گيدي ٿي پڄي وڃان، تنهن کان بخت کي پڇاڙيءَ سوڌو آزمائڻ بهتر آهي تہ انهيءَ انسان سان جنگ ڪريان جي ڪٽيم تہ بہ چڱو پر جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويس تہ اهو بهتر آهي. جو هن

طرح ڏنا سور ويهي سهان، جيئن منهنجو محبوب اهو انسان ڪٽي وجي، آئون جيئرو سور پيو سهان انهيءَ ڪان مرڻ چڱو آهي.

پوءِ يڪدم ممتاز تي ڪاهي آيو ٻئي لشڪر ميدان ۾ آيا ۽ هڪ ٻئي کي للڪارڻ لڳا. انهيءَ وچ ۾ چار پهلو ٻاهر نڪري آواز ڪري ممتاز کي سڏ ڪيو ۽ چيائين ته لشڪر جي سپاهين جو خون وهائڻ مان ڪهڙو فائدو آهي. جهيڙو خورشيد طلعت کي هٿ ڪرڻ آهي، سو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهي، هاڻي لهي اچ ميدان تي پاڻ ۾ صفائي ڪريون. پوءِ جنهن جو بخت زور هجي، سو پنهنجو مقصد ماڻي.

ممتاز اها ڳالهه ٻڌي جنگي زره پائي هٿياربند تي نڪري ميدان ۾ آيو. ممتاز جي ماڻهن چيو: اي شهزادا ديو سان لڙي تون پنهنجو سر مفت ۾ ٿو وڃائين. ڀلا ڪڏهين آدم زاد به ديون سان لڙي فتح حاصل ڪئي آهي. اسين ديوَ آهيون، هڪ ٻين کي جاڻون ٿا، تون ڀلائي ڪري پري وڃي ٻيهي تماشو ڏس. شهزادي چيو: دوست اوهين پنهنجي طاقت تي ٻانور نه ڪريو خدا وڏو آهي، ان انسان کي اشرف المخلوقات جي لقب سان نوازيو آهي، سو ضرور ان ۾ ڪا حڪمت آهي. توهان کي شابس هجي جو سچائيءَ جو ثبوت ڏنو اٿوَ. خدا تي رکو هاڻي پري کان ٻيهي تماشو ڏسو. لڙائيءَ جو فائدو آهي، جڏهين خود دشمن مون کي للڪاري سچو فيصلو انهيءَ ڳالهه تي رکي ٿو تڏهين ڇو ٻنهي ڌرين جا سپاهي مارجن، اها ڳالهه برابر آهي، هاڻي آئون وڃان ٿو. پوءِ اول لڙائيءَ جا هنر گرز ڀالا ۽ تلوارن جا هڪ ٻئي تي وار ڪيائون، مگر نتيجو ڪوبه نه نڪتو پوءِ ٻکين اچي پيا، شهزادي کي جوڳيءَ واري ڏنل ڪرامت موجب گهڻو زور هو ۽ ديو ان کي چوري نه سگهيو. جڏهين شهزادي جو وارو آيو تڏهين مٿي کڻي ڦيرائي زور سان اهڙي طرح پٽ هنيائينس، جو سيني سمجهيو ته ضرور مري ويو هوندو. شهزادي ڏنو ته اجا مئو ڪونه هو ۽ انهيءَ حالت ۾ ٻڌي کڻي قيد ڪيائينس ۽ ان جو لشڪر وٺي اهڙي طرح ڀڳو جو ڪنهن پٺ ورائي به ڪين نهاري ڏنو ته اسان جي سردار جو ڪهڙو حال ٿيو جيئرو آهي آهي يا مري ويو.

شاهزادو سوڀ پائي لشڪر کي ڀڄائي ديو کي ٻڌي ڪيوان شاه وٽ ڪٽائي آٽي، حاضر ڪيائينس شهر ۾ هنڌ هنڌ ڏاڍيون خوشيون ٿيون. پوءِ ان کي ڏاڍي خواري ۽ سخت عذابن سان مارائي ٽڪر ٽڪر ڪرائي، ٻاه ۾ ساڙيو ويو. پوءِ سيڪو دلجاءِ ڪري آرام ۽ سک سان گذارڻ لڳو.

جڏهين ڪجهه ڏينهن گذريا ممتاز اها منڊي بادشاه واري ڏنل، هڪڙي ڏينهن اشاري سان ان جي سامهون ڪئي، جو اهو اشارو سمجهي ويو. محلات ۾ وڃي حڪم ڏنائين ته خورشيد طلعت جي شاديءَ جي تياري ڪرڻ لاءِ هڪ هفتي جي مدت رکائي شادي جو سانباهو پوري طرح ڪرائي گانن، راڳن، دهلن ۽ دمامن سان مقرر ڪيل رات ممتاز جو نڪاح خورشيد طلعت سان پڙهيو ويو. اها شادي اهڙيءَ ڌوم ڌام سان ٿي هئي جو جن ڏٺي هئي ۽ جيڪي ان ۾ شريڪ هئا، سي جيتوڻيڪ پاڻ هينئر جيئرا ڪونه آهن، پر انهن جا پويان اجا تائين انهيءَ شاديءَ جا خواب پيا ڏسن.



خورشيد طلعت ۽ ممتاز جي نڪاح جون تياريون

آخر گهوٽ ڪي يعني ممتاز کي ڪنوار جي مڪان ۾ آندو ويو پر جنهن برقعو مٿي ڪٽي جڏهين پنهنجو روشن رخ ظاهر ڪيو تڏهين ممتاز ته يڪدم بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو. هوڏانهن خورشيد طلعت ممتاز جي شڪل شبيهه ڏسي، ان تي مفتون ۽ فدا ٿي پيئي ۽ ان بيهوش ٿيل ڪي لڄ ۽ حجاب لاهي يڪدم ياڪر ۾ آٽي ڪٽي هنج ۾ وهاريائين ۽ مٿس پنهنجي هٿن سان گلاب ڇڙڪائي، ان کي چميون ڏنائين. پوءِ شهزادو هوش ۾ آيو ۽ ٻئي عاشق معشوق هيڪلا پاڻ ۾ مليا ۽ سڄي رات محبت ونديائون. صبوح جو شهزادو اٿي حمام مان وهنجي سهنجي، شاهي پوشاڪ ڍڪي دربار ۾ آيو.

اميرن وزيرن ان جو ادب سان سلام ڪيو ۽ پاڻ اچي ڪيوان شاه جي پيرين پيو جنهن ياڪر ۾ جهلي پاڻ سان گڏ تخت تي وهاريس. ان ڏينهن تي شهزادي پنهنجي طرفان خير خيراتون

انعام اڪرام سڄي شهر جي ماڻهن کي سندن درجي ۽ لحاظ موجب ڏنا. حڪومت جي پاران به رعيت کان وڏيون وڏيون ڍلون هلڪيون ٿيون ۽ هلڪيون ڍلون معاف ٿيون ۽ قيدين تان بندش ڍري ٿي. غريبن ۽ مفلسن کي ته ايترو خزانو ڏنو ويو جو ڍائجي پيا. اهڙيءَ طرح به ٽي هفتا گذري ممتاز ڪيوان شاه کي ملڪ بينظير وارو سڄو قصو اول کان آخر تائين ڪري ٻڌايو ته ڪيئن منهنجو نڪرڻ ٿيو آهي. ۽ پوءِ عرض ڪيائين ته هاڻي موڪل ملي ته باقي ان جا سوال به وڃي پورا ڪريان. بادشاه ان جو حال ٻڌي خوشيءَ سان موڪل ڏني پنهنجي نياڻيءَ کي ڪيترو ئي خزانو ۽ لشڪر ڏاج ۾ ڏيئي، سيني کان موڪلايو. شهزادو الله توهار چئي اڳتي روانو ٿيو. منزلون ڪندي هلندا پي آيا. پر ان ملڪ جي هوا ڪا خراب هئي جا شهزادي کي پاءِ نه پيئي ۽ بيمار ٿي پيو. اها حد تاجور نالي بادشاه جي هئي، جنهن جي گادي جو هنڌ به نزديڪ هو تنهنڪري اڳتي هلڻ جو ارادو لاهي ڪجهه وقت لاءِ شهر جي ٻاهران منزل رڪائي ۽ خورشيد طلعت وارو محلات، جو طلسم تي ٺهيل هو سو به اتي هٽايو ويو ۽ ان ۾ رهڻ لڳا.



خورشيد طلعت جو طلسمي محل

آهستي آهستي اها خبر شهر ۾ وجي پيئي ته ڪو امير ماڻهو ڪنهن ٻئي ملڪ جو هتي اچي رهيو آهي جنهن جي رهڻ جو خاص محلات جادوءَ جو نهيل اهڙو ته عجب جهڙو آهي، جنهن جي بناوت جي ڪنهن کي به خبر ئي ڪانه ٿي پوي. اهو سڄو ئي سون جو آهي، پر زمين کان مٿي هوا ۾ بيٺل آهي. اهي عجب جهڙيون ڳالهيون سڄي شهر ۾ هلي ويون ۽ شهر جا ننڍا وڏا اهو محلات ڏسڻ لاءِ آيا تان جو تاجور بادشاهه ۽ ان جي پٽ دهيم شاهه کي به اها خبر پئجي ويئي، ديهيم شاهه پيءُ کي چيو ته منهنجي مرضي آهي ته آئون به اهو محلات وڃي ڏسي اچان. پٽس چيس ته توکي وڃڻ جو ضرور ڪونهي، جو تون بادشاهي ٻار آهين. اسان جي اُنهيءَ ۾ گلا آهي. سڀ ڪو چوندو ته ملڪ جو بادشاهه تي ڪري سهڻين جاين جي ڏسڻ لاءِ پيو سِڪي. شايد پنهنجي محلات سادي ۽ عام جهڙي اٿس، تنهن ڪان سواءِ تون بادشاهه زادو آهين، متان ڪو دنگو يا جهيڙو ٿئي يا منهنجا ماڻهو ڪا اراڏائي ڪن، جنهن تان جهيڙو جهڳڙو ٿئي، پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ هو ته مسافر آهن، انهن جو ئي ڪو ڏوهه هوندو ته به اسين انهن کي ڪجهه ڪين ڪري سگهنداسون، جو هو مهمان آهن، تنهن ڪان ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو اصل وڃجي ئي نه. تنهن ڪانسواءِ تنهنجو اتي ڪو به ڪم ڪونهي.

ديهيم شاهه چيو: بابا آئون ڪو ٻار ڪونه آهيان جو اهڙي ڪا حرڪت ڪري پنهنجي گلا ڪرائيندس. آئون ته ماڳهين شڪار جو بهانو ڪري ٿو وڃان ۽ پري کان ڏسي وري موٽي ايندس. پٽس ڏٺو ته ڇوڪر منهنجي ڳالهه نٿو مڃي، لاچار چيائينس ته وڃين ٿو پر ڏاڍو هلاڪ ٿيندين. نيٺ هو پيءُ کي رنج ڪري، ماڻهو وٺي شڪار جي بهاني سان اول ته جهنگل ڏي ويو پوءِ اتان هلندو هلندو نيٺ محلات وٽ اچي تماشبينن جي وچ ۾ ڏسڻ لڳو. محلات ڏسي عجب ۾ پئجي ويو.

ان وقت ۾ ممتاز ڏاڍو بيمار هو. تنهنڪري خورشيد طلعت کي به ڏاڍي بي آرامي هئي، سا اتان اٿي غمگين حالتن ۾ هئي، محلات جي خاص دري کولائي ڇڏيائينس ۽ سامهون پنهنجي وهڻ واريءَ سونيءَ صندلي تي ٿي ويٺي ۽ سندس خاص ٻانهي کيس مور پنک سان هوا ڏيڻ لڳي. هوڏانهن ديهم شاهه جو محل جي ديدار لاءِ آيو هيو ان واڱڙن وانگر محلات کي وات پٽي پئي ڏٺو تنهن جي نظر جو مٿس پئجي ويئي، سو يڪدم غش تي پٽ تي ڪري پيو.

سندس ماڻهو جي بينا هئا سو اوڏي مهل اتان کڻي پاسي تي وڃي هوش ۾ آندائونس ۽ پڇيائونس ته توکي ڇا ٿيو. چيائين ته مون کي ڪڏهين ڪڏهين مغز ۾ چڪرو ايندو آهي ۽ ائين ٿيندو آهي، هيو مڙوئي خير آهي. پوءِ اتان وري پنهنجي گهر آيو مگر هنڌ تي اچي بيمارن وانگر پئجي رهيو جي اهو معشوق ڪيئن به آئون پنهنجي قبضي ۾ آڻيان. گهڻي ئي اٽڪلون سٽڪلون ڪيائين، پر ڪوبه رستو نظر ڪونه آيس. ڪي ٻن گهرن جا لفنگا هن کي چوڻ لڳا ته سائين پئسو سيڪجهه ڪري سگهي ٿو اوهين ته حاڪم ماڻهو آهيو ناڻي جي اوهان وٽ ڪمي ڪانهي، زر خرچ ڪريو زر بسيار ته عشق نهه ڦهه.



ديهم شاهہ جو پنهنجي ساٿين سان گڏجي لڪ چوريءَ خورشيد طلعت کي ڏسي حيرت ۾ ٿيڻ

مطلب تہ ڪيئن ماٺهو لغز ڏيئي، هن کي ڦري ويا ۽ ڪم جو ڪوبہ رستو پيدا ڪونہ ڪري سگهيو. وري ڪوتوال کي گهرائي، ان کي ڪن سن ۾ چيائين تہ شهر جون ڪي ڏوتيون ۽ مڪريليون عورتون مون کي مخفي هٿ ڪري ڏئي، جيئن خبر ڪنهن کي بہ نہ پوي. جنهن حڪم موجب ڪيتريون اهڙي قسم جون مڪريليون عورتون آنديون. جن بہ چيو: سائين اسان اتي پاڻ وڃي ڏٺو آهي تہ درن تي پهريدار ديو بيٺا آهن. تنهن کان سواءِ ان جاءِ جو نڪو در نڪو دروازو نڪو منهن نڪو مهاڙ آهي، جتي وڃڻ جو ئي رستو ڪونهي اتي اسين ڇا ڪري سگهنديون سون.

آخر هڪڙي پوڙهي، ترڪ تالڻ ڪا چنيءَ جي چوري هئي، جنهن ڪي وڏا سر سچا ڪري چڙيا هئا، سا چوڻ لڳي اڙي بختاور هنن جو ڪم نه آهي، آئون توکي ڏسُ ته ڪيئن تي اهو ڪم ڪري ڏيان. تون منهنجي حڪم ۾ پنج ست نوڪر ڪري ڇڏ، جن کي جيئن آئون چوان تيئن ڪن، پوءِ آئون پاڻهي پنهنجو ڪم پورو ڪنديس.

ديهيم شاه ان جي چوڻ موجب سمورو بندوبست رکي ڏنو ۽ هن گهر وڃي پنهنجي ياءُ سان اها صلاح ڪئي، جو هڪڙو مشهور ڏاڙيل قل ماچي ۽ پرو چانديئي جو به ڪو ڏاڏو هو نڳ ڦورو مطلب سيني قسمن جا عادتي ڏوهاري تن جو هو گرو گهنتال هو تنهن چيس ته اها ڳالهه آسان آهي، سو جتي ممتاز جو تنبو لڳل هو ان ڪان پري پنڌ تي وڃي گيڙوءَ رتا ڪپڙا ڪري، هڪڙي مصنوعي ڊگهي ڏاڙهي دن تائين لٽڪندڙ ٻڌي، نانگن فقيرن وانگر ويڙهي چوٽا سر تي رکي، وڏي تسبيح هٿ ۾ ڪٽي، مچ ٻاري اتي مڪان بنائي ويٺو. پنج ست چيلا ڪٽي بنايائين جي سڄو ڏينهن گروجي گروجي چئي ان جي حاضريءَ ۾ بيٺا هوندا هئا، گل گلڪاريون تي ويون مطلب ته هڪڙو اوتارو بنجي ويو ۽ انهن چاڙتن وچي هل هلايو ته وڏو ڪو ولي الله جو آيو آهي، جنهن جي دعا سان مئا به جيئرا ٿيو پون ۽ بيون به هن جون ڪرامتون ملڪن ۾مشهور تي ويون ۽ ممتاز جا نوڪر چاڪر به ويجهڙائي جي ڪري اتي ايندا هئا، هن ٻڍي مڪريلڻ وري چا ڪيو جو ٻه تي ماڻهو هتراڍو بيمار اڏ مئلن جي شڪل ۾ منجي تي ڪٽائي، فقير ڏانهن ويندي هئي، سي جڏهين خورشيد جي محلات هيٺان اچي لنگهندا هئا ته زور سان روئندا اوچنگارون ڏيندا ويندا هئا، وري ٿوريءَ دير بعد اهي منجيءَ داخل ٿيل کلندا ڪڏندا اتان اچي لنگهندا هئا، اها ٻڍي مناين جا ٿالهه ممتاز جي نوڪرن ۾ ورهائيندي کلندي اُتان گذرندي هئي. خورشيد طلعت اها حقيقت پڇندي هئي ته نوڪر ان کي چوندا هئا ته اها سڀ هن اوهان جي ٻاڙي واري پير جي دعا آهي هي سڀ ماڻهو سخت بيمار هئا، جي ان اتي جو اتي چڱا ڀلا ڪري ڇڏيا. خورشيد طلعت هڪڙي ڏينهن ممتاز کي ٻڌايو ته پنهنجي پاسي ۾ هڪڙو وڏو ولي ڪرامت وارو پير اچي ويٺو آهي، آئون ته ڏسان تي ته روزمره قطارن جون قطارون ان وٽ اڳها ۽ تمام مرڻ جهڙا ماڻهو پيا وڃن. پر وري چڱا ڀلا تي موٽي تا اچن. جي اجازت ڏيو ته جيڪر آئون به توهان لاءِ وڃان ۽ ان پير کان دعا گهران.

شاهزادي چيس، تون زال ماڻهو پوري مت جي موڙهل آهين. اهي پير چم چير رڳو مڪريل ۽ نڳ آهن، جي پيٽ پالڻ لاءِ اهڙا ڪُڌا ۽ شيطاني رستا وٺن ٿا. توکي آئون منع ٿو ڪريان ته هرگز انهن وٽ نه وڃج ۽ جي ويندينءَ ته آئون اٿلندو وڏيڪ بيمار ٿي پوندس. ملڪ سمجهيو ته شهزادي جو بيماريءَ جي ڪري دماغ خراب ٿي پيو آهي، جنهن ڪري پيرن ۽ فقيرن ۾ هن جو پروسو ڪونهي، سو هڪڙي ڏينهن مخفي طرح پنهنجي نوڪر ۽ نوڪرياڻين سان صلاح ڪري، انهي ٻڍيءَ ڏوتيءَ کي گهرائي، پير جي حقيقت پڇيائينس. هن چالاڪ رن اهڙا ته وني لغڙ ٻڌايا جو شهزاديءَ ويچاريءَ کي پڪ جمي ويئي. ان کي چيائين ته مون کي پير وٽ وني هل پوءِ ڏولي ۾ چڙهي پنهنجي ماڻهن کان ڏولي ڪٽائي، پير جي درگاه تي ويئي. پاڻ سان هڪڙو خنجر لڪائي کنيو هئائين.

ٻڍيءَ چيس تہ هتي هاٿي ٿورو ترسڻو پوندو جيسين فقير سائين کي موج ايندي، پوءِ هو پاڻهي حڪم ڪندو. تيسين شهزاديءَ کي هڪڙيءَ جهوپڙيءَ ۾ وهاريائين. نوڪرن کي چيائين تہ اوهين موٽي اڇجو سي وڃي اتي ٻين ماڻهن سان وندر ۾ ويٺا. ٻڍيءَ اٽڪل ڪري ديهيم شاه جا ماڻهو ڏولي جي پرسان وهاري ڇڏيا، اهڙيءَ طرح جو اهي رڳو اشاري وهيٽا ويٺا هئا. پوءِ ٻڍيءَ پنهنجي ياءُ کي سمجهايو جنهن هڪل ڪري چيو: خورشيد طلعت بيگم جو مڙس اسان بلڪل چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو. هن تان جيڪا ڳري آفت هئي، سا اسان تاري ڇڏي، هاٿي مائي يڪدم وڃي ۽ هتي ذرو بہ نہ ترسي. شهزادي ان خوشيءَ ۾ يڪدم ڏوليءَ ڏانهن موٽي، ٻڍيءَ ديهيم شاه جي ماڻهن کي اشارو ڪيو سي ڏولي هوا وانگر ڊوڙائيندا ويا. خورشيد جي سمجهہ موجب تہ اهي سندس ئي نوڪر هئا، پر ان سان نسوري دغا ٿي. اهي ماڻهو ڏولي کڻندا سڌا ديهيم شاه جي محل ۾ ويا، اندر محلات جي ڪمپائونڊ ۾ ڏولي لاٿائون. شهزادي ٻاهر نڪري چوڌاري پاڻ کي بند ٿيل جاءِ ۾ ڏسي، دل ۾ ڪنبي ويئي ۽ ڏک ٿيس تہ ممتاز جو چوڻ سچو هو مون سان هي فريب ڪيو ويو آهي. ديهيم شاه ان ٻڍيءَ کي انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيو ۽ خورشيد وٽ اچي چوڻ لڳو: اي منا محبوب! آئون عرصي کان وٽي تنهنجي وڇوڙي ۾ پيو ڳران ۽ مران، هاٿي ٻيا خيال ڇڏي، هتي عيش آرام ۾ گذار باقي شهزادي ممتاز تي زالون تہ اڳئي توکان سهٽيون هٽ ڪيون آهن، سو تنهنجو ڪوبہ قدر ڪونہ ڪندو هميشہ جيڪو گهري ان سان ئي دل رکجي.

خورشيد چيس: خبردار جي مون کي ويجهو ايندين تہ ان جو چڱو نتيجو نہ ڏسندين.

تنهن ڪانسواءِ منهنجو مڙس اجا حيات آهي، پر جيڪڏهين جيئرو هجي يا مري ويو هجي، تہ بہ تون مون کي شريعت موجب جيڪو نهرايل وقت آهي، سو ويجهو بہ اچي نٿو سگهين. ان وقت گذارڻ کانپوءِ جيئن منهن جي مرضي هوندي، تيئن ڪنديس. تنهنڪري اهو وقت جيڪڏهن رڳو منهنجي منهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪندين تہ خنجر سان توکي بہ مارينديس ۽ پاڻ کي بہ مارينديس.

ديهيم شاهہ بہ ڏٺو تہ هاٿي هي مون وٽ سوگهي آهي، هتان نڪري ڪين سگهندي، باقي تڪڙ ڪرڻ واجب نہ آهي. آهستي آهستي پاڻهي آسرو لاهي نهي ويندي. اجا ممتاز بہ هتي آهي جو آخر تہ ويندو ڪو هتي سدائين ڪونہ رهيو ويٺو هوندو ان جي وڃڻ کانپوءِ هن کي بہ خاطري ٿيندي تہ مون کي وساري ڇڏي هليو ويو پوءِ آڦي باقي وڌيڪ سهنجائيءَ سان منهجي فائدي ۾ ٿيندي. ضد اجايو چڱو نہ آهي، تنهنڪري پهري ۽ سنڀال جي حفاظت جو پوريءَ طرح بندوبست ڪري پاڻ ٻاهر هليو ويو.

هوڏانهن ممتاز کي خبر پيئي تہ خورشيد نيٺ منهنجو چوڻ نہ مڃي، لڪ چوريءَ هن مڪار پير ڏي ويئي، جتي ساڻس ڪنهن قسم جي دغا ٿي ويئي، سو وري بہ اڳئين کان بہ وڌيڪ اگهو ٿي ڪري پيوءِ هر وقت غشي جو دورو ٿيندو ٿي رهيس.

# دمساز وزير جو ممتاز سان ملڻ ۽ خورشيد طلعت کي هٿ ڪرڻ ۽ ملڪ بينظير ڏانهن وڃڻ

هاڻي اسين وري دمساز وزير جو بيان ڪنداسون ته هو شهزادي ممتاز کان وڇڙي، رلندي رلندي نيٺ گنجور شاهه وٽ وڃي قسمت جي ياوري سان نڪتو جتي وزير ٿيو. وزارت جو ڪم ته هلائيندو هو پر ممتاز جي يادگيري هن جي دل تان ڪڏهين ڪين لٿي. هڪڙي ڏينهن گنجور بادشاهه چيس ته تو منهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ جو ذمو کنيو هو ته آئون پاڻهي ڪنهن شهزادي سان ان جي شاديءَ جو بندوبست ڪندس، هاڻي نياڻي وڏي ٿي آهي، ڌيءَ جي ماني بادشاهه جي گهر ۾ به ڪانهي ۽ خدا ۽ رسول جي حڪم موجب به اهو بار لاهڻو آهي، تنهن ۾ تون هاڻي مون کي ٻڌائج ته ان باري ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ تون ڇا ڪري سگهندين. دمساز عرض ڪيو ته قبله سلامت مون کي اها ڳالهه وسري ڪانه ويئي آهي، بلڪ هر وقت خيال ۾ آهي، هاڻي جيڪڏهين حضور جن جي مرضي آهي ته آئون تيار آهيان. مون تاجور شاهه جي پٽ ديهيم شاهه کي اڳي ئي خيال ۾ رکي ڇڏيو آهي، جو بيشڪ لائق آهي ۽ منهنجو دوست آهي ۽ هن شاديءَجو هر طرح اهو لائق آهي.

گنجور شاهه چيس: جي توکي خاطري آهي ته بسم الله! وڃ ۽ وڃي بندوبست ڪر. سو ڪيترا ماڻهو وني وڏي ڏيڏين سان چڙهي اچي تاجور شاهه جي ملڪ ۾ پهتو. بادشاهه ان جي عزت موجب ڪيس هڪڙي مشهور بنگلي ۾ رهايو.

هڪڙي ڏينهن هن خيال ڪيو ته ديهيم شاهه کي به جاچيان ۽ خبر چار وٺان ته ڪهڙن خيالن ۾ آهي، سو سنيهي ان جي ملاقات لاءِ آيو. ياڻيائين ته گهڻي وقت جو سنگتي آهي ۽ آئون سندس ئي ڪم ناهڻ لاءِ آيو آهيان، سو خوش به ٿيندو ۽ منهنجي ڏاڍي ڪا خاطري ڪندو پر ديهيم شاهه سان مليو ته هو بلڪل بي رخ ۽ رکو ٿي اهڙي طرح ساڻس مليو ۽ اهڙي ته هلت ڪيائينس، جو جڻ ته ڪو رواجي ماڻهو هو. دمساز کي ڏاڍو عجب لڳو پر ديهيم شاهه جي اک جانچي سهي ڪيائين ته هن کي ڪو عورت جو درد آهي. پوءِ اها سنوت نتي ڏئيس يا هن کي هٿ نتي اچي، سو غم کائي وري موٽي آيو ۽ پنهنجي رهڻ واري هنڌ تي آرامي ٿيو.

رات جي وقت ۾ شهر جا امير ۽ وڏا ماڻهو دمساز جي ملاقات تي آيا، جو بادشاهه جو وزير هو ۽ هن ملڪ جي بادشاهه جي ولي عهد ديهيم شاهه جي شاديءَ جو پيغام کڻي آيو هو.

سيني ماڻهن جدا جدا پنهنجي مذاق ۽ خيالن موجب پئي ڳالهيون ڪيون. هڪڙي ماڻهوءَ شهزادي ممتاز جي ڳالهه ڪئي تہ ويچارو پنهنجي وطن ڏانهن ويندي واٽ تي هتي اچي بيمار ٿي پيو آهي ۽ وچي ٿو ڏينهان ڏينهن ڳرندو ۽ شايد هن بيماريءَ مان مشڪل تندرست ٿي اُٿي.

دمساز جا اها ڳالهہ ٻڌي، سو خوشيءَ کان ٽپ ڏيئي اٿي کڙو ٿيو. سمجهيائين تہ ممتاز اهوئي آهي، جو منهنجو بادشاهہ منهنجو ننڍي هوندي جو دوست ۽ مون کان وڇڙيل آهي. يڪدم انهيءَ ئي مهل بہ ماڻهو پاڻ سان وٺي شهزادي ممتاز جي تنبوءَ جي در تي آيو. دربان کي چيائين تہ شهزادي کي اطلاع ڏي تہ تنهنجو ننڍي هوندي جو سنگتي دمساز جيئرو آهي ۽ توکي ڳوليندي ڳوليندي اڄ توکي هتي اچي هٿ ڪيو اٿس ۽ در تي بيٺو آهي.

ممتاز اها خبر ٻڌي يڪدم گهرائيس، اٿڻ کان جيتوڻيڪ عاجز هو پر ستي ئي ياڪر پائي، پنهنجي هنڌ تي ليٽائي ڪٽي ياڪر ۾ جهليائينس. ڳچ وقت تائين ٻنهي پاڻ ۾ جدائيءَ جي ڪري ڏاڍو رنو. آخر وري بہ اوچتو ملڻ ڪري خوش ٿي خدا جا شڪرانا ڪيائون.

دمساز پنهنجو حال ٻڌايو. ممتاز پنهنجو سڄو قصو ڪري، آخر خورشيد طلعت جي گم ٿيڻ جو بيان ٻڌائي چيس، هڪڙي مون کي خدائي بيماري آهي. آڦي باقي ان جي دغا سان گم ٿي وڃڻ ڪري هڪڙو وڇوڙي جو درد. ٻيو عام جي خواري، تنهن کان منهنجي دل ۽ دماغ اهڙو ضعيف آهي، جو يقين آهي تہ ڏينهن منهن جي حياتيءَ جا هتي ئي پورا ٿيندا. پر افسوس اهو هو تہ هت پرديس ۾ بي وطن ٿي مرندس. پڇاڙيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو دل گهريو رفيق ڪونہ رهيو جو اکين تي هٿ ڏيئي روانو ڪري، پر خدا جا لک ٿورا جنهن وري بہ منهنجي پت رهائي، جو تو دوست دل جي دلبند ۽ دلبر ياءُ کي اڄ قسمت سان اوچتو ملايو اٿس. هاڻي منهنجو پساهہ خير سان پورو ٿيندو تہ دل ۾ ڪو ارمان ڪونہ رهندو.

دمساز چيس: شهزادا! الله مان آس نہ لاهہِ اهو قادر ڪريم آهي، جنهن توکي پنهنجي قدرت سان ڪيڏي طاقت ڏني. ديو پريون نمائي تنهنجي وس ڪيائين، هاڻي بہ ان وٽ ڪا ويرم ڪانهي. تنهنجو چور مون ڳولي لڌو آهي، جنهن کي جيڪر هينئر جو هينئر ڪن مان جهلي تو وٽ حاضر ڪيان، پر تڪڙ نہ ڪر، اهو ڪم اهڙيءَ رمز سان ڪرڻو آهي، جو جيئن اجا تائين ڪنهن کي بہ اها خبر نہ آهي، تيئن پڇاڙيءَ سوڌو بہ ڪنهن کي خبر نہ رهي، تہ ڪا ممتاز جي راڻي ڪو دغا سان پڄائي ويو.

پوءِ دمساز پنهنجي جاءِ تي موٽي آيو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ اڄ ڪلهہ ديهيم شاهہ جو مون کي خيال نٿو ڏي ۽ حيران ۽ پريشان پيو ڏسجي، تنهن مان پڪ آهي تہ خورشيد طلعت کي هن دغا سان هٿ ڪيو آهي ۽ اها سندس محلات ۾ آهي، هاڻي ڪا تجويز ڪجي. پهريائين تہ ڪي عورتون ۽ مرد گهرائي، انهن کي وڏا انعام باسي، انهن کي ديهيم شاهہ جي محلات ۾ وڃي خبر ڪڍڻ لاءِ مقرر ڪيائين، جن مان هڪڙي عورت جا وڏي چالاڪ هئي، تنهن جاسوسي ڪري اچي دمساز کي حقيقت ڏني. جنهن مان پڪ ٿيس تہ خورشيد طلعت برابر ديهيم شاهہ جي محلات ۾ بند آهي. پوءِ هڪڙو وڏو حڪيم گهرائي ان کي چيائين تہ اهڙي ڪا تو وٽ دوا هجي، جا ماڻهوءَ جي شڪل ڦيرائي ڇڏي تہ اها مون کي تيار ڪري ڏي، جيڪو خرچ ٿيندو آئون ان جي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

حڪيم چيو تہ اهڙيون دوائون آئون بيشڪ جاٽان ٿو جي اهڙو ڪم ڏيئي سگهنديون. ان تي اهو ڪم رکيو ويو. جنهن مهيني ڪان پوءِ دوا ٺاهي آڻي پيش ڪئي.

دمساز اها دوا ڪم آندي، جنهن ڪري هن جي هڪڙي حبشڻ زال جي شڪل تي پيئي ۽ ديهيم شاهہ جي محلات ڏانهن هليو ويو جتي خورشيد طلعت بند هئي. محلات جي چوڪيدارن روڪيس، جنهن تي انهن کي چيائين تہ مون کي ديهيم شاهہ خورشيد طلعت جي واسطي موڪليو آهي تہ وڃي ان کي هي ميوا مٺايون کارائج. توهين جي مون کي روڪ ٽا ڪريو تہ آئون موٽي وڃي ديهيم شاهہ کي ٻڌائينديس، پوءِ توهان جي مرضي. تنهن تي هنن معافي ورتي ۽ چيائونس تہ مائي اسان توکي سڃاتو ڪونہ هو تنهنڪري چيو سون. معاف ڪج! هاڻي ڀلي اندر وڃ. پوءِ دمساز انهيءَ شڪل ۾ اندر ويو. ڇا ڏسي تہ خورشيد طلعت شهزادي ممتاز جي عشق ۾ ويٺي ڳوڙها ڳاڙي ۽ روئي.

دمساز سندس روبرو بيهي سلام ڪري، شاهزادي ممتاز جي طرفان نياپو ڏنو پر خورشيد کي اعتبار نہ آيو ۽ چيائينس: اي مائي! رڳو ڪوڙ ڳالهائي مون کي هن طرح ستائڻ مان اوهان کي ڪهڙو فائدو ٿو ٿئي. تڏهين دمساز ان کي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، پوءِ اعتبار آيس، تڏهين دل کولي هڪ ٻئي کي حال احوال ڏنائون ورتائون. دمساز هڪڙي شيشي انهيءَ دوا جي ڏنيس تہ اها وقت سر ڪم آڻي، پنهنجي شڪل بدلائي ڇڏي، جنهن پنهنجي شڪل حبشڻ جهڙي ٺاهي ڇڏي. پوءِ دمساز ان کي دلاسو ڏيئي موڪلائي، پنهنجي جاءِ تي آيو ۽ شهر ۾ اچي شهزادي ممتاز جي طرفان پڙنامو جاري ڪيائين تہ شهزادي ممتاز جي هڪ شيدياڻي ٻانهي پير وٽ دعا گهرڻ لاءِ ويئي هئي، سا گم ٿي ويئي آهي، جيڪڏهين اها ڪنهن کي هٿ آئي هجي يا ڪنهن وٽ هجي تہ ان کي وٺي اچي، تہ اسين ان کي گهڻو انعام ڏينداسون. اها خبر ديهيم شاهہ کي پيئي تنهن کي شڪ پيو تہ مبادا انهيءَ پوڙهيءَ مڪر ڪري مون کي ٺڳڻ لاءِ حبشڻ ٻانهي آڻي ڏني آهي ۽ مون کي خورشيد طلعت جو دوکو ڏنو اٿس، سو يڪدم خورشيد وٽ آيو ۽ ان کي چيائين تہ اڄ هي پڙهو شهر ۾ گهميو آهي تہ شهزادي ممتاز جي شيدڻ نوڪرياڻي گم ٿي ويئي آهي، سو ڀلا مون کي پنهنجي شڪل تہ ڏيکار تہ آئون بہ سمجهان تہ سچ آهي يا ڪوڙ. خورشيد طلعت چيس تہ اها ڳالهہ انهيءَ رن ڏوتيءَ کان پڇ جا مون کي ٺڳيءَ سان تو وٽ وني آئي، باقي آئون توکي عدت جي وقت کان اڳي منهن نہ ڏيکارينديس، هينئر مون کي ويجهو نہ اچ.

دمساز هڪڙي رات لڪي شهزادي وٽ ويو ۽ سمورو احوال ڪري ٻڌايائينس، جنهن چيو تہ چو نہ ديون کي حڪم ڏجي تہ اهي سيڪت ڏيئي ديهيم شاهہ سميت هتي سيني کي زوريءَ ڪٽي اچن. وزير زادي چيو نہ اسين هي ڪم اهڙي ريت ڪنداسون، جنهن ۾ اسان جي عزت بہ رهي ۽ بدنامي بہ نہ ٿئي ۽ هن بدمعاش ديهيم شاهہ بہ جهڙي دغا ڪئي آهي، تهڙي اسين بہ ان سان ڪريون ۽ پوءِ سزا ڏيونس، تنهن تي ممتاز ڪٽي مات ڪئي، پر تاڪيد ڪيائينس تہ هاڻي دير نہ ڪر. پوءِ دمساز هڪڙي ڏينهن ديهيم شاهہ وٽ ملڻ لاءِ آيو جنهن چڱيءَ طرح آدرڀاءُ ڪري ڏوراپو ڏنس تہ منهن بہ ڪونہ ٿا ڏيکاريو نڪو اسان وٽ اچو ٿا، الائجي ڪٿي پيا گهمو. دمساز

چيس: اڄ شهزادي ممتاز نالي پرديسيءَ جو محلات ڏسڻ ويس، اتي مزي جهڙي ڳالهه ڏٺم تہ جنهن شيديءَ جي زال گم ٿي ويئي آهي، ان پڙهو ڏياريو هو تنهن کي ممتاز کٽي قيد ۾ وڌو آهي. چي، تو چاڪاڻ پڙهو ڏياريو ۽ منهنجي بدنامي ڪرايئي. اهو شيدي پٽي رنو سو اسان کي بہ مزو لڳو تنهن تي ديهيم شاهہ کي اچي چورا ڪورا ٿي، تنهن وري محلات ۾ اچي خورشيد کي چيو تہ تون شيدياڻي آهين، مون کي منهن نٿي ڏيکارين ۽ ڪوڙا بهانا پيئي ڏين. تنهن مان خاطري آهي تہ مون سان دغا ٿي آهي. خورشيد چيس تہ توکي جيئن وڻي تيئن سمجهہ. مگر مون کي چو ٿو ستائين. انهيءَ بي آراميءَ ۾ وري وڃي انهيءَ ٻڍيءَ ڏوتيءَ کان پڪ ڪيائين. تنهن چيس تہ اهائي خورشيد طلعت اٿئي، تون اجايا وهم نہ پچاءِ.

هيڏانهن دمساز هڪڙيءَ رات ممتاز وٽ اچي ان کي چيو تہ هاڻي منهنجي گهرواريءَ کي آئون موڪليان ٿو. ان کي سينگاري ملڪ خورشيد طلعت جي بجاءِ تخت تي وهاري هڪڙي محفل ڪريو جنهن ۾ راڳ روپ هجن ۽ ماڻهن کي دعوتون ۽ پيغام موڪليو تہ ممتاز بادشاهہ هاڻي تندرست ٿيو آهي، ان جي خوشيءَ ۾ شهزادي خورشيد طلعت جشن جو حڪم ڏنو آهي. اهو ڍنڍورو ديهيم شاهہ ٻڌو سو مغز چڪر ۾ اچي ويس ۽ ويهي ڳڻتيون ڪرڻ لڳو تہ خبر نٿي پوي تہ ڳالهہ ڪيئن آهي، انهيءَ فڪر ۾ ويٺو هو تہ دمساز آيو ۽ ان کي چيائين تہ يار تو تہ بلڪل وساري ڇڏيو آهي، پلا ٻڌاءِ تہ اڄ جي ڪهڙي خبر آهي. هن چيس تہ اڄ ممتاز جي محل ۾ خورشيد طلعت راڻيءَ جشن ڪرايو آهي، سو آئون زنانو ويس ڪري اهو جشن ۽ خورشيد طلعت کي وڃي ڏسندس، تون بہ جي مون سان هلين تہ توکي وٺي هلان. هن کي تہ ڪپندي اها ڳالهہ هئي، سو چيائين تہ وڏي مهرباني، آئون بہ توسان هلندس. پوءِ هي ٻئي ڄڻا رات جو گڏجي ممتاز جي محلات ۾ زناني ويس ۾ محفل ۾ ويا. ديهيم شاهہ ڏٺو تہ برابر محفل لڳي پيئي هئي ۽ خورشيد طلعت جوهردار تخت تي ويٺي هئي، جنهن پنهنجي هٿن سان غريبن کي اشرفين جون منيون ڀري خيرات ٿي ڏنيون ۽ ڪن کي انعام پئي ڏنا ۽ هيءُ ٻئي جي زناني ويس ۾ هئا، تن سان بہ خوش مرحبا ڪري، انهن کي بہ ڪي سوکڙيون ۽ تحفا ڏنائين. ٻئي ڄڻا اتڪل سان محل مان نڪري آيا.

هاڻي ديهيم شاهہ کي پڪ ٿي تہ بيشڪ اها حبشڻ آهي، جا مون کي هن ڏوتيءَ خورشيد طلعت ناهي آڻي ڏني هئي، سو اول تہ انهيءَ رن ۽ هن پير کي گهرائي روبرو وٺي خورشيد طلعت جي روبرو وڃي زور سان وٺي برقعي کي ڇڪ ڏنائين تہ اهو ڦاٽي پيو ۽ اندران ڏسي تہ هڪري پوڙهي شيدڻ ويٺي آهي. تڏهين ڪاوڙجي چيائين: رن! تون هيترا ڏينهن مون سان دغا ڪندي رهي آهين.

خورشيد طلعت چيس: آئون برابر ممتاز جي نوڪرياڻي هيس، پر اتي ڏاڍي ڏکي هيس، مون هن ٻڍيءَ سان ۽ ان جي پاءُ سان صلاح ڪئي، تن مون کي تنهنجي لاءِ چيو تہ ڏاڍي اتي سکي ٿيندينءَ، مون کين ڪجهہ شهزادي ممتاز جو ڏن دولت چورائي ڏني. تڏهن انهن اهو ستاءُ سٽي تنهنجي خدمت ۾ آندوءِ آئون تو وٽ آيس.

اها ڳالهہ ٻڌي ديهيم شاهہ هن ڏوتيءَ ۽ ان جي ياءُ ڏي نهاري انهن کي چيو: اوهان مون سان ايڏي ٺڳي ڪئي، سو اوهان کي ڪو ڏپ ئي ڪونہ ٿيو. پوءِ نوڪرن کي گهرائي انهن کي حڪم ڏنائين تہ هنن کي سيڪت ڏيو. هنن کي موچڙن سان ڪٽيندا، شهزادي ممتاز وٽ وٺي وڃو. نوڪرن چيو تہ سائين! هن شيدڻ ڪهڙو گناهہ ڪيو جنهن کي سيڪت ڏيون ۽ موچڙا هڻونس. باقي ٺڳي تہ هنن ڪئي، جن ڏوليءَ ۾ شيدڻ ڪٽي اوهان جي محلات ۾ پهچائي. پوءِ خاص نوڪرن هٿ ديهيم شاهہ انهن ٽنهي کي پنهنجي خط سان موڪليو تہ اوهان جي گم ٿيل ٻانهي چورن سميت موڪليان ٿو اوهان کي جيڪا سزا وڻي سا چورن کي بلاشڪ ڏجو.

اهو نوڪر پهتو خط ڏنائين ۽ ٽيئي ٻانهون بہ ممتاز جي حوالي ڪيائين. تڏهين شهزادي خط جي جواب ۾ لکيو تہ ٻانهون ٽيئي برابر پهتيون، چور سچو اڃا ڪونہ مليو آهي، پر هاڻي اسين ازخود وٺي سگهون ٿا. مگر اهو قصو تاجور شاهہ بادشاهہ وٽ فيصل ٿيندو. ممتاز جو مطلب پورو ٿيو هن دمساز وزير جي ڏاهپ ۽ عقل تي آفرين چئي، جنهن اهڙو ڪم ڪيو جو لعل بہ لڌو پريت بہ رهي.

ٻئي ڏينهن ممتاز خورشيد ۽ هنن ٻن مڪريلي ماڻهن سان بادشاهہ وٽ وڃي دربار ۾ بادشاهہ کي اها سڄي ڳالهہ اول کان آخر تائين ٻڌائي، جنهن وري هن ٻديءَ ۽ ٻاٽس کان بيان ورتو جن ڪيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ اسان کي اوهان جي پٽ ديهيم شاهہ لاچار ڪيو پوءِ خورشيد طلعت کي دغا سان وٺي وڃي اوهان جي پٽ جي حوالي ڪيو سون. بادشاهہ پٽ کي گهرائي چيو: اڙي ڪمبخت مون توکي اڳي چيو هو تہ ايڏاهين نہ وڃ، پر تو منهنجو چوڻ نہ ورتو ۽ وڃي ڪارو منهن ڪيئي، هاڻي سزا لوڙڻ لاءِ تيار ٿي، پر ممتاز کي رحم اچي ويو ۽ چيائين سائين هاڻي هن کي اسين معاف ٿا ڪري ڇڏيون. بادشاهہ چيو: آئون اوهان جي چوڻ موجب سزا نٿو ڏيانس، پر ههڙو پٽ مون کي ڪونہ گهرجي ۽ حڪم ڏنائينس تہ شهر ڇڏي جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هليو وڃ.

باقي حڪم ڏنائين تہ هنن دغابازن جو سر تلوار سان اُڏايو. پوءِ ممتاز راڻي خورشيد طلعت کي محلات ۾ وٺي آئي تخت تي وهاريو ۽ چيائينس ڏس مون توکي ڪيڏي نہ منٿ ڪئي، پر تہ بہ تون نہ رهينءَ ۽ هيڏيءَ هلاڪيءَ ۾ اچي پيئو. شهزاديءَ چيس پيارا ان ۾ منهنجو ڏوهہ نہ آهي، آئون بہ تنهنجي عشق ۾ مجبور هيس ۽ صبر ڪري نہ سگهيس، تڏهين ائين ٿيو. اهڙيءَ طرح دمساز ممتاز ۽ شهزاديءَ سڄي رات ڪل خوشيءَ ۾ ۽ ڇرچن گهڻن ۾ گُذاري، صبوح جو تجويز ڪيائون تہ هاڻي هتان هلجي. دمساز چيس تہ يڪدم هلڻ چڱو نہ آهي. اڃا ٻہ ٽي هفتا رهي پوءِ هلجي، متان ماڻهو ڪي اجايون سڄايون ڳالهيون ڪن. ممتاز اها ڳالهہ مڃي ۽ هي وڏيڪ وقت رهي پيا. پوءِ دمساز پنهنجي بادشاهہ گنجور شاهہ کي درخواست لکي تہ اوهان کي ياد هوندو تہ مون اوهان سان انجام ڪيو هو تہ منهنجو سنگتي شهزادو ممتاز بادشاهہ هن ڪم لاءِ بادشاهي ڇڏي نڪتو آهي ۽ آئون ان جي سنگت ڪري نڪتس، اسين ٻئي وڃڙي وياسون، پر جڏهين ملنداسون تڏهين اوهين مون کي موڪل ڏيندا، سو هاڻي آئون ان سان رهندس، مون کي مهرباني ڪري موڪل ڏيندا.

اوهان جي نياڻيءَ لاءِ مون انجام ڪيو هو تہ هن جي شادي ڪنهن بادشاهہ سان ڪندس، سو اهو ئي بادشاهہ آهي، هاڻي پنهنجي نياڻي ءِ منهنجو سامان موڪليو تہ شهزادو جڏهين ملڪ بينظير سان شادي ڪري رهندو پوءِ ٻين راڻين سان بہ شادي ڪرڻي اتس ءِ اوهان جي نياڻيءَ جي شادي بہ آئون پنهنجي هٿن سان هتي ان سان ڪرائي، اوهان کي اطلاع ڏيندس. گنجور شاهہ اهو پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو اتي بہ هفتا گذري ويا. شهزادي هاڻي هلڻ جي تياري ڪئي. منزلون ڪندي آخر اچي ملڪ بينظير جي شهر ۾ پهتا.

اها خبر ٻڌي سڄي شهر ۾ خوشي ٿي، شاهزادو خورشيد طلعت سميت محلات ۾ اچي لٿو آهي. ملڪ بينظير، مهاسندر پري، راج راڻي ءِ جهان بانو سينگار ڪري انهن سان مليون، خاص ڪري خورشيد طلعت سان هر هڪ راڻي ملي. پاڻ ۾ ملي ڏاڍيون خوش ٿيون. آرام جان جي شادي دمساز وزير سان ٿي. مطلب تہ سيئي پاڻ ۾ خوشين ۾ گذارڻ لڳا. پوءِ ممتاز پنجين سوال پوري ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. سو سوال هو تہ راڻي چندر بدن کي بوقلمونءَ جي قيد مان ڪڍائي، بينظير جي شاديءَ رات حاضر ڪرڻ.

# ممتاز جو راڻي چندر بدن لاءِ بوقلمونءَ سان لڙڻ

ٻه ٽي هفتا گذريا، ممتاز هر هڪ راڻيءَ سان گڏجي سڪ لاٿي ته وري پنجين سوال جي پوري ڪرڻ لاءِ تياري ڪيائين ۽ هن لشڪر وٺي بوقلمونءَ تي چڙهائي ڪئي. لشڪر اڳيئي روانو ٿيو. باقي پاڻ به راڻين کان موڪلائڻ لاءِ رهيل هو. پوءِ سيئي راڻيون گهرائي انهن کي دلاسو ڏنائين ته هاڻي دل نه لوڙهيو خداوند ڪريم جيئن هيستائين مطلب پورو ڪندو آيو آهي، تيئن هاڻي به ان وٽ ڪا ويرم ڪانهي، تنهنڪري اوهين بلڪل وڏي دل ڪريو.

مهاسندر چيو: اسان ۽ بينظير انهيءَ ڳالهه تي فيصلو ڪيو آهي ته بينظير انهيءَ سوال تان هٿ ڪڍي ٿي، پوءِ اوهين چو ٿا وڃو توهان کي خبر ئي ڪانهي ته بوقلمون جادوگر ڪهڙي قسم جو سخت ملعون ۽ مردار آهي. سوين راجا اندر توڙي ديو پريون پاڻ ۾ گڏجن، ته به ان جو مقابلو نه ڪري سگهندا.

شهزادي چيو: انهن سڀني کان منهنجو خداوند تعاليٰ وڏو آهي، جنهن اڳي به مون کي هيستائين سوڀارو ڪيو آهي، اڳتي به ان تي ننگ آهي، جيڪڏهين بينظير انهيءَ سوال تان هٿ ڪڍندي، ته به مون جو ڪچي ۾ انجام ڪيو آهي، سو آئون پنهنجي قول کان ڪڏهين به ڪين ڦرندس، هاڻي اوهين دلگير نه ٿيو رڳو خدا کان دعا گهرو.

پوءِ ائين هر هڪ کي دلاسو ڏيئي، ٻاڪر پائي موڪلائي، گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو ۽ گهوڙو ڊوڙائي اچي لشڪر کي مليو. سڄو ڏينهن پنڌ ڪندا هئا ۽ رات جو آرام ڪرڻ لاءِ ترسي، صبح جو اڳتي هلندا هئا، تان جو هلندي اچي هڪڙي رڻ پٽ ۾ پهتا، جتي هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون، پر پاڻيءَ بدران رڳو رڃ ئي رڃ هئي. ماڻهن اچي دانهون ڪيون ته سائين پاڻيءَ کانسواءِ ماڻهو توڙي وهٽ اڃ مري رهيا آهن. هاڻي ته خدا کي ڪو سوال ڪجي، نه ته ٻيو ڪوبه چارو ڪونه رهيو آهي.

ممتاز اها ڳالهه ٻڌي فڪر ۾ ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو. پوءِ ٻه رڪعتون نفل پڙهي خدا جي درگاهه ۾ سوال ڪيائين ته الاهي تو جيئن حضرت اسماعيل عليه السلام پيغمبر تي چشمو پاڻيءَ جو عنايت ڪيو هو تيئن اسان گنهگار ٻندن تي به رحم جي نظر ڪر، جيئن هيترو وقت پنهنجي ٻاجهه ۽ ڪرم سان بچائيندو رهيو آهين، تيئن هاڻي به مولا اسان جي مشڪل ڪشائي ڪر! اجا سوال ڪري آمين چيائين ته پريان هڪڙو اوٺي سوار ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين ته سائين هتان نزديڪ هڪڙو باغ آهي، جو باغ نه آهي، پر ڪو خدا جي قدرت جو رنگ آهي، اهو دنيا جي باغن کان

علحدو آهي، جنهن جا وڻ ٽڻ ميوا، پکي پکڻ سڀ قدرتي پيا ڏسجن. اتي هڪڙو تلاءَ صاف پاڻيءَ جو پيو وهي، جو الائجي ڪٿان اچي ٿو ۽ ڪيڏانهن وڃي ٿو. منجهس هڪڙو درويش صاف صوفي بيپرواهہ دنيا کي ترڪ ڪري هميشہ خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهي ٿو. اهو باغ توڙي فقير زيارت ڪرڻ جي لائق آهن. هاڻي هلو تہ اتي هلون.

شهزادو اها خوشخبري ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جي درگاهہ ۾ شڪرانو ڪيائين. جنهن هي هڪڙو معجزو ڏيکاريو. پوءِ سمورو لشڪر وٺي اتي باغ جي ٻاهران اچي منزل ڪيائين. سيئي لشڪر جا ماڻهو تنبن هڻڻ جي ڪم ۾ لڳي ويا. پاڻ اندر باغ ۾ لنگهي ان صوفي درويش وٽ ويو. جنهن کي ادب سان سلام ڪري هٿ ٻڌي، ان جي اڳيان بيهي رهيو. هن فقير بہ سلام جو جواب ڏيئي خوش ٿي کيڪار ڪري، قرب مان پنهنجي پر ۾ وهاري حال احوال پڇيس.

ممتاز چيس: سائين پري کان آيو آهيان، بوقلمون ڏانهن ويندس.

درويش بو قلمونءَ جو نالو ٻڌي چيس: ٻچا توکي ڪنهن دشمن اوڏانهن وڃڻ لاءِ موڪليو آهي. توکي ٻڌايان ٿو تہ اهو بوقلمون وڏو سخت جادوگر ۽ انسان ذات جو جاني دشمن آهي. هن جي هٿ ۾ ست قلعا آهن، انهن جو مالڪ ۽ بادشاهہ آهي.

هن جو سڄو ملڪ جادوءَ جي زور تي آهي، هن جي زمين اندر هر هڪ شيءِ سيڪا جادوءَ جي اثر سان پريل آهي، تنهن ڪري ڪو بہ ماڻهو اتي نڪي هلي سگهندو نڪي ڪاٿي پي يا رهي سگهندو. مطلب تہ سڄي دنيا جا انسان گڏجي ان جو مقابلو ڪندا، تہ بہ ان کي فتح ڪري نہ سگهندا. مون کي جو هتي وينل ڏسين ٿو سو هي ان جي سرحد آهي. آئون هتي انهي لاءِ وينو آهيان تہ جيڪو بہ اوڏانهن وڃي ان کي منع ڪريان، تنهن ڪري توکي بہ منٿ ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري اوڏانهن وڃڻ جو خيال دل مان ڪڍي پنتي موٽي وڃ ۽ هيترن ماڻهن جي خون جو بار پنهنجي مٿي تي نہ وجهہ.

شهزادي چيس: قبلا اوهان جيڪي فرمايو سو منهنجي اکين تي آهي، پر منهنجي بہ حقيقت ٻڌو پوءِ جيڪا هدايت ڪريو سا منهنجي اکين تي آهي.

فقير ان کي اجازت ڏني تہ پلي پنهنجو حال بيان ڪر ۽ شهزادي فقير کي ملڪ بينظير جو ذڪر اول کان آخر تائين احوال سربستو ڪري ٻڌايو تہ ڪيئن هن جا چار سوال پورا ڪري، باقي انهيءَ هڪڙي سوال جي پورائي، لاءِ آئون وڃان ٿو سو سمورو بيان ڪري عرض ڪيائينس تہ فقير سائين عشق منهنجي اندر ۾ اهڙو گهر ڪري ويهي رهيو آهي، جو سر تري تي آهي، مان ڪنهن کان ڊڄڻ وارو نہ آهيان. الله پاڪ هيستائين مون کي تمام مشڪلاتن مان لنگهائي پار ڪيو آهي، هاڻي بہ ان تي ننگ آهي، پر جيڪڏهين پڇاڙيءَ ۾ ڊڄي ۽ موٽي ويندس تہ زالن جي مهڻن کان سڄي حياتي زهر وانگر ڪڙي پيئي لڳندي. هاڻي انهيءَ کان چڱو آهي تہ هينئر الله تي توڪل ڪري وڃي سر ڏيان، پوءِ جي الله جي طرفان سٽائي هوندي تہ جادوگر کي ڪابہ طاقت ڪانهي، جو منهنجو وار ونگو ڪري سگهي، پر جيڪڏهين قدرت جي طرفان منهنجو داڻو پاڻي اچي دنيا ۾ ختم ٿيڻ وارو ٿيو آهي

تہ اهو جادوگر جو بہ هڪڙو بهانو آهي. مرڻو تہ اڳي پوءِ آهي، پر جي هيئن عشق جي لڙائيءَ ۾ سر ڏيندس تہ سڄي دنيا هميشہ لاءِ منهنجو نالو بهادرن ۾ ياد ڪندي. تاريخ جا ورق منهنجي لاءِ قائم ٿيندا، پر جي موتي وڃان تہ هميشہ لاءِ خواري حاصل ٿيڻي آهي. بس منهنجو حال اهو آهي، هاڻي جيڪو حڪم ڪريو ان جي تعميل ڪريان.

فقير ڏٺو تہ هي جوان عشق جي درياهہ جي بلڪل سير اندر آهي، سو سير کان نڪرڻ مشڪل آهي. تڏهين مراقبو ڪيئي ڪيترو فڪر ۾ رهيو پوءِ منهن مٿي ڪري چيائينس: شهزادا درگاهہ حق ۾ تنهنجي فتح جا آثار پيا معلوم ٿين. هاڻي تون هفتو کن هتي رهي آرام ڪر. پوءِ جيئن خدا جو حڪم هوندو تيئن مدد جو ڪونہ ڪو رستو خدا جي حڪم سان نڪري پوندو. شهزادو خوش ٿيو فقير کي پيرين پئي، ان کان موڪلائي پنهنجي لشڪر ۾ اچي آرام سان گذارڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ ان صوفي درويش ممتاز جي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ اسم "ياحي ياقيوم" جو وظيفو شروع ڪيو ۽ اٺ ڏينهن سانده ان وظيفي جو عمل ڪيائين. انين ڏينهن وظيفو پورو ڪرڻ تي هڪڙي رات خواب



فقراءَ جي مجلس

ڀر ۾ چا ٿو ڏسي تہ ڪنهن وڏي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو آهي، جتي اولياءَ الله جا ڪچهري ڪري اچي گڏ ٿيا آهن. سيني ۾ هڪڙو ڪامل بزرگ سفيد ريش جنهن جي پيشانيءَ مان نور جي تجلي جا چمڪات آسمان تائين وڃي رهيا آهن سو ويٺو آهي. ڪئين سوالي ۽ طالب ان کان فيض وٺندا، سيڪو ادب سان موڪلائيندو هليو پيو وڃي. هن صوفي درويش بہ دل ۾ خيال ڪيو تہ ممتاز شهزادي جو مطلب بہ هتان پورو ٿيندو سو جڏهين فراغت ٿي ۽ سڀئي پنهنجو مطلب حاصل ڪري ويندا رهيا، تڏهين هي درويش رڙهي انهيءَ بزرگ جي ويجهو اچي عرض ڪيو تہ ممتاز نالي شهزادو بوقلمون جادوگر ڪي مارڻ لاءِ وڃي ٿو سو منهنجي پناهہ ۾ مدد لاءِ آيو آهي ۽ آئون وري اوهان جي خدمت ۾ آيو آهيان. ان سان مدد ڪرڻ جو اشارو ٿئي. ان بزرگ ٿوري ويچار کان پوءِ چيو: ابا بوقلمون ڏاڍو ظالم ۽ زور وارو آهي، هن جو سڄو ڪم جادوءَ ۽ شيطاني علم جي زور تي آهي، تنهن ڪري ان تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، اتي جيڪو ويندو سو ضرور ڦاسندو. ڇاڪاڻ تہ ان ملڪ ۾ هلڻ چلڻ، ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ مطلب تہ هر هڪ ڪم ۾ جادوءَ جو اثر رکيل آهي، هاڻي ان جو علاج رڳو اهو آهي، جو هي اسم اعظم جيڪو اسين اوهان کي ٻڌايون ٿا، اهو ئي هڪڙو علاج آهي، سو جيڪو بہ هي اسم اعظم اٿندي وهندي، سمهندي جاڳندي، کائيندي پيئندي ڪم ۾ آڻيندو تنهن کي ڪوبہ نقصان ڪونہ پهچندو باقي جي انهيءَ اسم اعظم کان ٿورو



”ڪليدسحر“ ڪتاب جي رکڻ لاءِ ٺهرايل جادوئي قبو

ڪي غافل رهيو تہ جاڻ تہ پنهنجي جان وڃايائين، تنهن ڪري سڀ کان اول ۽ مول هدايت اها آهي تہ ممتاز ۽ ان جي سموري لشڪر کي ٻيا سڀ خيال وساري اسم اعظم جي وائي وات ۾ هئڻ گهرجي.

پوءِ ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ بوقلمون جو هڪڙو ڪتاب جادوءَ جو آهي، جنهن جو نالو ڪليدالسحر يعني جادوءَ جي ڪنجي آهي، اهو ڪتاب جيڪڏهن ڪنهن کي هٿ اچي ويو تہ سمجهو تہ ان بوقلمونءَ کي ماريو چو تہ ان ۾ سڀ ڪجهہ لکيو پيو آهي تہ ڪيئن اهي قلعا ۽ جادوءَ جا ڪوٽ ڊاهجن.

باقي ڳالهہ رهي تہ اهو ڪتاب هٿ اچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪتاب بوقلمونءَ پنهنجي شاگرد پرفن نالي جادوگر جي حوالي ڪيو آهي، جنهن اهو ڪتاب اهڙو سوگهو رکيو آهي، جنهن کي خود بوقلمون بہ هٿ نٿو ڪري سگهي. پرفن جادوگر اهو ڪتاب هن طرح رکيو آهي، جو هڪڙو جادوءَ جي زور سان ڦرندڙ قبو ناهي، ان ۾ اهو ڪتاب رکيو

اٿس. تنهن ڪري اهو ڪتاب هٿ ڪرڻ مشڪل آهي. البته انهيءَ ڪتاب جي هٿ ڪرڻ جي هڪ هي اٽڪل آهي، جو اهو پرفن جادوگر هڪڙي چوکر تاج الملوڪ نالي تي عاشق ٿيو جو سيف الملوڪ جو پٽ ۽ بديع الجمال پري جي پيٽ مان ڄاول هو. انهيءَ کي هن عشق جي باھ ۾ ڪٽي آٽي، ان قبي جي پرسان وڏو باغ ٺهرائي، ان ۾ تاج الملوڪ کي رکيو اٿس ۽ ان جو ساھ هڪ آرسيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿس. جا آرسي جڏهين تاج الملوڪ جي سامهون ڪندو آهي، تڏهين هو ننڊ مان جاڳي اٿي ويهي رهندو آهي ۽ هو ان سان ڳالهائي ٻولهائي جڏهين ويندو آهي، تڏهين ان آرسيءَ کي ابتو ڪري ڇڏيندو آهي ته هو وري به ڪري پوندو ۽ ننڊ ۾ سمهيو پيو هوندو آهي.

هاڻي اهو تاج الملوڪ جيڪڏهين مدد ڪري، دل جان سان ڪنهن جو پاسو وٺندو ته پوءِ اهو ڪتاب "ڪليدالسحر" هٿ اچي ويندو. چو ته اها تجويز هن پرفن جادوگر پنهنجي معشوق تاج الملوڪ کي ٻڌائي ۽ سمجهائي ڇڏي آهي. پر انهيءَ ڪانسواءِ بوقلمونءَ جو جيڪو ملڪ آهي، تنهن جي ٽيتين جون چوٽيون به آسمان سان پيو گسجن ۽ پکيءَ جي به اڏامڻ جي جاءِ ڪانهي. وري انهن ڪوٽن کي چوڌاري ناليون هڪ پاڻيءَ جي، ٻي باھ جي، ٽين نانگن ۽ بلائن جي آهي.

انهيءَ طرح ان درويش ساري ڳالھ ٻڌائي، پڇاڙيءَ ۾ وري به تاڪيد ڪيو ته جيڪو اسم اعظم جو ورد ڪندو ۽ ڪليدالسحر ڪتاب کي قابو رکندو، سو بوقلمونءَ جادوگر کي آخر ضرور ماريندو.

ان صوفي بزرگ اهو سڄو احوال خيال ۾ رکي، درويش جو اسم اعظم وارو وظيفو ياد ڪيو ته ايتري ۾ اک کلي ويس. سامهون ڏسي ته ممتازءِ دمساز به بيٺا آهن. جي فقير سان نهرايل وقت تي ملڻ لاءِ آيا هئا. فقير انهن کي اشاري سان گهرائي پاڻ وٽ وهاري، اها سڄي ڳالھ سمجهائي ۽ اسم اعظم ٻنهي کي سيکاريائين ۽ ان جو تمام گهڻو تاڪيد ڪيائين ۽ دمساز کي چيائين ته ممتاز تي تڪليفون ايندين، پر تو ان جي پٺ نه ڇڏڃ.

هاڻي مون کي جيڪي ڪرڻو هو سو مون سمورو ڪيو اوهان کي جي قدم ڪڍڻو آهي ته وسيلي خدا جي وڃي ڪم کي لڳو. همت نه هارجو خدا کي نه وسارجو. اسم اعظم جي وائي هر دم وات ۾ وارجو ۽ پوءِ بلاشڪ بوقلمونءَ کي مارجو ۽ پنهنجي سورهيائيءَ جو نشان دنيا کي ڏيکارجو ۽ پوين کي به اهو سبق سيکارجو.

پوءِ ٻئي ڄڻا دعا گهري، ان کان موڪلائي، پنهنجي لشڪر ۾ اچي گڏيا.

**فصل پندرهون**

# ممتاز جو پرفن جادوگر جو ڪوٽ ڍاهڻ ۽ تاج الملوڪ کي هٿ ڪري ڪتاب ڪليد سحر هٿ ڪرڻ

ڳالهين جي سگهڙ اُستادن هن ڳالهه کي اڳتي هن طرح هلايو آهي تہ ممتاز فقير کان موڪلائي دعا گهري پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو جو آخر اچي پرفن جادوگر جو قلعو اڳئين ڪيائين. ڇا ٿو ڏسي تہ وڏو قلعو آهي، جنهن جي چوٽي آسمان سان پيئي ڳالهيون ڪري. هن چوطرف رستا ڳوليا، پر واٽ يا گس جو اندر وڃڻ لاءِ ڪوبہ پتو ڪونہ پيس. آخر رات پيئي. جادوءَ جون بلائون چوگرد گهيري آيس، پر اسم اعظم جي برڪت سان سڀ فنا ٿي ويون.

اهڙيءَ طرح رات گذري ڏينهن ٿيو وري قلعي جي اندر وڃڻ جي واٽ ڳوليائين. نيٺ هڪڙي لڪل جاءِ تان ڏاڪڻ ڏٺائين. هڪڙي ماڻهوءَ کي چيائين تہ چڙهي مٿي وڃي ڏس تہ ڪهڙي حالت آهي. اهو ماڻهو اڌ گابرو مٿي چڙهيو تہ اوچتو هڪڙو تير اچي ان جي بدن ۾ نڪاءُ ٿيو. هو يڪدم مٿان ڪري مري پيو. اهڙيءَ طرح ٻہ ٽي ماڻهو مٿي ويا، پر سڀني جو ساڳيو حال ٿيو. آخر سندس سنگتي دمساز اٽڪل ڪري هڪ نوڙ ڪوٽ جي ڪنگري ۾ اٽڪايو ان تي چڙهي، چوٽيءَ تي وڃي ڏٺو تہ هڪڙي ڪاٺ جي مورت اندر آهي، جنهن جا عضوا سڀ جدا جدا ٿيا پيا آهن. تڏهين پنهنجي هڪڙي ماڻهوءَ کي حڪم ڏنائين تہ مٿي چڙهہ. پر اهڙيءَ طرح جو هڪ ڏاڪو ڇڏي ٻئي تي پير رک. ائين ڪرڻ سان ڏسڻ ۾ آيو تہ ان ڪاٺ جي مورت جا عضوا برابر هڪ ٻئي سان ملي نٿي سگهيا، جنهن ڪري مٿي چڙهندڙن تي ڪوبہ جادو جو اثر ڪونہ هلي سگهيو ۽ سارو لشڪر مٿي چڙهي ويو، اندر گهمندي وڃي ڏسن تہ تاج الملوڪ گهريءَ ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي، پر جهڙو مئل لاش وانگر پيو آهي. تڏهين فقير جو چوڻ ياد ڪري، سامهون رکيل آرسيءَ کي ڪٽي سامهون ڪيو ويو تہ تاج الملوڪ اٿي ڪڙو ٿي ويهي رهيو ۽ هيترا ماڻهو ڏسي ممتاز کان پڇيائين: اوهين ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟

ممتاز چيس: آئون شهزادو آهيان ۽ هي ٻيا سڀ منهنجا همراهہ آهن. آئون هتي خاص تنهنجي بند ۾ پوڻ جو ٻڌي توکي ڇڏائڻ واسطي آيو آهيان. توکي مئلن وانگر ڏسي اٿاريو اٿم. ٻيو خير آهي.

تاج الملوڪ چيو تہ ممتاز اهو جيڪو بينظير جا سوال پورا ڪرڻ لاءِ پيو هلي. تاج الملوڪ چيو تہ هڪڙي ڏينهن جادوگر اهڙي ڳالهہ مون کي ٻڌائي هئي تہ ممتاز شاهزادو بينظير جو عاشق هتي ڪنهن ڏينهن ان جي سوالن پوري ڪرڻ لاءِ ايندو اسان ۽ ان جي پاڻ ۾ صفائي ٿيندي.

شهزادي چيس: اها ڳالهہ سچي آهي. پوءِ پنهنجي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندي اهو بہ ٻڌايائينس تہ تنهنجي ماسي مهاسندر پري بہ منهنجي گهر ۾ آهي، جا راجا اندر جي مهربانيءَ سان مون کي ملي آهي. هاڻي آئون چندر بدن جي ڇڏائڻ جي ڪوشش لاءِ آيو آهيان. خدا ڪندو تہ فتح حاصل ڪري واپس موٽندس.

تاج الملوڪ چيس: شهزادا! ديون ۽ پرين جو مطيع ڪرڻ ٻي ڳالهہ آهي، پر جادوءَ جي لڙائيءَ ۾ سامهون ٿيڻ جدا ڳالهہ آهي. هي جادوگر وڏا رهزن ۽ انسان ذات جا دشمن آهن.

شهزادي چيس تہ خدا سيني کان وڏو آهي، اهو مهربان آهي تہ هي ڪجهہ بہ ڪين ڪري سگهندا.

تاج الملوڪ پوءِ پڇيو تہ پلا اوهان بوقلمونءَ ڏانهن ويٺا هئا تہ هيڏانهن ڪيئن نڪري پيا؟

ممتاز چيس: تنهنجي ماسيءَ مون کي ٻڌايو هو تہ تون پرفن جادوگر وٽ قيد آهين، سو توکي بہ ڇڏائي ان سان ملايان، پر هن جواب ڏنو تہ اوهان هي تمام جوکائتو ڪم ڪيو آهي. هو جادوگر اهڙو رهزن آهي، جو هاڻي مون کي بہ جيئرو ڪين ڇڏيندو.

ممتاز چيس: ڏج نہ جيتر آئون جيئرو آهيان، تيتر توکي ڪو بہ هٿ ڪونہ لڳائيندو، تون دل وڏي ڪر. هاڻي منهنجي مدد ڪر ۽ ڏپ جا سمورا خيال لاهي ڇڏ.

هن چيو: پلا اوهين جنهن زور تي اهڙا بيپرواهہ آهيو سو مون کي بہ ڪجهہ ان مان واقف ڪريو تہ آئون بہ سمجهان. چو تہ مون کي رهزنن جي سموري خبر چڱي طرح آهي. ممتاز چيس: اهو آهي الله پاڪ جو پيارو ”اسم اعظم“ جو اسان جي عمل ۾ آهي ۽ ان جي زور تي اسين ڪنهن کان بہ ڏجڻ وارو نہ آهيون. تنهن تي تاج الملوڪ کي پڪ ٿي ۽ چيائين تہ بيشڪ ائين آهي ـ پوءِ فتح اوهان جي آهي، پوءِ تہ پاڻ ۾ گهايل مايل ٿي خوشيون ڪرڻ لڳا.

جادوگر کي بہ خبر پئجي ويئي، تنهن جادو جا گهڻا رنگ روپ ڏيکارڻ لاءِ ڪم آندا، پر اسم اعظم سڳوري جي ڪري ڪنهن کي ڪو وار جيترو نقصان ڪونہ پهتو. پرفن جادوگر ڏٺو تہ تاج الملوڪ بہ ممتاز سان ملي ويو آهي ۽ ڪليد سحر جي بہ ان کي خبر آهي، اهو هٿ ڪري ويا تہ ڏاڍي خرابي ٿيندي، هاڻي چڱو آهي تہ سموري خبر استاد بوڪلمونءَ کي ڏجي، تہ اهو ڏاڍو آهي ۽ سيني کي اک ڇنڀ ۾ فنا ڪري ڇڏيندو ۽ سڄو لڙ لهي ويندو. سو سڌو ان ڏانهن روانو ٿيو.

ممتاز تاج الملوڪ کي چيو تہ تون اسان جي مدد ڪر تہ ڪليدالسحر ڪتاب هٿ ڪريون، پوءِ اسان جا رنگ ڏس. هن چيو تہ اهو ڪو پري نہ آهي، سو سيني کي وٺي وڃي هڪڙي تلاءَ وٽ پهتا ۽ ان جو پاڻي اسم اعظم جي زور تي سڪائي، پوءِ تاج الملوڪ تلاءَ جي وچ ۾ وڃي، هڪڙي تختي ڪڍي، ان کي ٻاهہ ڏني تہ جادوءَ جو سڄو تلسات سڙڻ لڳو پوءِ ڪڏ کوٽي ان مان هڪڙي سوني صندوق ڪڍيائين، جنهن ۾ اهو طلسم کي ناس ڪندڙ ڪتاب ڪليدالسحر پيل هو شهزادو اهو هٿ ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هوڏانهن پرفن جو پنهنجي استاد وٽ ويو سو ان کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين ۽ چيائينس تہ هي وهڻ جو وقت نہ آهي، هلڻ جي ڪريو. بوقلمونءَ چيس: جادوگر جو ڪم روبرو جنگ ڪرڻ جو نہ آهي. تون جي بروقت اهو طريقو نہ وٺين ها تہ دشمن جيڪر گهڻن نمونن سان هلاڪ ٿي سگهي ها ۽ آخر تہ ڪٿ ٿي هليا وڃن ها. پر تو رکيو هيڏانهن پڇڻ تي زور.

پرفن چيو تہ ڪتاب ڪليدالسحر هنن ڪي هٿ اچي ويندو تہ پوءِ هيڪاري خرابي ٿيندي، تنهن تي پوءِ بوقلمون ڪيترا هزار جادوگر پاڻ سان ڪري آيو تہ اتي پهرئي ڪانہ هئي ۽ اهو قبو بہ سڙيو خاڪ ٿيو پيو هو جنهن ۾ ڪتاب ڪليد سحر بند هو. تڏهن انهن ڪي پڪ ٿي تہ ڪتاب هٿ مان ويو هليو. تڏهين پرفن چيس تہ ڪتاب تہ هٿ ڪري ويو آهي. هاڻي انسان سان لڙائي ڪرڻ واجب نہ آهي، هن جو بہ مطلب ڪو وڙهڻ سان ڪونهي، پر چندر بدن سان آهي، سا هن ڪي ڏي تہ هليو وڃي ۽ فساد جو سبب نڪري وڃي، اسين ۽ توهين مزي سان زندگي گذاري سگهون. پر بوقلمون چيس: اها ڳالھ تنهنجي برابر ڪٽي هجي، مگر ائين ڪڏهن بہ ڪين ٿيندو جو پنهنجو محبوب پنهنجي جيئري ئي، آئون دشمن جي حوالي ڪريان. باقي منهنجي مرڻ ڪانپوءِ ڪجھ بہ ٿيندو تہ ان سان منهنجو واسطو ڪونہ رهندو نڪو آئون جيئرو هوندس، نڪي اهي سور ئي ڏسندس.



چندر بدن بوقلبون جي قيد ۾

---

هاڻي هن ڪانپوءِ ممتاز ۽ جادوگرن جون جيڪي لڙايون لڳيون، سي تفصيل وار هيٺ ڏجن ٿيون.

## پهرين لڙائي: آدم گهوڙي طلسم تي ڪاهي اپيز جادوگر کي ماريو ۽ ممتاز فريب سان بوقلمونءَ وٽ قيد ٿيو.

ممتاز ڪليد طلسم کي کولي ان ۾ پڙهيو ته ان ۾ لکيل هو ته جيڪو انهيءَ طلسم تي ڪاهي، سو رهي ڪنهن اهڙي هنڌ جا زمين بلڪل خراب هجي، پر جي سٺي زمين ڏسي اتي رهندو ته ناس ٿي ويندو.

پوءِ قلعي ۾ اندر وڃي ڏسندو ته هڪڙو گهوڙي جي ۽ ٻي ماڻهوءَ جي شڪل نظر ايندس، پوءِ ڪتاب جي چوڻ موجب طريقو وٺندو ته قلعو سمورو ناس ڪندو. شهزادي ان موجب عمل ڪري اهو قلعو ناس ڪيو ۽ قلعي بابت جا ملڪ اپيز جادوگر کي خبر پيئي، تنهن برف جي بارش وسائي ته ڪتاب جي لکيل ترتيب موجب باهه جا تير وسايا ۽ نيٺ ان کي ماري جهنم داخل ڪيائين. بوقلمون ٻڌو ته ممتاز قلعو فتح ڪري جادوگر کي ماري ڇڏيو تڏهن هو پاڻ اتي آيو ۽ پوءِ ٻئي تاج الملوڪ کي پيا هيڏانهن هوڏانهن جدا جدا جاچين.

دمساز ۽ تاج الملوڪ گهمندي ڪنهن پاسي ٿورو پرپرو نڪري ويا. ممتاز اڪيلو بيٺو هو ته بوقلمون جادوگر پاڻ کي دمساز جي شڪل ۾ بڻائي ۽ دانهون ڪرڻ لڳو: اي ممتاز آئون اوچتو بيمار ٿي پيو آهيان، مران ٿو مون کي جلد اچي پهچ. ممتاز اها دانهن ٻڌي بيقراري ۽ بي صبريءَ سان پنهنجي دوست ڏانهن ويو ۽ اچي محبت مان ان کي ياڪر ۾ جهليائين. بوقلمونءَ جادوءَ جي زور تي وٺي اڏاڻو ۽ شهزادي جي زبان بند ڪري ڇڏيائين، جنهن ڪري اسم اعظم پڙهي نه سگهيو ۽ وٺي آٽي پرفن کي ڏيڪاري چيائين ته هاڻي هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

هن چيس، هن کي هڪدم ماري ڇڏجي ته هي سمورو گوڙ لهي پوي. چندر بندن به سڏائين تو وٽ رهندي، جو ٻئي ڪنهن کي طاقت ڪانهي، جو ڪيس هٿ ڪندو ۽ هن جا سنگتي هن کي مئل ڏسي آسرو لاهي ويندا.

بوقلمونءَ چيو، جادوگريءَ جي فن موجب ماڻهو مارڻ جو حڪم نه آهي، نه ته سڄو عمل هليو ويندو، باقي آئون ان کي اهڙي سخت بنديخاني ۾ رکائي ڏک ۽ بکون ٿو ڏياريان، جو پاڻهي چڙي چڙي مري ويندو. پوءِ هزار جادوگرن جي پهري هيٺ ممتاز کي قيد رکائي، انهن کي تاڪيد ڪيائين ته جي هي ڀڄي ويندو ته اوهان جي جان جو خير ڪونه رهندو.

هوڏانهن دمساز ۽ تاج الملوڪ اچي ڏسن ته ممتاز آهي ئي ڪونه. ڏاڍي فڪر ۾ پئجي ويا. آخر تاج الملوڪ چيو اها ڳالهه لشڪر جي ماڻهن جي ڪن تي نه پوڻ گهرجي، متان ان ۾ ياج پوي. انهن کي ٻڌائجي ته مهاسندر ماڻهو موڪلي گهرايو اٿس، سو جلد ئي موٽي ايندو. پوءِ دمساز ميدان ۾ وڃي لاشن کي جاچڻ لڳو ته هڪڙي ٻڍي جادوگر چيس، ڪير آهين، ڪنهن کي ٿو ڳولين؟

دمساز چيس، آئون ممتاز جو وزير دمساز آهيان، لڙائيءَ لاءِ ميدان ٿو صاف ڪريان.

هن چيس، دمساز تہ اجا اڳڪٽو هتي بيمار ٿيو ڪريو پيو هو رڙيون پئي ڪيائين تون وري ڪٿان جو دمساز بنيو آهين؟

دمساز پڇيس: پوءِ پلا اهو ڪيڏانهن ويو. چيائين تہ مونکي بي هوش ڇڏي ويو هو تنهن ڪري دمساز کي پڪ ٿي تہ بوقلمون ممتاز کي فريب سان ڦاسائي ڪٽي ويو آهي. اها ڳالهہ تاج الملوڪ سان ڪيائين، تنهن چيس تہ هاڻي تون لشڪر سنڀال، آئون انهن جو چڱي طرح واقف بہ آهيان، آئون پاڻهي ٿو شهزادي کي ڇڏائي اچان. سو جادوگرن جو ويس ڪري سڌو جيلخاني ڏي ويو. پهريدارن اندر وڃڻ جي موڪل نہ ڏنيس. انهن کي چيائين: آئون پرفن جو نوڪر جاسوس آهيان، جو ممتاز جي لشڪر جي خبر وٺڻ ويو هوس.

هنن چيس: جي جادوگر آهين تہ ڪا نشاني ڏيکار. هن ڪجهہ جادوءَ جو تماشو ڏيکارين، تڏهين اندر وڃڻ ڏنائونس. پوءِ هن اندر رهي ڳجهيءَ طرح جاچ ڪئي تہ ناحق داروغي جي سنڀال هيٺ ممتاز قيد آهي، سو وڃي ان جي نوڪريءَ ۾ رهيو ۽ روز ان سان گڏجي جيل ۾ ممتاز جي سنڀال لاءِ ويندو هو. هي سمجهندو هو تہ هي نوڪر ماڻهو آهي، ان کان ڪو خوف رکڻ نہ گهرجي.

هڪڙي ڏينهن اهو داروغو نشي جي مستيءَ ۾ چوڻ لڳو: آهي ڪو منهنجو حلالي نوڪر جو اڄ معشوق مون سان ملائي. تاج الملوڪ چيس: مون کي حڪم ڪريو تہ آئون اهو ڪم ڪريان.

هن چيس تہ وڃ. سو ٻاهر اچي جادو جي زور سان پاڻ کي معشوق بڻائي هڪڙو پيو چٽو همراهہ ڪري، اچي انهيءَ داروغي جي بغل ۾ ويٺو. شراب پاٽي جو حڪم ڪيائين، تڏهين تاج الملوڪ چيس: آئون ڪا اهڙي ڪميڻي نہ آهيان، جا هھڙين جاين ۾ ويهي توسان محفل ڪندس، ڪا جاءِ سٺي ڏيکارين تہ چڱو نہ تہ آئون وڃان ٿي.

هن چيس: پياري هوءَ جيڪا جاءِ آهي، تنهن ۾ بادشاهہ جو دشمن قيد آهي، ٻي ڪا جاءِ ڪانهي. تڏهين تاج الملوڪ چيس: اهو بادشاهہ جو دشمن آئون بہ ضرور ڏسان، نہ تہ تو وٽ نہ رهندس. تڏهين لاچار ٻن سنگتين کي چيائين: ادا هن منهنجيءَ سنگتياڻيءَ جو هي ارادو آهي، اوهين مون تي مهرباني ڪريو نہ تہ يارڙي رُسي ٿي وڃي. تڏهين اهي تہ سندس زيردست هئا، تن پنهنجي مهندار جي مرضي رکي چيو: سائين ڀلي وڃي ڏيکاريوس، انهيءَ ۾ ڇا آهي.

پوءِ اتي اندر ويا، داروغي کي چيائين تہ ڏس ڪهڙي نہ مزي جهڙي آبروءَ واري جاءِ آهي، هي بيشڪ موج ڪرڻ جو هنڌ آهي. پوءِ تہ پيالا ڀري شراب پيئڻ لڳا. تاج الملوڪ وجهہ وٺي بيهوشيءَ جي دوا گڏي ان کي ڏني، جو اتي ڍرڪي پيو پوءِ ممتاز وٽ اچي سلام ڪيائين، پر ان جي زبان بند هئي، سو اسم اعظم پڙهيائين تہ يڪدم ان جي زبان کلي پيئي. ممتاز کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. پوءِ ٻئي ڄڻا داروغي کي بيهوشيءَ ۾ ڪٽي، ممتاز واريون هٿڪڙيون وجهي، ممتاز کي معشوق جي صورت ۾ پاڻ کي داروغي جي صورت ۾ بڻائي، چوڪيدارن کي چيائين يارو اڄ مون تي مهرباني ڪريو تہ هن معشوقڙيءَ کي رات جو وڃي گهر ۾ تڪائي ڪي موجون وٺان. اوهين خبرداري ڪجو آئون اجا رات پيئي هوندي تہ وري ايندس.



تاج الملوڪ جو عورت جي ويس ۾ داروغي کي بيهوش ڪرڻ

انهن چيو سائين اوهين مرضيءَ جا مالڪ آهيو جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو. اهڙيءَ طرح اتان نڪري پوءِ پنهنجي اڱوٺيءَ ساڳيءَ شڪل ۾ ممتاز کي جادوگر جي شڪل ۾ بڻائي، جتان قلعي ۾ گهڙيو هو اتان اچي انهن کي ہڌايائين، تہ مون کي وري هاٽي ٻاهر وڃڻ جو ضرور ٿيو آهي، تن سڃاتو تہ هي ساڳيو پرفن جو نوڪر جاسوس ۽ جادوگر آهي، تن امالڪ ڇڏي ڏنس. اتان پري وڃي ساڳي شڪل بڻائي پنهنجي لشڪر ۾ اچي گڏيا ۽ دمساز سان ملي پاڻ ۾ خوشيون ڪيائون.

تاج الملوڪ پٽ تي جيلخاني ۾ لکي آيو هو تہ جيئن اوهان دغا ڪري ممتاز کي قيد ڪيو هو تيئن اوهان جي اکين ۾ سرمون وجهي ان کي وٺي ٿو وڃان.

صبح جو جان وڃي پهريدار ڏسن تہ داروغو قيد ٿيو وينو آهي، ٻي ڪابہ پهر ڪانهي. اها خبر بوقلمونءَ کي پيئي سو مٿو پٽيندو پرفن سان گڏجي اتي آيو. پٽ تي لکيل مضمون پڙهيائين. پرفن کي چيائين تہ تو تاج الملوڪ کي جادو سيکاريو تڏهين هي آفت اسان تي آئي. پوءِ هن داروغي

ڪي سخت قيد خاني ۾ بند رکيو ويو ۽ ڪامي پڇي ٻئي ڄڻا وري وڃي پنهنجي مڪان تي پهتا ۽ آئنده جو انتظار ڪرڻ لڳا.

## شاهزادي ممتاز جو سنگلاخ طلسم ڪي ڍاهي، اتي جي حاڪم جادوگر کي مارڻ ۽ وري جادوگرن وٽ ڦاسڻ ۽ ڇُٽڻ

شهزادي ممتاز وري ڪليد سحر جادو جو ڪتاب ڏٺو ۽ ان ۾ جيڪي رستا طلسم سنگلاخ کي ٽوڙڻ جا هئا، سي سڀ عمل ۾ آڻي، هن اهو طلسم ٽوڙيو ۽ اُتي جي حاڪم اسود جادوگر کي بہ خوار خراب ڪري ماريائين. اها خبر بوقلمون ٻڌي تہ پاڻ کي هڪڙو پيلو ناهوڪو جادوئي گهوڙو ٺاهي، هڪڙي جادوگر کي چيائين تہ مون کي واڳ کان جهلي ممتاز جي لشڪر ۾ وٺي هل. اهو جڏهن لشڪر جي ويجهو آيو تڏهين سپاهي ان کي قيد ڪري ممتاز وٽ ويا. جنهن چيو تہ سيس کي چڏي ڏيو ۽ گهوڙو ڏاڍو ناهوڪو آهي، سو منهنجي چڙهيۓ لاءِ بيهاريو.

دمساز کي اها ڳالهہ نہ وڻي، چيائين تہ هي سڀ جادوگرن جا کيل آهن. اوهين انهن جي ڪابہ شيءِ نہ وٺو نہ تہ نقصان هيٺ ايندا، پر شاهزادي نہ مڃيو.



ممتاز جو جادوئي گهوڙي تي سوار ٿيڻ

هڪڙي ڏينهن ممتاز شڪار جي بهاني ان گهوڙي تي چڙهيو جنهن وقت اسم اعظم جي حد لنگهي ٻاهر ويو. تڏهين گهوڙي جادو پڙهي شهزادي جي زبان بند ڪري ڇڏي. پوءِ اتي اڏاٽو. پنيان لشڪر پيس، پر پهچي نہ سگهيس ۽ لاچار موٽي اچي دمساز کي ٻڌايائون. جنهن اندر ۾ ڏاڍو افسوس ڪيو پر ظاهر ۾ انهن کي چيائين تہ اوهين ڪو خيال نہ ڪريو شهزادو جنهن ڪم لاءِ ويو آهي، سا مون کي سموري خبر آهي. پوءِ ڳجهہ ۾ تاج الملوڪ کي ٻڌايائين تہ شهزادو ڏاڍو مغرور آهي. مون ڪيترو سمجهايومانس، پر منهنجي ذرو بہ ڪانہ ٻڌائين. رڳو بي سمجهيءَ سان ٿو هلي.

جادوگرن کي بہ اسان جي چالاڪين جي خبر پئجي ويئي آهي، سي هاڻي وڏيڪ پهرين سجاڳ ٿيندا. تنهن ڪري هن دفعي اسان لاءِ ڏاڍي مشڪلات پيدا ٿي ۽ لشڪر ۾ بہ سس پس ٿيڻ لڳي تہ شهزادو قيد ٿي ويو هاڻي جادوگر اسان کي الاءِ جي ڇا ڪندا.

دمساز انهن کي چيو اجايون ٻاراٽيون ڳالهيون نہ ڪريو شهزادو بينظير جي گهرائڻ تي ويو آهي ۽ جلد ئي ايندو ماٺ ڪري وڃي پنهنجي ڪم جي ڪريو ڪو اوهان جي وار جو بہ نالو ڪونہ ٿو وٺي، اجايون رڙيون نہ ڪريو.

هوڏانهن بوقلمون جادوگر ممتاز کي ڪٽي پرفن کي ڏيکاري چيو: هاڻي آئون هن جو پورو بندوبست ٿو ڪريان، تون وڃي هن کي فلاڻي انڌاري ڪوهہ ۾ وجهہ. هن جي ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌج. باقي ماني ڪائڻ ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏجوس، جيئن مري نہ وڃي.

انهن شهزادي کي ڪوهہ ۾ وجهي اچلايو ۽ هڪڙو پهريدار مقرر ڪيائون. انهيءَ ڪوهہ ۾ هڪڙي عورت شهزادي قمر طلعت اڳي قيد هئي، تنهن کي اونداهيءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪين نظر آيو پر ٺڪاءَ جو ٻڌائين سو سمجهيائين تہ هنن پليتن شايد ٻئي ڪنهن غريب کي بہ ڪوهہ ۾ آڻي قيد ڪيو آهي، تڏهين شڪر ڪيائين تہ هڪڙي ڪان هاڻي بہ ڇٽا ٿياسون ۽ هڪ ٻئي جي ونڊر ٿي پيئي، پوءِ شهزادي وٽ اچي ان جي مٿي کي مالش ڪرڻ ۽ زور ڏيڻ لڳس، جڏهين هوش ۾ آيو تڏهين ان کان پڇيائين، تون ڪير آهين، جو مون تي ايتري مهرباني ڪري رهي آهين. ان عورت چيس: آئون ڪيوان بادشاهہ جي ڌيءَ آهيان، منهنجو نالو قمر طلعت آهي، منهنجي ڀيڻ جو نالو خورشيد طلعت آهي. هڪڙي ڏينهن اسان ٻنهي ڀينرن مٿي راند پئي ڪئي تہ هڪڙو وڏو ديو ۽ ان سان هڪ پريزاد ٻئي تخت تي چڙهي اچي لٿا، اسين تہ ٻئي اندر لڪي ويون سون. پوءِ خبر پيئي تہ اهي اسان جي واسطي آيا هئا، پر ٻي انهيءَ پريزاد کي قبول ڪيو هو مگر ديو کي قبول نہ ڪيائين. ديو جنهن جو نالو چار پهلو هو سو اتان ناميد ٿي پڳو تنهن اچي هن بوقلمون سان سنگت رکي، جو اتي اسان جي ملڪ ۾ رهي مون کي ڪٽي آيو ۽ ديو کي گهرائي منهنجي شڪل ڏيکاريائينس، جنهن چيو تہ هيءَ اها ڇوڪري نہ آهي، پوءِ اهو پريزاد لشڪر وٺي آيو مگر پهچي نہ سگهيو ۽ موٽي ويو. هن پليت جادوگر مون کي هن ڪوهہ ۾ وجهائي ڇڏيو. هاڻي تون مون کي پنهنجو حال ٻڌاءِ.

شهزادي چيس تہ منهنجو نالو ممتاز آهي، مون انهيءَ چار پهلو ديو کي ماري ساڙي خاڪ ڪرائي ڇڏيو. خورشيد طلعت منهنجي گهر ۾ آهي. آئون ملڪ بينظير جي سوال پوري ڪرڻ لاءِ

هتي آيو آهيان. جو ان جي ماسات راڻي چندر بدن هن بوقلمونءَ وٽ قيد ۾ آهي، ان کي ڇڏائڻ لاءِ آيو آهيان. هاڻي تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. خدا گهريو تہ آئون هن جادوگر کي بہ مارينديس ۽ توکي وني هلي تنهنجي پيءُ سان ملائينديس.

قمر طلعت چيس تہ هتان نڪرڻ جي هڪ اٽڪل آهي تہ پاڻ ساهہ بند ڪري پاڻ کي مئل ڄاڻايون. پوءِ هو اسان کي مئل ڄاڻي ڪيڏي ٻاهر اڇلائي ڇڏيندا. انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ آهي. شهزادي کي بہ اها ڳالهہ وڻي. انهن ٻنهي ڪيترا ڏينهن ساهہ بند ڪرڻ جو استعمال ڪيو جڏهين پوري مشق ٿي، تڏهين ممتاز داروغي کي ٻڌايو تہ عورت جيڪا بند ڪئي وئي هئي، سا مري ويئي آهي، سو تون بادشاهہ کي ٻڌاءِ. داروغي وڃي ان کي ٻڌايو تنهن وري چيو تہ ٻلي ٻيو قيدي مري تہ پوءِ ٻنهي کي گڏي ڪيندا سون. پوءِ هڪڙي ڏينهن شهزادي بہ ساهہ کي بند ڪيو ۽ جيڪو سڏ مٿان داروغو ڪري تنهنجو جواب اصلي بس! تڏهين بادشاهہ کي وڃي ٻڌايائين تہ سائين هاڻي اهو ٻيو قيدي بہ مري ويو.

بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي پرفن جادوگر کي پاڻ سان گڏي اتي وني آيو ماڻهو موڪالي انهن جا لاشا کوهہ کان مٿي آندا ويا ۽ ٻاهر ڪيڏائي چڱي طرح انهن جي چڪاس ڪئي وئي. معلوم ٿيو تہ برابر مري ويا آهن. تڏهين بادشاهہ چيو تہ ممتاز جو لاشو سندس لشڪر اڳيان وڻ ۾ ٽنگائجي ۽ هن عورت کي سڙڪ جي ڪنهن وڻ سان ٻڌائجي تہ انهن جا وارث پاڻهي اچي ويندا. نوڪرن انهيءَ موجب ڪيو. ممتاز جي لشڪر جڏهين لاشو ڏٺو تڏهين دمساز کي ڇوڙڻ لڳا تہ تو چيو ٿي تہ شهزادو ملڪ بينظير ڏانهن ويو آهي، سا ڳالهہ ڪٿي، هاڻي اسين ڪنهن جي لاءِ وڙهون. دمساز چيو: هيءَ سموري جادوگرن جي لچائي آهي، جي جادوءَ جي زور تي هي ڪم ڪري رهيا آهن. نہ تہ در حقيقت هي لاش شهزادي جو نہ آهي. مون کي اڄڪلهہ شهزادي جو خط پهتو آهي، پوءِ آئون ڪيئن اعتبار ڪريان تہ اهو لاشو شهزادي جو سچو پچو آهي.

هوڏانهن پرفن لشڪر وني اچي وڙهڻ لڳو پر بهادريءَ ۾ ڪٿي ڪين سگهيو ۽ دمساز پهلواني سان ان کي پڇائي ڪڍيو. آخر رات جڏهين شهزادو اتان پاڻ کي جوڙي لشڪر ۾ اچي ڏسي تہ دمساز ۽ تاج الملوڪ پويان پير ڪري پڇڻ جي تياري ۾ آهن تہ مٿان ممتاز بہ اچي السلام عليڪم ڪئي ۽ چيائين تہ واهہ جي مدد ٿا ڪريو پڇڻ لاءِ تيار وينا آهيو ٻئي پيرن تي ڪري پيا ۽ پنهنجا گناهہ قبول ڪيائون. ممتاز چين تہ آئون جهٽ پٽ ۾ اچان ٿو پوءِ ويو ۽ قمر طلعت کي بہ وڻ مان ڇوڙي وني پاڻ سان گڏ لشڪر ۾ آيو ۽ هڪڙو خلاصو تنبو رهڻ لاءِ ڏنائينس ۽ سڄي رات هڪ ٻئي کي حال احوال ڏيندي خوشيءَ ۾ گذاريائون.

صبوح جو لشڪر جڏهين شهزادي کي چڱو ڀلو ۽ سلامت ڏٺو تڏهين چيائون دمساز جي ڳالهہ بيشڪ سچي هئي، اسان مفت ڪٽي همت هاري هئي. اڳتي اسين جادوگرن تي ڪو اعتبار ڪونہ ڪنداسون. وري بہ بوقلمونءَ کي خبر پئجي ويئي تہ ممتاز پاڻ تہ بچائي ويو پر قمر طلعت کي بہ وني ويو. بوقلمون ڇوڙڻ لڳو: خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيڻو آهي، پاڻهي ڏسي رهبو. پوءِ شهزادي ممتاز رائل بحري ڏانهن هڪڙي ديوَ هٿان خط موڪليو.

جيتوٽيڪ رائل بحري ممتاز جو واقف ڪونہ هو پر ٻڌو هئائين تہ آدم زاد باوفا آهي، مگر ديون ۽ پرين تي سندس حڪم آهي. جڏهين ديو ڪي قاصد طور ڏنائين، تڏهين تہ هيڪاري ڏاڍو عجب لڳس. پوءِ خط کولي پڙهيائين. ان ۾ شاهزادي لکيس تہ تو جا قمر طلعت جي سڱ جي گهر ڪيوان شاهہ کان ڪئي هئي ۽ جا اتفاق سان بوقلمون جادوگر جي قيد ۾ بند هئي، تنهن کي آئون ڇڏائي آيو آهيان. اوهين جلد ايندا ۽ قمر طلعت کي پاڻ سان وٺي ويندا.

هن اهو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ڪئي ۽ يڪدم ممتاز وٽ آيو ۽ هڪ ٻئي کي خبرون چارون ڏنائون. شاهزادي چيس تہ قمر طلعت کي وٺي وڃ. آئون بہ هتان هنن جادوگرن کي ماري، پوءِ ايڏاهين ايندس. هن چيو تہ اهو واجب نہ آهي، جو هن وقت توهين منهنجا گويا سنڌو آهيو سو اوهان کي ڏکن ۾ ڇڏي آئون وڃي گهر سکيو ٿيان، اها ڳالهہ نهي نٿي. آئون اوهان سان گڏ رهي، انهن جادوگرن جي پاڙ پٽي پوءِ گڏجي هلنداسون.

شهزادي چيس تہ اوهان جي وڏي مهرباني، پر هتي لڙائي زور ۽ بهادريءَ جي ڪانهي، پر جادو جي علم ۽ عقل ۽ فريب جي آهي. اوهين هينئر بلاشڪ وڃو پوءِ اوهان جي گهرج پوندي تہ ڪو پري ڪونہ آهيو. پوءِ رائل بحري شهزادي کان موڪلائي پنهنجي ملڪ ڏانهن ويو.

## شهزادي ممتاز جو نيرن جاٽ قلعي کي ڊاهي، ان جي حاڪم جادوگر کي جهنم ۾ موڪلڻ ۽ وري قيد ۾ ڦاسڻ

شهزادي ڪليد السحر ڪتاب مان ڏسي، ان جي هدايت موجب هي طلسم بہ ڀڳو ۽ ان جي حاڪم کي ماريو. اها خبر بوقلمون کي پيئي سو مٿي ۾ ڏوڙ وجهي رئڻ لڳو تہ چا ڪريان جو هن انسان مون کي ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي، سو چا ڪيائين جو اتي اچي تاج الملوڪ جي شڪل ۾ پاڻ کي ڪري، منزل گاهہ جي پرسان جادوءَ جي گپ ٺاهي، ان ۾ ڪري دانهون ڪرڻ لڳو ۽ ممتاز کي پڪاري چوڻ لڳو: آئون تنهنجو سچو دوست اچ مران ٿو مون کي اچي ڇڏاءِ.

شهزادو پنهنجي دوست جون دانهون ٻڌي ڊوڙي آيو ۽ پري کان بيهي چائينس: پلاڙي حرامي! روز تو هڪڙي نہ ٻي راند ڪيڏين، توکي سڃاڻان ٿو تہ بوقلمون جادوگر آهين. تڏهين جادوگر تاج الملوڪ جي صورت ۾ چوڻ لڳو: شهزادا! سچ آهي تہ ڪوبہ ڏکي مهل ڪم اچڻ وارو نہ آهي. ڪالهوڪي ڪالهہ توکي قيد مان مون ڇڏايو.

اهو مهڻو شهزادو سهي نہ سگهيو ۽ وڃي وٽس مدد لاءِ پهتو. يڪدم جادوگر سندس زبان بند ڪري، هوا ۾ اڏائي ڪٽي ويس ۽ قلعي ۾ آٽي، تلاءَ ۾ جادوءَ جون مڇيون پيدا ڪري، هن کي بہ مڇيءَ جي صورت ۾ آٽي، انهن سان گڏي ڇڏيائين ۽ پرفن کي اها ڳالهہ ٻڌايائين، تنهن چيس تہ هاڻي اها ڳالهہ ظاهر نہ ڪريو نہ تہ دمساز چالاڪ آهي، هن کي ڇڏائي ويندو.

جڏهين ممتاز بوقلمونءَ جي دانهن تي ڊوڙي ويو، تڏهين دمساز اهو رنگ ويٺي ڏٺو. ڪيترين

دانهون ڪيائين ۽ هن کي سڏ ڪيائين. پر ان جي زبان جادوگر بند ڪري ڇڏي هئي. تنهن ڪري ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو. دمساز وري بہ اچي تاج الملوڪ کي ٻڌايو. هن لشڪر کي وري بہ ٻڌايو تہ شهزادي کي مغز ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي اچي تہ سچ ڇا آهي ڪوڙ ڇا آهي. سي ويچارا صبر ڪري خدا تي توڪل رکي ماٺ ۾ رهيا.

دمساز صلاح ڪري رائل بحري کي گهرائڻ جي تجويز ڪئي. تہ اهو بہ اڪابر آهي. پل تہ اچي شامل ٿئي. سو ساڳئي ديوَ کي خط ڏنائون. جيڪو اڳي خط کڻي ويو هو تنهن وڃي ٻڌايس تہ شاهزادو هن طرح گم ٿي ويو آهي. سو يڪدم چڙهي آيو. دمساز ٻڌايس تہ هن دفعي درياهہ ڏانهن بوقلمون ان کي کڻي ويو آهي. پوءِ رائل بحري لشڪر کي دلاسو ڏيئي. خوب خوشيون ۽ ڳانا بجانا ڪري. شڪار جي بهاني درياهہ ڏانهن نڪري ويا. اتي درياهي جانورن کان تلاش ڪيائون. پر پتو ڪونہ پيو. نيٺ مڇين کي حڪم ڏيئي گهرائي. انهن کي چيائين تہ جيڪي جادوءَ جون مڇيون هجن سي جدا ٿين ۽ شهزادو ممتاز مڇي جي صورت ۾ هجي تہ جدا ٿئي. شهزادو يڪدم نڪري جدا ٿيو ۽ پوءِ حوض ۾ وڃي وڌائونس تہ يڪدم ساڳي صورت ۾ آيو. سيئي پاڻ ۾ مليا ۽ خوش ٿيا.

### شهزادي جو هفت جشن طلسم ڊاهي قيد ٿيڻ ۽ ڇوٽڪارو لهڻ

ممتاز وري ڪليد السحر ڪتاب کولي ڏٺو ان ۾ لکيل هو تہ هن قلعي جي پرسان جيڪو وڻ آهي. اتي لشڪر ترسائي. اندر اڪيلو وڃبو تہ حمام ڏسبو ۽ حام جو چوڪيدار وهنجڻ جو سمورو سامان پيش ڪندو. انهيءَ کي ونڻ کان انڪار ڪري. ڪپڙا لاهي. يڪدم ان ۾ ٽپو ڏبو تہ هڪڙي سر تي پير وڃي ڪپندو ان سر کي پاسي ڪري. تہ هٽبي تہ سامهون ڏيئو نظر ايندو ان جي مٿان لوهي تختو هوندو ان جي مٿان پٿر هوندو. ان تي اسم اعظم پڙهي اڇلائبو تہ اهو سڄو حمام ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو پوءِ ڪپڙا پائي انهيءَ پٿر کي پيچبو تہ اهو سڄو طلسم پڇي پوندو. شهزادو اڃا ان جي تياريءَ ۾ هو تہ هڪ قاصد اچي خط ڏنو جنهن تي بوقلمون جي مهر هئي. دمساز اهو خط ونئي اسم اعظم سان پڙهيو تہ ان ۾ ڪوبہ ڦيرڦار ڪونہ ٿيو تڏهين سمجهائين تہ ان خط ۾ ڪا خرابي ڪانهي. اهو خط پرفن جادوگر موڪليو هو ۽ لکيو هئائين:

> اوهين بوقلمونءَ تي ضرور فتح پائيندا ۽ رائل بحري بہ اوهان جو دوست آهي. جا ڳالهہ ڏسي مون کي خوشي ٿي آهي. اوهين رائل بحري جي مون سان دوستي پيدا ڪريو. باقي آئون اوهان جو دل جان سان نيازمند ۽ وفادار ٿي رهندس. آئون جيڪر هينئر ئي اوهان جو پاسو وٺان. پر بوقلمون مون کي نقصان پهچائيندو. اهو وقت جلد ايندو جنهن ۾ پاٽيهي اوهان جي خدمت ڪندس. آئون پنهنجي اڳ ڪيل هلتن جي معافي ٿو وٺان.

**لکندڙ پرفن جادوگر**

دمساز ۽ تاج الملوڪ چيو تہ هن خط ۾ ڪا ضرور دغا رکيل آهي. شهزادي چيو تہ مون کي هن مان وفادريءَ جي بوءِ ٿي اچي، ڇو تہ هن جو ملڪ رائل بحري سان گڏيل آهي، تنهن ڪري هن کي خطرو پيدا ٿيو آهي. پوءِ ممتاز جواب لکيس:

اسين توکي دل جان سان چاهيون ٿا. تون رائل بحري جو خيال نہ ڪر، هو تنهنجو سچو دوست ٿي رهندو. ان جو اسين ذمون ٿا کڻون.

## لکندڙ شهزادو ممتاز

اهو خط پرفن پڙهي، پوءِ بوقلمونءَ کي اچي چيو تہ گهڻا ڏينهن ٿيا آهن ۽ آئون پنهنجي ملڪ جي بہ تہ وچي خبر چار وٺان. هن چيس تون پاڻهي آيو هئين، مون توکي ڪونہ گهرايو هو وڃڻو اٿئي تہ بيشڪ وڃ. پوءِ هو پنهنجي ملڪ ڏانهن ويو. ممتاز کي بہ اها خبر جاسوس آٽي پڏائي، تنهن کي خوشي ٿي. پوءِ ڪتاب ۾ جيئن لکيل هو تيئن ڪارروائي ڪري، اهو طلسم بہ ڍاهي ناس ڪيائين ۽ اتي جي حاڪم کي بہ جهنم رسيد ڪيائين.

بوقلمون اها خبر ٻڌي پاڻ خورشيد طلعت جي شڪل ورتي ۽ ٻين جادوگرن کي ان جي سهيلين جي صورت ۾ آڻي، پوءِ شهزادي کي خط لکيائين تہ اوهان جي ڏنل غيبي گل کي ڪوماڻل ڏسي، منهنجي دل رهي نہ سگهي ۽ اها بہ خبر پئي تہ اوهان قمر طلعت کي بہ بند مان آزاد ڪرايو آهي، ان جي ڏسڻ جي بہ سڪ هيم، تنهن ڪري ملڻ لاءِ هلي آئي آهيان، ڪاوڙ نہ ڪندا ۽ ملاقات جو حڪم ڏيندا.

شهزادي کي خط پڙهي ڪاوڙ چڙهي ويئي ۽ چيائين تہ تمام خراب عورت ڇٽبي جا هڙي خوفناڪ ملڪ ۾ اڪيلي آئي آهي. جواب ڏياري موڪليائين، تہ تو جهڙي بدڪار عورت کي ملاقات جو وجهہ نہ ڏبو. تاج الملوڪ چيو شاهزادا ائين نہ ڪريو هيڪر ساڻس ملو پوءِ پاڻهي ڏسبو تہ ڇا آهي. دمساز ۽ تاج الملوڪ جو چيو مڃي، شاهزادو ان ساڻ مليو ۽ پوءِ خلاصي تنبوءَ ۾ خورشيد طلعت آئي، اچي پيرن تي هٿ رکي چيائين تہ مون ڏوهہ ڪيو آهي، پر سڪ جي ڪري پاڻ کي جهلي ڪين سگهيس ۽ لاچار اچڻو پيو. پوءِ ڳالهين ۾ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڏوراپا ڏيڻ بعد نهي ويا.

شهزادي رائل بحريءَ کي خط لکي قمر طلعت کي بہ گهرايو. جڏهين تيئي ڄڻا ويٺا، تڏهين شهزادي کي اسم اعظم جو خيال نہ رهيو. جادوگر وجهہ وٺي، ان جي زبان بند ڪري، تنهي کي کڻي اڏامي ويو ۽ ڪيس وچي پنهنجي ملڪ ۾ ڪيديائين.

پرفن کي چيائين تہ هاڻي آئون لڏوئي لٽ ڪري آيو آهيان. هاڻي هنن کي اهڙي رستي بند رکجي جو ڇٽڻ جي ڪا واهہ نہ رهي.

پرفن دل ۾ چيو تہ مون اڃا ڪالهہ تازو شهزادي سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيو آهي، تنهن ڪري ان جي مدد ڪري، ان تي ٿورو ڪري ڇڏڻ گهرجي. تڏهين بوقلمون کي چيائين تہ هن دفعي اهي پاڻهون منهنجي حوالي ڪري، پوءِ وينو رنگ ڏس. هن چيو تہ دوست منهنجي بہ اها مرضي آهي تہ ڏينهن جو اوهين پاڻ وٽ رکي رات جو مون ڏانهن موڪلجو.

صبوح جو دمساز کي خيال ٿيو تہ وڃي شهزادي کي ڏسان. جان وڃي ڏسي تہ تنبو خالي ۽ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. وري بہ لشڪر ۾ پڌرو ڪيائين تہ شهزادو ڪيڏانهن ٻاهر ويو آهي، اوهين تيسين صبر ۾ رهو.

ماٺهو ويچارا اڳيئي هِريا پيا هئا، تن ڪٽي ماٺ ڪئي. پوءِ دمساز تاج الملوڪ کي چيو تہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي، جو ڪيترائي دفعا هي شيطان جادوگر اسان کي اکين ۾ ڌوڙ وجهيو وڃي، انهيءَ لاءِ ڇا ڪجي! انهيءَ فڪر ۾ خيال پچائيندا رهيا.

هيڏانهن ڇا ٿيو جو بوقلمونءَ جيڪي ٻانهون پرفن جي حوالي ڪيون، سي هو وٺي سڌو شهزادي جي منزل گاهہ تي آيو ۽ چيائينس تہ مون پنهنجي دوستيءَ جي سچائيءَ جو حق ادا ڪيو آهي، هاڻي اوهان جي وس منهنجي عزت آهي، پر ايترو سو ڪجو جو مهرباني ڪري هفتو ڪن پاڻ کي لڪائجو ۽ ظاهر نہ ڪجو.

شهزادي ان کي تسلي ڏني تہ تون هاڻي اسان کي پنهنجو پورو خير خواهہ ڄاڻ ۽ رائل بحري کي بہ پنهنجو سچو دل جو دوست سمجهہ. پوءِ پرفن موڪلائي هليو ويو.

هفتي کان پوءِ ممتاز رائل بحري ڏانهن لکيو تہ بوقلمون مون کي ۽ شهزادي قمر طلعت کي هن طرح نڳي ڪري وٺي ويو هو جنهن ۾ پرفن جادوگر پنهنجي سر تي وڏو جوکو سهي، اسان کي سلامت پنهنجي جاءِ تي پهچايو آهي. اوهين هاڻي هميشہ لاءِ هن تي مهربانيءَ جي نظر رکندا ۽ قمر طلعت کي وٺي ويندا.

رائل بحري ڳالهہ ٻڌي اول پرفن سان مليو ان کي شاباس ڏيئي سندس احسان مڃي، دل جان سان دلاسو ڏنائينس، تہ تون منهنجو ياءُ آهين، جو تون منهنجي لڄ کي بچايو آهي. هاڻي ڪوبہ خوف نہ ڪريو. پوءِ شهزادي وٽ آيو. حال احوال ڏيئي وٺي قمر طلعت کي پاڻ سان واپس وٺي ويو.

بوقلمونءَ کي جڏهين اها خبر پهتي، تڏهن ڪامي ويو ۽ سمجهيائين تہ اها حرڪت پرفن جي آهي، جو مون کان هينئر ڦري ويو آهي، پر حرڪت ڪانهي. هينئر تہ آئون پنهنجي ئي مونجهاري ۾ آهيان، جڏهين هتان واندو ٿيندس، تڏهين پرفن جي خبر آئون اهڙيءَ طرح وٺندس، جو دنيا ڏسندي. پوءِ انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ ٻڏل ئي رهجي ويو.

## شاهزادي جو هزار آفت طلسم کي ڊاهڻ ۽ آدم خورن جي قيد ۾ پوڻ ۽ اتان ڇٽڻ

شهزادو پرفن جادوگر جي مدد سان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اچي پنهنجي لشڪر ۽ سنگتين سان مليو ۽ هزار آفت طلسم ڊاهڻ جو ارادو ڪيائين. ڪتاب ۾ لکيل هو تہ اهو ڳرو طلسم آهي، جنهن جي وک وک تي آفتون آهن، تنهنڪري سنيالڻ کان سواءِ سلامت موٽڻ جي اميد نہ رکڻ گهرجي.

ممتاز ان ڪتاب جي حڪم موجب لشڪر کي مقلم رياض ۾ ترسائي، انهن جي چوڌاري اسم اعظم جو ڪڙو چاڙهي، تاج الملوڪ ۽ دمساز کي اتي نظرداريءَ جي تاڪيد ڪري، پاڻ انهيءَ لڪل تختي جي وسيلي ڪم پورو ڪري، سڄي باغ کي نابود ڪري، وري اچي لشڪر سان مليو.

جڏهين اصغر جادوگر انهيءَ قلعي جي حاڪم ٻڌو تہ دشمن سجو باغ ويران ڪري ڇڏيو
تڏهين جادوءَ جو ڪم ڇڏي، لشڪر وٺي لڙائي لاءِ ميدان تي آيو.
ٻنهين طرفان جا لشڪر اچي گڏيا. سخت جنگ ٿي، جنهن ۾ اصغر آخر مارجي ويو. باقي
لشڪر ڀڄي ويو ۽ بوقلمون اها خبر ٻڌي تہ اصغر مارجي ويو ۽ طلسم بہ ڏانوانڊول ٿي ويو. تڏهين
وري ممتاز جي قاسائڻ لاءِ روانو ٿيو. شهزادي ميدان ۾ قتيل لشڪر جي پٺيءَ جاچ ڪئي تہ هيءَ بہ
وجهہ ڏسي لشڪر ۾ داخل ٿيو. سيئي گڏجي منزل تي آيا ميراثي ۽ ڳائڻ وارا فتح جي مبارڪباد لاءِ
اچي گڏ ٿيا، مجلس شروع ٿي.
بوقلمون هڪڙيءَ ڳائڻيءَ جي صورت ۾ منهن تي برقعو پائي نچڻ لڳو ۽ ڪنهن وقت منهن کولي
ماڻهن کي ديدار ٿي ڏيکاريائين تہ ماڻهو حيران ٿي پئي ويا. ممتاز بہ ان تي عاشق ٿي پيو ۽ ان کي
ترساياڻين تہ توسان اڪيلائي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪبي. پوءِ ٻين سڀني کي انعام ڏيئي موڪل ڏنائين. مگر ان
ڳائڻ واريءَ کي روڪي ڇڏيائين. اڪيلائيءَ ۾ ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. شاهزادي کي وري بہ اسم اعظم
جو خيال دل تان لهي ويو. جادوگر منتر سان سندس زبان بند ڪري، ڀاڪر ۾ ڪٽي وٺي آسمان ڏانهن
اڏاڻو ۽ وڃي پنهنجي قلعي ۾ لاٿائينس. پوءِ پنهنجي صلاحڪارن سڀني کي گهرائي چيائين تہ هن
انسان زادي منهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا دفعا آئون ان کي قيد ڪريو ٿو اچان ۽
طرحين طرحين حيلا ڪيا اٿم، مگر ڪنهن نہ ڪنهن اٽڪل سان هو پاڻ کي ڇڏايو وڃي، هاڻي صلاح
ڏيو تہ ڇا ڪجي. هن کي ماري ڇڏڻ جادو جي علم جي برخلاف آهي، باقي ٻي ڪا صلاح ڏيو.
انهن مان هڪڙي چيو: سائين هن جي لاءِ ٻيو ڪو علاج سواءِ هن جي ڪونهي تہ ٿهور شاهہ
آدم زاد جو قاصائي مشهور آهي، ان کي وڪڻجي. پڪ آهي تہ پاڻهي ان کي ڪهي ڪائي ڇڏيندا ۽
ملڪ تان هيءَ آفت لهي پوندي.
سڀني کي توڙي خود بادشاهہ کي بہ اها ڳالهہ پسند آئي. پوءِ ٿهور شاهہ جي سڀني قاصدن کي
گهرائي چيائين تہ هڙو تلهو ڪرو وري اوهان کي ٻيو ڪونہ ملندو جي گهڻا پئسا ڏيو تہ اوهان جي حوالي
ڪريان، انهن ناڪار ڪئي تہ اسان جي ڪم جو نہ آهي. تڏهين ممتاز جو انهن آدم خورن جي ٻولي
ڄاڻندو هو تنهن انهن کي چيو تہ ناڪار نہ ڪريو ۽ پلي وٺو بيشڪ مون کي خبر آهي، تہ بادشاهہ هيئنر
ماڻهن ڪائڻ جو ڪم بند ڪري ڇڏيو آهي، پر اوهين مون کي هيئنر هتان وٺي هلو تہ اتي هلي اوهان کي
سڀ ڳالهيون ٻڌائيندس. تڏهن قاصائن سڄاتو تہ هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جيڪو اسان جي بادشاهہ
وٽ اڳي آيو هو تن ماٺ ڪري جادوگر جيڪي بہ پئسا گهريا سي انهن کي ڏيئي، شهزادي جي ٻانهن وٺي،
سڌو وڃي ڪيس بادشاهہ جي حوالي ڪيائون، جو شهزادي کي ڏسي سڃاڻي ان کي ڀاڪر پائي مليو.
پوءِ حال احوال ڏنائون ورتائون. ممتاز چيس تہ آئون پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ آيس، هنن جا
طلسم ۽ جادو سڀ پيچي پورا ڪيا اٿم، پر هي ڪنهن نہ ڪنهن فريب سان مون کي قيد ڪيو ٿو
وڃي ۽ مارڻ جو هنن کي حڪم نہ آهي، سو سخت بنديخاني ۾ رکائي ٿو جتان خدا جي فضل سان
آزاد ٿيو وڃان. هن دفعي ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي مون کي اوهان جي ماڻهن وٽ وڪيائين، سمجهيائين

تہ اهي ڪهي مون کي ڪائيندا، اوهان جي ماڻهن کي جا اوهان جي منع ڪيل آهي، تنهنڪري هنن ونڻ جي نٽي ڪئي، پر مون پنهنجي جند ڇڏائڻ جو اپاءُ سمجهي ٻوليءَ ۾ انهن کي سچاٽپ ڪرايم ۽ چيو تہ ڀلي مون کي ونو تہ هن کان منهنجي جند ڇٽي. پوءِ اوهان جي ماڻهن کي بہ شاباس هجي جن منهنجي ڇوٽڻ موجب دل جهلي مون کي ورتو ۽ انهيءَ ڪري ملاقات نصيب ٿي، ٻيو خير آهي.
بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ شهزادا شڪر آهي جو اوهان کي زندهہ ڏٺوسون. پوءِ ڪيترا ڏينهن ٽڪائي مهماني ۽ خاطر داري ڪري، پنهنجا ماڻهو گڏي ڏنائينس، جي شهزادي کي سندس لشڪر ۾ ڇڏي آيا. شاهزادو هر هڪ سان مليو ۽ پنهنجي سنگت ن ملي احوال ڏنائون ورتائون ۽ سڄي رات خوشيءَ ۾ گذاريائون.

## شاهزادي جو سر گردان طلسم کي ڊاهڻ ۽ وري قيد ۾ پوڻ ۽ ڇوٽڪارو لهڻ

شاهزادي ڪليد سحر ڪتاب کولي هن طلسم جو بيان پڙهيو. معلوم ٿيس تہ هي طلسم ڏاڍو ڪو خوفائتو آهي، جنهن ۾ جيڪو ويو سو وري سلامتيءَ سان ڪونہ موٽيو پر تاڪيد ڪيل هو تہ اسم اعظم کي هٿان نہ ڇڏيو جي ڪو ٿورو وقت ان کي وساريو ويو تہ پوءِ سلامتيءَ جي اميد نہ رکڻ گهرجي.
۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ ان ۾ هڪڙو مقام آهي، جنهن ۾ ڪي پيرن جون قبرون آهن، اتي لشڪر کي بيهاري اڪيلو اڳتي وڃڻ گهرجي. واٽ تي وڏو درياهہ ڏسبو ۽ منجهي پئبو تہ هي درياهہ ڪيئن اڪربو پر اسم اعظم پڙهڻ ڪري درياهہ سڪندو ويندو ۽ لنگهي پار پئبو پوءِ اڳتي خوفائتا جانور نظر ايندا، جن کي بہ اسم اعظم جي برڪت سان ماربو. پوءِ انهن جو اڳواڻ هڪڙو هاٿيءَ کان بہ وڏو جانور ڏسبو جنهن جي وات مان باهہ جا شعلا پيدا نڪرندا. پر اسم اعظم جي شوڪارڻ سان ان جو قد ننڍي ڪتي جيڏو ٿيندو ان کي ڏڪ هڻي ماري، ان جي پيٽ مان طلسم جي تختي ڪڍي، ان کي باهہ ڏبي تہ اهو سڄو طلسم خاڪ ٿي ويندو. پوءِ هٿن جي صفائي يعني لڙائي ٿيندي، ان ۾ جيڪو ڏاڍو سو ڳاڀو ٿيندو.
شهزادي ان موجب عمل ڪيو. درياهہ پار لنگهي جانورن کي ماري، ان وڏي جانور جو خاتمو ڪري، ان جي پيٽ مان تختي ڪڍي ان کي ساڙي ڇڏيائين تہ سڄو طلسم برباد ٿي ويو ۽ صاف ميدان ڏسڻ ۾ آيو ۽ شهزادو وڃي پنهنجي لشڪر سان گڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ ان قلعي جو حاڪم لشڪر وٺي آيو شهزادي بہ لشڪر کي تيار ڪيو. سخت لڙائيءَ ڪانپوءِ اهو حاڪم مارجي ويو فتح جا نغارا وڄي ويا. بوقلمونءَ جڏهن ٻڌو تہ هي قلعو بہ برباد ٿي ويو تڏهين اٽڪل ڪري شهزادي کي ڦاسائڻ لاءِ اتي پهچي ويو ۽ سوداگر جي ويس ۾ اچي دربان کي چوائي موڪليائين تہ آئون وڏو سوداگر آهيان، مون سان خزانو گهڻو آهي، سو متان رات جو ڦر مار ڪري مون کان کسيو وڃي، تنهنڪري مون کي پناهہ ڏيو تہ رات جا پهر گذاري صبوح جو هليو ويندس. شاهزادي چوائي موڪليس تہ هي جادوگرن جو ملڪ آهي، اسين ڪنهن کي پناهہ ڏيئي نٿا سگهون. توکي جيڏانهن کپي تيڏانهن وڃي رهہ. هو لاچار تنبوءَ جي ٻاهران رهي پيو.

هن پنهنجي همراهہ جادوگرن کي سمجهائي سيڪاري ڇڏيو هو تہ رات جو اوهين اچي مون کي ڦرجو آئون دانهون ڪندس تہ پاڻهي مون کي اندر وٺي ويندا. اڌ رات مهل هن جي سيڪارڻ موجب ٽي چار ماڻهو اچي ان کي مارڪٽ ڪرڻ لڳا. هن وٽي گهوڙا گهوڙا رڙيون ڪيون، تنهن تي شهزادو ۽ دمسازۂ تاج الملوڪ نڪري ٻاهر آيا، چور ڀڄي ويا، پوءِ هن ميڙ منٿ ڪئي، تڏهين شهزادي کي قياس پيو ۽ وٺي اندر وڃي سمهڻ جي هڪڙي پاسي ڪان جاءِ ڏنائونس. پوءِ سيڪو وڃي سمهيو ۽ هرهڪ کي ننڊ اچي ويئي، مگر بوقلمون جاڳندو رهيو جڏهين سڀني کي ننڊ ۾ غافل ڏٺائين، تڏهين منتر سان شهزادي جي زبان بند ڪري، ان کي ننڊ ۾ ڪٽي اُڏاڻو ۽ اچي پنهنجي قلعي ۾ لاٿائينس.

هن دفعي خيال ڪيائين تہ پڃري ۾ بند ڪري، هر وقت پنهنجي نظر اڳيان سامهون رکائنس تہ پوءِ ڪنهن جي مجال آهي، جو هتان ان کي وٺي ويندو اهو خيال ڪري ممتاز کي هڪڙي لوهي پڃري ۾ بند ڪرائي، رات ڏينهن پنهنجي سامهون ڪٽي رکيائينس.

هيڏانهن دمساز ۽ تاج الملوڪ صبح جو اٿن تہ نڪو ممتاز نڪو سوداگر، تڏهين سمجهيائون تہ اهو سوداگر ڪونہ هو پر بوقلمون هو جو نڳيءَ سان شاهزادي کي ڪٽي ويو پوءِ تہ ڏاڍا نااُميد ٿي پيا. هن دفعي هن ملعون ڪان شهزادي جو سلامتيءَ سان بچڻ مشڪل آهي، انهيءَ فڪر ۾ پيهہ پڇائيندا رهيا تہ هاڻي ڪهڙو رستو ان جي ڇوٽڪاري جو وٺجي، انهيءَ حيرانيءَ ۾ ڳڻتيون پڇائيندا رهيا.

هيڏانهن وري چا ٿيو جو الفور شاهہ کي بوقلمون ۾ ڪو ڪم هو سو ان جي ملاقات واسطي آيو جادوگر ان کي عزت آبرو سان وهاريو. هڪ ٻئي کي حال احوال ڏنائون ورتائون تہ ايتري ۾ الفور شاهہ جي نظر وڃي ممتاز تي پيئي ڏاڍي تعجب ۽ ارمان ۾ پئجي ويو پر خاموش رهيو ۽ بيپرواهيءَ سان ويٺي ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ بوقلمون ڪنهن ڪم سانگي اٿي ٻاهر ويو الفور شاهہ شهزادي کي اشاري سان دلجاءِ ڏني ۽ پنهنجي ٻورچي کي گهرائي چيائين تہ آئون توکي حڪم ڏيندس تہ اج هي ماڻهو کهي ڪباب ناهي اچج. پر تون مون کي هائو ڪري وڃج. پوءِ هن کي وٺي سندس لشڪر ۾ راتو واهہ پهچائي اچج. نوڪر کي سمجهائي ٻاهر موڪليائين تہ تيسين جادوگر بہ اچي ويو ان ڪان پڇيائين تہ هي ٿلهو ٻڪرو ڪٿان هٿ آيو اٿئي.

هن چيو تہ آدم زاد مون کي ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي، منهنجو ڪارخانو سڄو ڊانواڊول ڪري ڇڏيو اٿس، ڪيترا ڀيرا هن کي قيد ۾ رکيو اٿم، پر اٽڪل سان جند ڇڏايو وڃي، تنهنڪري هن دفعي تہ پنهنجي نظرن اڳيان پڃري ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿم، جيئن نڪري نہ وڃي.

الفور شاهہ چيس: منهنجي حوالي ڪرينس تہ سانجهيءَ ڪو قيمون ڪباب ڪريون، جو گهڻن ڏينهن کان وٽي اهڙي ڇهر جي نہ ملڻ ڪري وات ڦڪو ڦڪو ٿي پيو آهي. جادوگر چيو: واهہ اها تہ مون تي مهرباني ڪندين، ڏاڍو وڏو احسان ليکيندس.

تڏهين الفور شاهہ پنهنجي ٻورچيءَ کي گهرائي چيو: اج رات جو تہ هي ٻڪرو کهي، ان جو ڪباب ڪري منهنجي دستر خوان تي حاضر ڪج. هن چيو: حاضر سائين.

شهزادي کي ڪِڏي ٻاهر وٺي ويو ۽ راتو واهہ وچي لشڪر ۾ پهچاياائينس. صبوح جو الفور شاهہ چڙهي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو. شاهزادو وچي پنهنجي سنگتين سان مليو ۽ سڀني خوشيون ڪيون.

ٿوري ئي وقت ۾ جادوگر کي ڪنهن اچي ٻڌايو تہ ممتاز صحيح سلامت ويٺو آهي، تڏهين دانهن ڪري پٽ تي ڪري پيو ۽ غش ٿيو پيو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهين رئڻ لڳو. چي، هي مصيبت جا منهنجي پنيان پيئي آهي، سان ڀانئجي ٿو تہ آخر نهوڙي نينديءِ جيئرو رهڻ ڪين ڇڏيندي.

## ممتاز جي طلسم ڪامل ڪوٽ تي چڙهائي ۽ ان قلعي جي حاڪم کي مارڻ

ممتاز طلسمات ڪامل ڪوٽ تي چڙهائيءَ جو ارادو ڪيو پر اڳ ۾ ڪتاب ڪليد السحر کي کولي ان مان ڏسڻ لڳو. معلوم ٿيس تہ اي حملو ڪندڙ خبردار ٿي، هن طلسم کي ٽوڙڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪانهي، هي ڪوٽ سڀني کان وڏو آهي، جيڪي ڪوٽ اڳي ٽوڙيا ويا آهن، تن جا سڀئي جادوءَ جا نمونا هن منجهہ رکيل آهن. گويا تون وري دوباره انهن کي ٽوڙڻ جو ڪم ڪندين. توکي کپي تہ لشڪر ڪنهن هنڌ لڪائي، پوءِ اڳتي هلنديَ تہ شيخ زاهد جي جاءِ ڏسندين. انهيءَ جاءِ کي چوڏاري ڀاٽي آهي ۽ ٻيٽ وانگر آهي. توکي ڀهريائين لشڪر سمورو درياهہ مان پار ڪرڻو پوندو. تون درياهہ جي ٻاهران اسم اعظم جو ڪڙو چاڙهي ڇڏ تہ اهو ڀاٽي جادوءَ کان آجو ٿي تنهنجي لشڪر کي ڪم ايندو. انهيءَ ڪوٽ جو حاڪم بوقلمون جو پٽ اڪمل جادوگر آهي، تون اهي هنڌ سڀئي سلامت سان لنگهي وڃين تہ اڳتي واريءَ جو ملڪ ڏسندين، ان ۾ هڪڙو منارو تمام اتاهون آهي ۽ مٿس قبو آهي، پر هتي وڃڻ لاءِ ڪو در دروازو نہ آهي، پوءِ مشڪل سان ڏاڪڻ جي توکي هٿ اچي وڃي تہ مٿي چڙهندو هيءَ دعا پڙهندو وڃج! "رب انی مغلوب فانتصر" انهيءَ قبي ۾ جا لوهي تختي رکيل آهي، سا جيڪڏهين تو پيچي پرزا پرزا ڪئي تہ پوءِ تو جڻ فتح ٿي، ان کان پوءِ اڪمل جادوگر سان توکي لڙائي ڪرڻي پوندي. پوءِ تہ هٿن جي صفائي آهي، ان ۾ هر ڪنهن کي پنهنجا هٿ ڇڏائيندا.

شاهزادو بسم الله ڪري، خدا تي توڪل ڪري هليو ۽ ڪتاب جي هدايت موجب سڀ ڪم پورو ڪري، اهو ڪوٽ بہ ناس ڪيائين. صبوح ٿيو تہ اڪمل جادوگر ڪئين لک جادوگر وٺي آيو پر جادو جي لڙائي ڪانہ هئي، هٿن جو ڪم هو تنهن ۾ شاهزادي ۽ سندس لشڪر بهادري ڏيکاري. اڪمل جادوگر کي قيد ڪري، ان کي ڀهري هيٺ رکايو ۽ 3_4 ماڻهو اتي رات ڏينهن اسم اعظم پڙهندا رهن تہ متان اڪمل جادوگر جادوءَ جي زور تي نڪري ڀڃي نہ وڃي.

اها ڳالهہ بوقلمون ٻڌي سر پٽڻ لڳو. آخر دل ۾ چيائين تہ ٻيو جي ڪري نٿو سگهجي، تہ بہ همت نہ ڇڏڻ گهرجي، سو هڪڙو خط لکي ممتاز کي موڪليائين. جنهن ۾ لکيائينس تہ مون وڏي گناهہ جو ڪم ڪيو آهي، جو پنهنجي جادوءَ جي زور تي مغرور ٿي اڳ پوءِ جي ڪابہ خبر ڪانہ رکيم ۽ پنهنجي هستيءَ کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ ڪونہ سمجهيم. هاڻي پشيمان ٿيو آهيان تہ مون

ناحق چندر بدن واسطي هيڏو جهڳڙو پيدا ڪيو. مون کي ڪپندو هو تہ اها اوهان کي موڪلي ڏيان ها ۽ مفت ۾ پنهنجي هٿن سان پنهنجي بربادي نہ ڪريان ها. هاڻي بہ ويل ويئي ڪانہ آهي، انسان خطا جو گهر آهي، مون کي اميد آهي تہ مون کي معافي ڏيندين. آئون چندر بدن کي ڏياري موڪليندس ۽ اوهين منهنجي پٽ اڪمل جادوگر کي آزاد ڪري موڪليندا ۽ پاڻ لاءِ منهنجي غلامي قبول ڪندا ۽ ملڪ بينظير جي شاديءَ وقت بہ مون کي گهرائيندا.

شهزادي اهو خط پڙهيو. دمساز چيو تہ هن تي اعتبار ڪونهي. ممتاز چيو تہ اسان کي ڇا ڪندو جيڪڏهن دغا يا فريب ڪندو تہ پاڻ سزا پائيندو. شهزادي جواب لکيس تہ انسان کي جيڪو پوءِ عقل اچي ٿو سو جيڪڏهن اڳ ۾ اچي تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي. هاڻي جيڪڏهن تون پشيمان ٿيو آهين تہ اسين بہ توکي معاف ٿا ڪريون. تون پنهنجو سموزو ملڪ وري وڃي سنڀال. اسان ڏانهن چندر بدن کي يڪدم موڪلي ڏي تہ اسين تنهنجو پٽ اڪمل توڏانهن موڪليون، پر جي دغا يا فريب ڪندين تہ تمام هلاڪ ٿيندين.

اهو جواب لکي قاصد کي ڏنائين، جنهن وڃي بوقلمونءَ کي پهچايو سو پڙهي دل ۾ خوش ٿيو تہ وري بہ هيڪر دشمن منهنجي چنبي ۾ اچي ويندو پوءِ يڪدم پنهنجي شڪل راڻي چندر بدن جي بنائي، ڏوليءَ ۾ پاڻ ڪٽائي اچي ممتاز کي مليو. جنهن ان کان حال احوال پئي ورتو. انهيءَ گفتگوءَ ۾ وجهہ وٺي شهزادي کي بيخبر منتر سان ان جي زبان اسم اعظم سان بند ڪري، يڪدم ٻڪ وجهي، ڪٽي مٿي اڏاڻو ۽ وڃي پنهنجي قلعي ۾ لاٿائينس.

پوءِ پنهنجا صلاحڪار جادوگر گهرائي، انهن کي چيائين تہ هن انسان منهنجو گهر سڄو تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري مارڻ ڪانسواءِ جيئرو اصلي ڪونہ ڇڏيندوسانس. بيشڪ جادوءَ جي قاعدي موجب ماڻهوءَ کي مارڻ جي ڪري جو انجام ٿيڻو آهي ۽ ان جي سزا منهنجو بہ موت آهي، پر آئون دشمن کي اکين سان مرندو ڏسي خوش ٿيندس، پوءِ جيڪڏهن منهنجو سر ويو تہ حرڪت ڪانهي. اوهان جي انهيءَ باري ۾ ڪهڙي صلاح آهي. جادوگرن ڪاوڙجي چيس تہ تون جي انجام پڇندين تہ اسان جو توکي ڪهڙو پروسو رهندو تنهن ۾ اهو ڪم اصلي نہ ڪر. باقي بند ۾ پيلي رکينس، مگر بوقلمونءَ انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان ڪونہ ڏنو. يڪدم ماڻهن ۾ ڍنڍورو ڏيارايائين تہ اڄ دشمن کي سر ميدان ڦاسي ڏياربي، جنهن کي تماشو ڏسڻو هجي تہ پيلي ڏسي. پوءِ تہ سڄو شهر اچي اتي گڏ ٿيو.

ممتاز ڏٺو تہ هي اڄ پنهنجي هٺ کان هيٺ نہ لهندو ۽ اهو ڪم ضرور ڪندو سو خاموش رهيو پر دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ڇا ڪجي. انهيءَ فڪر ۾ هو تہ جلاد چيس: هاڻي تنهنجي پڇاڙيءَ جو وقت آهي، جيڪو چوڻو هجي ئي سو پيلي چئہ.

شهزادي کي ڪا ڳالهہ ياد اچي ويئي، ان کي چيائين تہ حقي جي ڦوڪ پريندس، سو اهو مون کي آڻي ڏي. هن حقي جي ڦوڪ جي بهاني سان راجا اندر جي پٽ گندرپ سين جي منڊي جا ڪيس مليل هئي، جنهن لاءِ ڪيس ڪنور چيو هو تہ گهرج جي وقت هن منڊيءَ کي باهہ جو سيڪ ڏيندين تہ

آئون اچي حاضر ٿيندس، سو اها منڊي ڪڍي حقي جي ٽانڊي تي رکيائين. اجا ان کي ٿورو سيڪ آيو ٿي مس تہ اک ڇنڀ ۾ راجا اندر جو پٽ تخت تي ويٺل هزارها ديون ۽ پريزادن سان اچي حاضر ٿيو. شهزادي کي قاسيءَ جي تختي تي ڏسي يڪدم ڇنبن ۾ باز وانگر ڪٽي اڏامي ويس ۽ وڃي سندس لشڪر ۾ لاٿائينس، جتي شهزادي جا سنگتي ۽ لشڪر سيئي فڪر ۾ ويٺا هئا.

سيئي ممتاز کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ راجا سان سيني جي واقفيت ڪرايائين ۽ ٻڌايائين تہ هي مهاراجا اندر جو پٽ ڪنور گندرپ سين آهي، جو منهنجو پڳ مٽ ڀاءُ آهي. جنهنڪري دمساز تاج الملوڪ وري ڀيو پيرو ڪنور سان محبت سان خوش ڪيڪار ڪري، ان جي اچڻ ڪان خوشي ڏيکاري. ڪنور ممتاز کي چيو تہ هن ٿوري لشڪر سان توکي اچڻ جو ضرور ڪهڙو هو اسان ۾ توکي اميد ڪانہ هئي ڇا؟

ممتاز چيس: ڀاءُ هتي لشڪر جي لڙائي ڪانهي، پر جادوءَ جي لڙائي آهي، تنهنڪري اجا لشڪر جو ضرور نہ آهي.

ڪنور چيو: هاڻي آئون صفائيءَ ڪانسواءِ هتان نہ ويندس ۽ ڇئني طرفان خط لکيا ويا، جتان لکها ديون جو لشڪر سڄي رات پئي آيو. صبح جو بوقلمون جي ماڻهن ڏٺو تہ ماڪوڙين ڪان بہ زياده ديون جو لشڪر اچي پهتو آهي، تڏهين ان کي وڃي ٻڌايائون تہ اڄ ممتاز جو لشڪر جو رات وچ ۾ اچي ويو آهي، سو شمار ڪان ٻاهر آهي، جو هڪڙيءَ عورت جي واسطي هيترن ماڻهن کي ڪٽي آزار ۾ وڌو اٿئي، اگر تہ پيچي وڃڻ جو رستو بہ هو هاڻي اهو بہ بند آهي، جو ممتاز ڇئني پاسن تي لشڪر جو جٿو وهاري ڇڏيو آهي، جنهن جي وچان ڪوبہ ٻاهر وڃي نٿو سگهي، تون اسان کي رڳا ڪوڙا دلبا ڏيئي مارائيندين.

هينئر بوقلمون جو تمام خراب حال هو. چوطرف پادر وڪوڙي آيا هئس، پر اجا ڪا اهڙي سولي ڳالهہ ڪانہ هئي. هي لشڪر جيڪو ممتاز گهرايو هو سو بوقلمون تائين پهچڻ مشڪل هو چو تہ اجا بہ جادوءَ جي ديوار وچ ۾ هئي، هڪڙو ٻاهہ جو درياهہ تنهن ڪان پوءِ خوفناڪ جانورن جو درياهہ. تنهن ڪان پوءِ وري پاڻيءَ جو درياهہ هو. اهي ٽيئي درياهہ پار لنگهڻ ڪانسواءِ بوقلمون وٽ پهچڻ مشڪل هو.

ممتاز چيو: فڪر نہ ڪريو ڏٺي ڪندو تہ سڀ ڪم آسان ٿي پوندو. ڪتاب ڪليد السحر ۾ کولي ڏٺائين تہ ان ۾ لکيل هو تہ جيڪو بوقلمونءَ تائين پهچڻ گهري، تنهن کي اهي ٽيئي درياهہ هن طرح لنگهڻ گهرجن. جو پهرين درياهہ مان لنگهندي "اسم اعظم" پڙهجي ۽ ٻئي درياهہ مان لنگهڻ وقت "ياحي ياقيوم" پڙهڻ گهرجي ۽ ٽئين درياهہ مان لنگهڻ وقت "ناد علي" سڳوري پڙهڻ گهرجي تہ جادوءَ جو اثر هليو ويندو ۽ آسانيءَ سان لنگهي پار پئبو. پوءِ ڪتاب جي عمل موجب ڪيو ويو ۽ اهي سڀ درياهہ پار اڪري وڃي بوقلمونءَ جادوگر جي ڪوٽ لڳ پهتا.

جيتوڻيڪ ڪوٽ ڏسڻ ۾ ويجهو هو پر ان تائين پهچڻ لاءِ ڪتاب مان ڏاڍي مشڪلات ڏسڻ ۾ ٿي آئي. لکيل هو تہ پهريائين توپن سان اهو ڪوٽ ڪيرائجي، ان ۾ جادو جي پٿرن جي برسات

وسندي. پر اسم اعظم هردم خيال ۾ هجي ته اهي سموريون حالتون ناس ٿي وينديون ۽ جادو جو اثر بلڪل نڪري ويندو. پوءِ لڙائي ٿيندي، ان ۾ سوپ حاصل ڪرڻ همت جو ڪم آهي.

انهيءَ وچ ۾ پرفن جادوگر خط لکيو ته جيئن ٻين بادشاهن کي لشڪر وٺي اچڻ لاءِ لکيو ويو هو. تيئن هن غلام کي به ياد ڪرڻ ڪپندو هو پر الاجي ڇو وساريو ويو. تنهن هوندي به سپاٽي آئون ۽ لشڪر سميت اچي حاضر ٿيندس.

هوڏانهن وري بوقلمون به پنهنجو لشڪر تيار ڪري، گهمندو لڙائيءَ جو نقشو جاچيندو. هيڏانهن هوڏانهن پئي ڏٺو ته اوچتو نظر پئجي ويس ته ممتاز ۽ ڪنور گندرپ سين ۽ رائل بحري ۽ ٻيا جيڪي به مددگار آيل هئا، سي هڪڙيءَ لڪل جاءِ ۾ ويٺا لڙائي جي صلاح مصلحت ڪن. پر ڪاٻه پنهنجي پرائي يا دشمن جي سڌ ڪانه اٿن. اهڙا ته پنهنجن خيالن ۾ محو آهن، جو ڄڻ دنيا کان ئي بي خبر آهن. سو ڏاڍو خوش ٿيو. دل ۾ چيائين ته وقت اهو آهي، واڇوڙو ٻڌجي سڀني جو زبانون بند ڪري، انهن کي ڪٽي آٽي پنهنجي ڪوٽ ۾ قيد ۾ رکيائين ۽ خوشي ڪرڻ لڳو ته هاڻي آئون انهن جي آزار ۽ تڪليف کان ڇٽي پيس. هاڻي منهنجي دل جي مراد سموري پوري ٿي. هاڻي خالي لشڪر مهندارن کانسواءِ ڇا ڪري سگهندو اول انهيءَ ننڍڙڪي لشڪر کي پڄايان، پوءِ هنن مان هڪڙي هڪڙي جو ڪم لاهيندو انهن جي وجود کان دنيا کي خالي ڪندو وڃان.

هوڏانهن جيڪي لشڪر آيل هئا، تن جي سپهه سالارن پنهنجي لشڪر کي گڏي سڀني کي چيو: يارو پنهنجا حاڪم جادوگر قيد ڪري ويو آهي، پر حرڪت ڪانهي، همت ڪندا ته ميدان پنهنجو آهي، گيدي ٿيندا سين ته پوءِ سر به وڃائيندا سين ۽ دنيا ۾ به بدنام ٿيندا سين، ڇو ته هينئر هن جادوگرن کان پڄي وڃڻ به سؤلو ڪونه آهي، تنهن ڪان چونه سورهيائي سان سر ڏيون. پوءِ فتح شڪست خدا جي اختيار آهي.

سيئي انهن ويچارن ۾ ويٺا هئا ته متان پرفن به لشڪر وٺي آيو ان شهزادي ممتاز ۽ ٻين آيل حاڪمن جي پڇا ڪئي، پر سڀني کي شڪ هو ته متان هي جاسوس يا بوقلمون جو ساٿي هجي، سو انهن چيس ته شهزادو ۽ ٻيا سمورا ڪنهن صلاح ڪرڻ لاءِ ٻاهر ويا آهن، مگر هو سمجهي ويو ته هي مون کان لڪائين ٿا، پر آخر چڱيءَ طرح جاچ ڪندي، ماڻهن کي پنهنجي سچائيءَ جي خاطري ڏيندي معلوم ٿيس ته جادوگر سڀني کي واڇوڙي جي صورت ۾ قيد ڪري ڪٽي ويو آهي. هن کي اهو ٻڌي ڳڻتي ٿي، پر پوءِ دل ۾ چيائين ته بوقلمون انهن کي مارائي ڪين سگهندو باقي قيد ۾ رکيو هونداٿين. پوءِ اڪمل جادوگر جو ممتاز وٽ قيد هو ان وٽ قيد ۾ وڃي ان سان صلاح مصلحت ڪيائين، جنهن چيس ته ادا آئون ڪيترن ڏينهن کان وٺي مسلمان آهيان ۽ شهزادي جو سچو خير خواه آهيان. خبر نه آهي ته هن جو ڀروسو انهيءَ ڳالهه تي ٿئي يا نه. جيڪڏهن مون کي قيد مان ڪڍيو وڃي ته آئون هڪ لحظي ۾ پنهنجي پيءُ جي تلوار سان سندس سسي لاهي، جيڪر دنيا تان جهڳڙو تاري ڇڏيان.

پرفن ڏٺو ته هن جي سچائيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي، سو چيائين ته توکي آفرين آهي. هاڻي آئون ڪا تجويز ڪريان ٿو جنهن ۾ اميد ته ڪم راس ٿي ويندو. تون خيال نه ڪر، آئون پاڻهي ممتاز کي سمجهائي تنهنجي سچائيءَ جي ساک ڏيندس.

پوءِ پرفن ڇا ڪيو جو هڪ پريزاد جي سهڻي شڪل ۾ پاڻ کي بنائي، راجا اندر جو قاصد بنجي، پنهنجا ٻه ٻئي ماڻهو پاڻ سان کڻي، بوقلمون وٽ هڪڙو راجا اندر جو خط کڻي آيو جنهن ۾ لکيل هو ته توکي ائين لائق نه هو جو تو منهنجي پٽ ڪنور گندرپ سين کي قيد ڪيو آهي، هن جي اها ڀل هئي، جو منهنجي موڪل کانسواءِ ممتاز جي ڪم ۾ ٽپي پيو پر هن سان ٻائپائيءَ جو ناتو هوس، تنهنڪري ٻه ان کي ڪا ميار ڏيڻي نٿي سگهجي، پر تنهنجي ۽ منهنجي ته جهوني دوستي جي واٽ آهي، توکي دوستي جو ناتو سڃاڻي، ان کي مون ڏانهن موڪلي ڏي ٻين سان اسان جو ڪم ڪونهي، پر جيڪڏهين تون هرويرو پنهنجي ڏاڍ مڙسي جي آڪڙ ڏيکاريندين ته پوءِ سڄي ڪوه ڪاف جا ديوءِ جادوگر گهرائي توکان عيوض ضرور وٺندس، توکي خبر آهي ته سحر ۽ جادو ڪرامت ته اسان کان ٿي سڀ سکيا آهن، پوءِ تون جي اسان سان سينو ساهيندين ته ڏٺو ويندو.

بوقلمون اهو خط پڙهي دل ۾ ڏاڍو پڇتاءُ ڪيائين ۽ چوڻ لڳو سچ ته مون کي ائين ڪرڻ نه کپندو هو پر شڪر جو مون ان کي ڪو ڏيک نقصان ڪونه پهچايو آهي. پوءِ قيد خاني ۾ وڃي گندرپ سين ڪنور کي اتان ڪڍي، عزت آبروءَ واري پوشاڪ پهرائي، ان کي ڇڏي ڏنائين ۽ داروغي کي چيائين ته باقي ٻين تي چوڪسي رکي. پرفن جو قاصد جي صورت ۾ آيو هو سو پنهنجي هن اٽڪل تي ڏاڍو خوش ٿيو تنهن ڇا ڪيو جو پنهنجي ماڻهن کي چيائين ته اڄ اوهان جي سچائي جي پرک جو ڏينهن آهي، آئون اوهان کي انعام ٻه ڏيندس ۽ هميشه لاءِ سکيو رکندس. انهن چيو ته سائين چئو ٻلاشڪ اسين سر ڏيڻ سوڌو تيار آهيون. پرفن انهن پنجن ماڻهن مان هر هڪ کي ممتاز رائل بحري ۽ ٻين شاهزادي جي يارن جي صورت ۾ بڻايو جيڪي اندر جيل ۾ هئا ۽ ڪنهن تجويز سان اندر وڃي شاهزادي کي مليو چيائينس ته سائين چڱي منهنجي يادگيري ڪئي اٿوَ. هاڻي انهن ڳالهين جو وقت نه آهي، پوءِ همت ڪري سيني کي آزاد ڪري، انهن جون هٿ ڪڙيون، انهن مصنوعي تيار ڪيلن کي وجهي، شهزادي ۽ سندس سيني همراهن کي ساڳيءَ اٽڪل ۽ رستي سان ٻاهر ڪڍي آيو جنهن نموني اندر ويو هو.

پوءِ سيئي ممتاز جا سنگتي ڪنور سميت آزاد ٿي اچي لشڪر ۾ پهتا ۽ پرفن جادوگر جو سيني تي احسان ٿيو ۽ سيني سندس واهه واهه ڪئي. ڇو، هي بيشڪ ممتاز جو دل گهريو دوست آهي ۽ سيني بادشاهن جي پرفن سان ڄاڻ سڃاڻ ۽ واقفيت ٿي، جنهن ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو. هوڏانهن بوقلمون اچي ڏسي ته گندرپ سين ۽ ممتاز توڙي ان جا سيئي سنگتي پاڻ ۾ خوش ۽ محفلون پيا ڪن ۽ اها ٻه خبر پيس ته اهو قاصد پرفن هو جو نڱي ڪري سيني کي ڪنهن اٽڪل سان قيد مان ڇڏائي ويو پوءِ هو يڪدم جيل خاني ۾ ويو اهي جيڪي هٿرادو ماڻهو بند هئا، انهن کي چيائين: اڙي! اوهان کي منهنجو ٻه ڀپ ڪونه ٿيو انهن چيس ته ڀپ ڪهڙو ٿيندو سر ته اسين سهسائي پوءِ انهيءَ ڪم ۾ گهڙياسون. هاڻي جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو اسان کي مارائي ڇا ڪندين. انهيءَ مان توکي ورندو ته ڪجهه ٻه ڪين، توکي ٻه ته جلد ٿي مرڻو آهي، ڇو ته جيڪي هتان نڪري ويا آهن، سي ڪو ماٽ ڪري ڪونه وڃي وهندا. بوقلمون انهن جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙجي ٻه پيوءِ ڪلي ٻه پيو. آخر دل ۾ خيال ڪيائين ته هاڻي ڪم ته لهي ويا، رڳو هنن کي مارائڻ مان مون کي ورند ته ڪجهه ٻه ڪين. پوءِ

انهن کي بہ ٽڪ بجو ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. جي وچي گهر ۾ ٻچن سان سکيا ٿيا ۽ آئنده جو انتظار ڪرڻ لڳا تہ ڪڏهن ٿو پرفن اسان کي هن پلائي جو بدلو ڏئي.

ان ڪان پوءِ ممتاز وري ڪليد السحر ڪتاب ۾ ڏٺو تہ لکيل هو تہ هاٿي جادوءَ جو اثر سمورو هليو ويو آهي، هينئر هر ڪنهن کي هٽ ڇڏائين، هتي جيڪو سوريهہ هوندو سو ميدان کٽيندو.

شهزادي پنهنجي سنگتين کي چيو تہ هن جو سحر ۽ جادو مون سمورو ناس ڪري ڇڏيو آهي.

هاٿي بازيءَ جو ميدان آهي. سيني چيو تہ ان لاءِ تہ اسين هتي تيار آهيون. پوءِ سيني لشڪرن کي هدايت ڏيئي گڏ ڪري، جنگ جو ميدان تيار ڪرايو ويو. بوقلمون بہ پنهنجو لشڪر وٺي ويو.



آخري جنگ جو آغاز

جنگ شروع ٿي، عيدالاضحيٰ وارو ڪوس جو ميدان هو رت جون نديون پئي وهيون. جنهن ۾ لاش پئي تريا. ڪيترا جادوگر بيشمار خفا خون ٿي جهنم ۾ داخل ٿيا. جيڪڏهن بوقلمون جادوءَ جو زور هلايو ٿي تہ پرفن ۽ تاج الملوڪ اهو رد ڪري ٿي ڇڏيو. آخر بوقلمونءَ جو سر تلوار سان اڏايو ويو جو پڙ وڃي هاويءَ جي تري ۾، يعني وڏي دوزخ جو ٻڪ ٻٽيو.

چوطرف مبارڪ باد جا آواز ٿي ويا. قمر طلعت ۽ چندر بدن کي جيل مان ڪڍي، سيني سنگتين سميت منزل گاهہ تي موٽي آيا. پوءِ بوقلمون جي پٽ اڪمل کي قيد مان ڪڍائي، ان کي عزت آبرو سان وهاري، سيني حاڪمن جي صلاح سان ڪيس ملڪ جو بادشاهہ ڪيو ويو ۽ ان کي دوستاني رستي سمجهايو ويو تہ پنهنجي پيءُ وارو رستو ڇڏي، هميشہ خدا پرستيءَ جو رستو وٺي، خلق جي خدمت ڪري، ماڻهن جون دليون راضي ڪرڻ گهرجن ۽ ممتاز جا ٻيا جيڪي سنگتي هئا، تن کي بہ انعام اڪرام ڏنا ويا ۽ پوءِ سيڪو موڪلائي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو.

# پڇاڙي

**شهزادي جو دمساز ۽ تاج الملوڪ سان گڏ چندر بدن کي وٺي ملڪ بينظير وٽ پهچڻ ۽ ماءُ پيءُ کي گهرائڻ ۽ شادي ڪري سيني ڪنوارين سان پنهنجي اباڻي ملڪ وڃڻ**

پوءِ شهزادي ممتاز اتان منزل ڪنئي. هلندي هلندي پهريائين انهيءَ درويش وٽ آيا، جنهن هيڏي مدد ڪئي هئي. شهزادو اچي ان جي پيرن تي پيو جنهن دعا ڪري خوشي ڏيکاريس ته بابا شابس هجيئي! مردن جو ڪم اهو آهي، جو دنيا ۾ پنهنجو نالو زنده ڇڏين. اڄ دنيا ۾ يادگار نالو به مردن جو آهي، جن تي قبا پيا اڏجن. گدڙن تي قبا ڪونه اڏبا آهن. پوءِ شاهزادو اتان موڪلائي اچي ملڪ بينظير جي ملڪ ۾ پهتا. سڄي شهر ۾ هل پئجي ويو ته شهزادو ملڪ چندر بدن کي وٺي خير سلامتيءَ سان اچي پهتو آهي ۽ ملڪ ۽ بين راڻين کي به خبر پئجي ويئي، سي سڀيئي هار سينگار ويس وڳا ڪري، پنهنجي دل گهرئي دوست جي ملاقات جي انتظار ۾ ويٺيون ته مٿان شهزادو به اچي ويو ۽ ڏاڍيءَ خوشيءَ مان هر هڪ پنهنجي دل گهرئي محبوبا کي ڀاڪر پائي مليو ۽ سيني کي گڏ وهاري پنهنجي مسافريءَ جي تڪليفن جو احوال اول کان وٺي آخر تائين ٻڌايائين، جو ٻڌي سيني واه واه ۽ آفرين چئي.

چندر بدن پنهنجي ماسات ملڪ بينظير سان ملي ۽ مهاسندر جو وري پنهنجي ڀاڻيجي تاج الملوڪ سان ميلاپ ٿيو ۽ خورشيد طلعت سان سندس ڀيڻ قمر طلعت جو ميلاپ ٿيو جا بوقلمونءَ جادوگر وٽ قيد هئي. سيني جي وچ ۾ ڪي ورهين جا وڇوڙا هئا ۽ سڀ ڪو اهڙي هنڌ سوگهو هو جتان جيئري ڪنهن جي موٽڻ جي طاقت نه هئي، پر ڏٺي سگهوري سيني جي دلين جا مقصد ممتاز جي وسيلي پورا ڪيا.

پوءِ مهاسندر ملڪ بي نظير کي چيو: ادي تون بيشڪ ڀاڳن واري آهين، جنهن جا سيئي دل جا مطلب پورا ٿيا، پر اهو ته ٻڌاءِ ته اهڙا ڏکيا سوال توکي ڪنهن سيکاريا هئا، جي اسان پرين جي خيال کان به ٻاهر آهن. بي نظير چيس، منهنجي مٺي ڀيڻ! ڳالهه هئين هئي، جو مون هڪڙي ڏينهن مٿي پٺي راند ڪئي اها چاندوڪي رات سهائي ڪڙي بيٺي هئي ته مٿان هڪ پري اچي لنگهي، تنهن مون کي ڏسي ورتو ۽ مون تي دل ٿيس پيس. منهنجي ماءُ سان ملي، ان کي ڳالهه ٻڌايائين ته هيءَ نينگري مون کي گهڻو وڻي ٿي، جي تنهنجي منع نه هجي ته آئون ڪڏهين ڪڏهين هن کي اچيو ڏسان. منهنجي ماءُ چيس: ادي تنهنجوئي ٻچو آهي، بلاشڪ اسان جي گهر ايندي رهه! اسين گهڻو خوش ٿينداسون ۽ هي منهنجو نالو بينظير به انهيءَ پريءَ رکيو.

پٽ جي فراق ۾ روئي روئي بيحال ٿي پيئي هئي. ممتاز جو پيءُ ماءُ جڏهين آيا تڏهن هو انهن جي پيرن تي وڃي ڪريو ماءُ ويچاري پٽ کي پاڪر پائي درد فراق مان رنو جنهن کي سيٺي سمجهايو ته مائي وڏي هي وقت رئڻ جو نه آهي، خوشي ڪر ۽ شڪر ڪر جو ههڙو صالح سپاڳو پٽ ڄڻيئي، جنهن جو نالو دنيا جي دفتر تي قائم ۽ يادگار آهي. پوءِ ممتاز جي ماءُ پنهنجي نهرن سان ملي، انهن جو حسن ڏسي خوش ٿي. دمساز به پنهنجي پيءُ سان مليو ۽ سمورو مسافريءَ جو بيان پيءُ کي ٻڌايائين، جو خوش ٿيو ته منهنجو پٽ بيشڪ حلالي ۽ نمڪ حلال آهي. جنهن سر جي سٽ ڏيئي سچو وقت سچائيءَ ۽ وفاداريءَ سان يائرن وانگر ممتاز جي خدمت ڪئي آهي، پوءِ ته شاديءَ جي تياري ٿي پندرهن ڏينهن پئي شاديءَ جو جشن هليو. مقرر رات تي قاضي گهرايو ويو جنهن ملڪ بينظير سان ممتاز شهزادي جو 5 رپين وارو پختو نڪاح پڙهيو انهيءَ رات جو شهزادي بينظير راج راڻي واريءَ ڏوليءَ ۽ جهان بانوءَ جي چپر کٽ تي چڙهي ويئي. مهاسندر پنهنجو ناچ گانو ڪري سڄيءَ مجلس کي حيران ۽ محو ڪري ڇڏيو پوءِ گهوٽ ڪنوار آخر رات خلاصا پاڻ ۾ مليا، ورهين جا وڇوڙا لٿا.

ان بعد شهزادي نيم ٻڏي ڇڏيو ۽ باقاعدي هڪ هڪ رات هڪ هڪ راڻيءَ وٽ آرام ڪندو هو ۽ سيني جي پاڻ ۾ محبت ۽ پورو اتفاق هو ۽ سيئي هڪ ٻئي تي ساهه پيون ڇڏينديون هيون. آخر جيڪي مهمان آيا هئا، سي موڪلائي سڀ ڪو پنهنجي وطن ڏي ويو ۽ ممتاز به پنهنجين راڻين ۽ ماءُ پيءُ سميت گڏجي پنهنجي اباڻي وطن ۾ آيو.

پٽس چيس: بابا هاڻي آئون ٻڍو ٿيو آهيان، حڪومت جو بار پنهنجن ڪلهن تي جهلي پورو ڪر، جو تنهنجن پائرن جا حال توکي ساريل آهن. ممتاز سيني جي صلاح ۽ مرضيءَ سان حڪومت جي واڳ هٿ ۾ رکي. اهڙيءَ طرح راڄ ڪيو جو عدل ۽ انصاف جي ڪري شينهن ٻڪري هن جي راڄ ۾ گڏ هڪڙي تڙ تان پاڻي پيئندا هئا ۽ ماڻهن جون دليون منجهائنس هر طرح راضي هيون ۽ اندر محلات ۾ به ان جو سڀ ڪنهن طرح قاعدو قانون اهڙو هو جو ڪنهن کي به ناراضگيءَ جو سبب ڪونه هو.

هوڏانهن دمساز جي پيءُ وزير زادي به شهزادي کان موڪل وٺي حج بيت الله وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ دمساز ته اڳيئي ممتاز سان گڏ هو روح به هئا مگر جسم هڪڙو هو. تنهن ڪري وزارت جو قلمدان سندس حوالي ڪري، ٻئي يار پائرن وانگر ڪوبه سنڌو ۽ تفاوت رکڻ بنا ڪم ڪار حڪومت جو هلائڻ لڳا.

جيئن ڏٺي سڳوري ممتاز جي من جون مرادون پوريون ڪيون، تيئن هن مسڪين آزاد صوفي جا به دل جا مقصد پورا ڪري، يعني ته ان کي ڪا پرين ۽ راڻين جي گهرج نه آهي، پر ان جي اها گهرج آهي ته ايمان جي سلامتيءَ سان شال ان جو خاتمو دنيا مان ٿئي. آمين!